Sindhi Translation
Of
WAR & PEACE

جنگ ۽ امن

ٽالسٽاءِ

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون لوچو وهه لوبار

صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

جنگ ءِ امن

(ناول)

ڈالسٹاء

قیمت: ڈہ روپیہ

رابیل پبلیکشن

Soorih Mirani

رابيل پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر ۲۵

سال :-	۱۹۸۵
دفعو :-	پهريون
ترجمو ڪندڙ :-	بهاري لال
ڇپائيندڙ :-	رابيل پبليڪيشن لاڙڪاڻو
ڇپيندڙ :-	سردار پريس حيدر آباد
تعداد اشاعت :-	هڪ هزار
ٽائيٽل ڪور :-	الائيڊ پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو.

(ترجمي جا سڀ حق واسطا قائم)

قيمت :- ۱۰-۰۰

Soorih Mirani

مهاڳ

"جنگ ۽ امن" روس جي دنيا-مشهور ليکڪ ليو ٽالسٽاءِ جو سڀ ۾ سٺو ناول ڪري مڃيو ويندو آهي. هن ناول ۾، نيپولين جي روس تي چڙهائيءَ واري لڙائيءَ جي تواريخي پس منظر تي، روس جي ٽن امير ڪٽنبن جي زندگيءَ کي وٺي، روسين جو اُن جنگ طرف رد-عمل نهايت ئي حقيقي ۽ ڪماليت جي انداز ۾ ڏيکاريو ويو آهي. جنگ جا دل-ڌڏڪائيندڙ نظارا خواه صلح جا دلفريب منظر هڪجيتري خوبيءَ سان بيان ڪيا ويا آهن. اهوئي سبب آهي جو قريب هڪ سؤ سال گذرڻ تي به، دنيا جي تمام ٻولين جي ساهت ۾ هن ناول کي اهم درجو مليل آهي.

هي ناول اصل ۱۰۰۰ کن صفحا آهي، جنهنجا مڪمل خواه ننڍا ٿيل، ڪيترا ئي ڇاپا شايع ٿيل آهن. موجوده ترجمو، انهن ننڍي ٿيل ناولن مان، ننڍي ۾ ننڍي تان ڪيو ويو آهي؛ انڪري هن ترجمي کي ناول جي مختصر ڪهاڻي سمجهڻ ئي صحيح ٿيندو. جيتوڻيڪ مختصر ڪهاڻي لکڻ جو ڪم، بيحد آزمودگار

۾ قابل ليکڪ ڪيو آهي، تڏهن به لازمي آهي ته ۱۰۰۰ صفحن جي ناول کي ۱۰۰ صفحن ۾ آڻڻ سان ڪوبه شخص اُن سان پورو انصاف نه ڪري سگهندو انڪري اگر پڙهندڙن کي ناول پڙهندي ڪو واقعو غير حقيقي يا ڪو دليل صحيح منطق تي نه بيٺل يا ڪو ڪردار چٽو نظر نه اچي ته اها گهٽتائي ناول يا ليکڪ جي نه، بلڪ مختصر ٿيڻ سبب ڄاڻڻ گهرجي. ناول کي صحيح انداز ۾ سمجهڻ لاءِ اُن کي مڪمل روپ ۾ پڙهڻ ضروري آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هن مهل تائين ٽالسٽاءِ جون ڪافي اخلاقي ڪهاڻيون شايع ٿيل آهن، جنگ ۽ صلح جي مختصر ڇاپي جو هي ترجمو اِن اُميد تي شايع ڪيو وڃي ٿو ته پڙهندڙ ان مختصر ڪهاڻيءَ کان متاثر ٿي وڏو ڇاپو پڙهڻ لاءِ خواهان ٿيندا ۽ ڇپائيندڙ مڪمل ڇاپي جو نه، ته ڪي قدر ننڍي ٿمل ڇاپي جو ترجمو شايع ڪرڻ همت ڀڙيندا.

ڪائونٽ ليئو نڪولائيوچ ٽالسٽاءِ جو جنم ۱۸۲۸ سال ۾ روس جي ياسنا ياپولنايا شهر ۾ ٿيو هو. اهو شهر ماسڪو کان ۱۲۰ ميل پري آهي ۽ اتي ٽالسٽاءِ جي وڏن جي شاهي جاگير هئي، جتي رهندي هن جي زندگيءَ جو وڏو حصو گذريو.

ٽالسٽاءِ پنهنجي پوري حياتي اميرائي ڍانچي ۾ گذاري، جيتوڻيڪ ننڍپڻ کان ئي عام اميرن کان

بلڪل نرالو هو. سندن ڏينهن ۾، روس ۾ ٻانهن جو رواج هو. پنهنجي جاگير تي انهن ٻانهن جي ڏکدائڪ حالت ڏسي، ڪيس ڏيو قياس ايندو هو ۽ پنهنجن امير - عزيزن جي هنن ڏانهن ظالماڻي رخ تي سخت افسوس ٿيندو هئس. انهن سادن سودن ٻانهن، ڪڙمين ۽ مزورن جي سچائي، نيڪي، صبر ۾ خدا ۾ ايمان ڏسي، هو به انهن ويچارن جي اثر هيٺ اچي ويو. هنجون شروع شروع ۾ لکيل ڪهاڻيون انهن ئي خيالن سان رنگيل آهن، جن ۾ ڪڙميءَ جو ڪردار ڏاڍي رغبت سان پيش ڪيل آهي. ان سلسلي ۾ روسي ليکڪ لينن لکيو آهي، "ٽالسٽاءِ کي روسي ڳوٺاڻي جمرت، زميندارن جي زندگي ۽ هاريءَ جي حياتيءَ جي مڪمل ڄاڻ هئي. سندس ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ انهن جا چٽيل چٽر" پستڪن ۾ شمار يادگار ليکجن ٿا.

١٨٦٠ ڌيڌرو اڳ ئي ٽالسٽاءِ پنهنجين لکڻين ۾ روسي ڳوٺاڻي جيوت جي سماجي فرقن جو ذڪر چٽڙو ۽ وڌيڪ محڪمتا سان، بنا ڪنهن هٺڪ جي، پيڙهيل ڪڙميءَ جو طرف ورتو. ١٨٨٠ ڌاري سندس دماغي اوستا ڪن حد تائين اچي پهتي. پنهنجي "قبوليت" (١٨٨٠ - ١٨٨٢) ۾ هن لکيو - "مون ۾ آها تبديل اچي ويئي، جنهنجا ٻج شروع کان ئي مون ۾ موجود هئا ۽ جا گهڻي وقت کان منهنجي اندر ۾ ٻجي رهي. منهنجي اندر ۾ جو ڪجهه ٿيو، آن اسانجي حيثيت

وارن لوڪن- اميرن ۽ عقلمندن- جي زندگيءَ کي نه صرف اڻ وڻندڙ پر بي مطلب به ٻڌايو. مون اهڙي جماعت جي زندگيءَ کان پاڻ کي جُدا ڪيو، ڇو ته مون محسوس ڪيو ته اها زندگي اصلي نه پر نقلي هئي.. مون محسوس ڪيو ته زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ مون کي چند لوڪن--- پاڻ جهڙن رت چوسيندڙ انسانن- جي نه، بلڪ عام رواجي محنتي انسانن جي زندگي سمجهڻي پوندي، اُنهن انسانن جي زندگي، جي زندگي ٺاهين ٿا.“

١٨٨٠ کان وٺي زندگيءَ جي آخرين گهڙيءَ تائين ٽالسٽاءِ هڪ ٻئي پٺيان ڪهاڻيون، ليک ۽ ناول لکي، زار شاهي زندگيءَ جي نقصن کي بيرحميءَ سان ننگو ڪندو ويو. نه فقط سرڪاري عملدارن ۽ اميرن پر مذهب جيُ نام نهاد ٺيڪيدارن تي به خوب لکيو. انهن ڳالهين ڪرڻ سان نه صرف هنجون ڪيتريون لکيون ضبط ڪيون ويون، پر پوليس هن تي نظر رکڻ لڳي، ڪيس قيد ڪيو ويو---. ان پوئين قدم ڪارڻ سڄي روس ۾ اعتراض جا مظاهرا ٿيا. باوجود انهن سختين جي، ٽالسٽاءِ آن وقت تائين مڪمل آزاديءَ سان لکندو رهيو، تان جو هن ١٩٠٩ ۾ هن دنيا کي الوداع ڪئي.

١٨٨٠ ۽ ١٨٩٠ جي وچ وارن سالن ۾ ٽالسٽاءِ وٽ دنيا جي جدا جدا حصن مان ڪيترا ماڻهو ملڻ لاءِ اچڻ لڳا. ان مهل تائين دنيا سندس قلم جي لوهي

کي مڃي چڪي هئي. نه فقط خطن رستي، پر روبرو ملڻ تي به روس خواه ٻاهر جا ماڻهو هن کان جدا جدا سوالن جا جواب طلبيندا رهيا، طرح طرح جي مسئلن تي ساڻس بحث ڪندا رهيا ۽ ڪي ته صرف سندس ديدار لاءِ ڪٿان ڪهي اچڻ لڳا. سندس زندگيءَ جي آخرين ڏينهن جو گهڻو وقت اهڙن ماڻهن سان لکپڙهه ۽ ملاقاتن ۾ گذرندو هو.

ساهت خواه ٻين ڪلائن ۾ ٽالسٽاءِ حقيقتنگاريءَ جو حامي هو، جا ڳالهه سندس ليک، "ڪلا ڇا آهي" مان ظاهر آهي. هن ليک ۾ هن ڪلا بابت مڏي خارج جهونن وچارن تي نڪته چيني ڪئي آهي.

ٽالسٽاءِ پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهڻو لکيو. دنيا جي ٻئي ڪنهن به ليکڪ مشڪل شايد ان جيترو لکيو هجي ۽ انکان به وڌي تعجب جي ڳالهه، اها ته هن جو ڪجهه لکيو، تمام سٺو لکيو. ناولن مان "جنگ ۽ امن،" "انا ڪئرينا" ۽ "ررڪشن" (قيامت) خوب شهرت حاصل ڪري چڪا آهن. هنجي انيڪ ڪهاڻين ۽ ليکن مان ڪابه چونڊ ڪرڻ ناممڪن آهي. وقت گذرڻ تي، ٽالسٽاءِ جون تمام لکڻيون، هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي؛ گويا جوت مان جوت جلائينديون، وڌيڪ ۽ وڌيڪ انساني دلين کي روشن ڪنديون رهن ٿيون، جوئي ساهتڪار جو وڏي ۾ وڏو فرض ۽ ساهت جو سڀ کان وڏو مقصد آهي.

WAR & PEACE

جنگ ۽ امن

١

شروعات

يورپ – ١٨٠٥ع

نيپولين بونا پارٽ جي اڳواڻيءَ هيٺ فرانسي فوجون يورپ جا جدا جدا ملڪ فتح ڪنديون، ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڌمڪاءُ ڦهلائينديون، رشيا جي سرحد واري ملڪ آسٽريا طرف وڌي رهيون هيون. پنهنجي ملڪ طرف خطرو وڌندو ڏسي، رشيا، هن مهل تائين ورتل بيطرفداريءَ جو رخ ڇڏي، فرانس خلاف، انگلنڊ ۽ آسٽريا سان لڙائيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ساڻ فوجي تياريون شروع ڪري ڇڏيون.

جولاءِ ١٨٠٥ جي هڪ گرم شام جو، جڏهن پيٽرسبرگ جي شاهي رستن تي روسي فوجن جي هلڻ

جا آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا تڏهن انٽاپاولوونا شيرر جي گهر واري، تکين روشنين ۾ چمڪندڙ هال ۾ شهر جا چونڊ معزز شخص محفل لاءِ اچي جمع ٿيا هئا. انهن معزز ماڻهن ۾ بولڪونسڪي ڪٽنب جو پرنس انڊري به هو، جنهن به ٻين انيڪ روسي نوجوانن مثل، جنگ ۾ پرتي ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو.

”تڏهن تون به لڙائيءَ ۾ ڀرتي ٿي رهيو آهين؟“ ميزبان انٽا هن کان پڇيو. انٽا پيٽرسبرگ جي پڇنديءَ وارن ماڻهن ۾ مکيه ڪري مڃي ويندي هئي؛ هر ڪنهن کي خبر هئي ته هنجي زار بادشاه تائين هلندي هئي.

”ها..“ پرنس انڊريءَ قدري پريشانيءَ وچان چيو. ”جنرل ڪٽزوف مونکي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ جو شرف ڏنو آهي.“ انڊري نهايتئي خوبصورت، ٺاهوڪو نوجوان هو ۽ ميزبان هنجا صاف ۽ نڪا روش وڃڪڙائيءَ تان بلڪل چڱيءَ طرح ڏسي رهي هئي، جنهن هو اڌ کليل نگاهن سان ٻين آيل مهمانن طرف نهاري رهيو هو.

”۽ تنهنجي زال؟“ انٽا پڇيو.

”هوءَ ڳوٺ ۾ منهنجي پيءُ وٽ وڃي رهندي.“

”تڏهن تون اسانکي هنجي دوستيءَ کان بلڪل محروم ڪري ڇڏيندين، ڪين؟“ انٽا زور ڏيئي پڇيو.

ٺيڪ ان وقت پرنسيز لائيس (انڊريءَ جي زال) هڪ شخص سان ٻانهن ملائي، هنن جي ويجهو آئي. ان شخص فرانسي انقلاب ۾ حصو ورتو هو ۽

هاڻ پيٽي اچي رشيا ۾ آجهو ورتو هئائين. هنجو نالو وڪومٽي. ڊي. مونٽيمارٽ هو. لائيس مڙس کي مخاطب ٿي چيو "او اٿندري! وڪومٽيءَ اڄ نيپولين ۽ پئرس جي هڪ ائڪٽريس بابت اهڙي ته مزيدار ڪهاڻي ٻڌائي آهي جو کل بندئي نه ٿي ٿئي." ۽ هوءَ کلڻ لڳي.

اٿندريءَ هنجي ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو، صرف هنجي چهري تي ڪجهه گهنج نمودار ٿيا. هن کي زال جو عام ماڻهن ۾ اهڙيءَ طرح هلڪي نموني ڳالهائڻ، بلڪل نه وڻندو هو- گويا هو اڃا پريمي هئا، زال مڙس نه هئا. ۽ جنهن طرح بيحد خوشيءَ ۾ اچڻ سان هنجا چپ لرزش ۾ اچي ويندا هئا، اهو ته هنکي اصل ٺيڪ نه لڳندو هو.

ويجهڙائيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن وقت هو پاڻ تي عجب کائيندو هو ته هن سان شادي ڇو ڪيائين. هنجي خوب صورت چهري تي مونکي پاڳل بڻايو هوندو، هو پنهنجو پاڻ کي چوندو هو، "نه ته هوءَ نه پيٽرسبرگ جي سڀ کان وڌيڪ بيعقل ۽ بيوس عوت آهي.

اٿندري اگر پنهنجي اندر ۾ چڱيءَ طرح جهاتي پائي نهاري ها ته معلوم ٿئيس ها ته جيڪي هنکي نه وڻي رهيو هو، اها هنجي زال نه هئي بلڪ هنجي رهڻ جو طريقو هو- هڪٻئي پٺيان لڳاتار هلندڙ محفلون، مجلسون، ناچ، پارٽيون وغيره، جن ۾ حصو وٺندي هوءَ بيحد خوش ٿيندي هئي ۽ جي ڏي اٿندريءَ جي دل ۾

ڏنڊي پر گهري رنجش پيدا ڪري رهيون هيون.
هو ڏسي ها ته سماج هن لاءِ قيد ثابت ٿي هئي.
بجاءِ ان جي، صرف زال ۾ ئي نقص ڳولهڻ لڳو. هوءَ
ڪيس ڪمچلي، ڪڙيل ۽ار وانگر معلوم ٿيڻ لڳي، جنهن
۾ نه عقل هو ۽ نه ديرنهائي. هنڪي سڌارڻ جي به ڪا
راه نظر نه ٿي آيس؛ جنهنڪري محسوس ڪرڻ لڳو
ته اگر هنڪي ڇڏي ڪيڏانهن هليو نه ويو ته شايد
چريو ٿي پوي!

اوچتو انڊريءَ جو چهرو روشن مشڪ سان چمڪي
آٿيو. هنجي آن وقت ٿي هال جي وچ ۾ بيٺل، عينڪ
پيل ۽ ننڍن وارن واري هڪ گول مول نوجوان تي
نظر پيئي هئي، جنهنڪي ناسي رنگ جو ڍلو سوٽ ڪوٽ
۽ ريشمي قميص پهريل هئا. هو سڄو وقت واڙن
وانگر ڪلي رهيو هو ۽ ههڙي محفل ۾ هجي هلت
چلت قريب قريب گنوارن جهڙي ٿي هئي. هو رشيا
جي هڪ وڏي امير ڪائونٽ بيزهوف جو ناجائز پٽ
پيئري هو. هنجي پيءَ جو نالو سڄي رشيا ۾ مشهور
هو ۽ هن وقت هو ماسڪو ۾ تمام نازڪ حالت ۾
بيمار پيو هو.

نوجوان پيئري بيزهوف جو اهڙي محفل ۾ هي
پهريون ٿي دفعو هو. ڏهن سالن جي ننڍيءَ عمر ۾ ئي
هنکي تعليم وٺڻ لاءِ رشيا کان ٻاهر موڪليو ويو هو،
جتان هو نورا مهينا اڳ واپس وريو هو. محفل ۾ گڏ

ٻيا معزز مهمانن ڊيل آوازن ۾ رشيا جي انگلنڊ ۽ آسٽريا سان شامل ٿيڻ واري جنهن خبر تي هڪ ٻئي سان رائزني ڪري رهيا هئا، اُنجي اهميت کان هو بلڪل ئي بي خبر هو.

پيئري، پرنس واسلي ۽ هن جي حسين ڌيءَ ايلن سان ڪلي ڳالهيون ڪري رهيو هو، جڏهن هن جي مشڪندڙ اُئنبريءَ تي وڃي نظر پيئي. پرنس واسلي، هن جي ڌيءَ ۽ پيئري، پاڻهن ۾ پاڻهر ملائي اُٿيا ۽ اُئنبريءَ جي پرسان اچي ويٺا.

"اڙي! تون ته پيئري آهين!" اُئنبريءَ طنزيه نوع ۾ چيو، "۽ سو به هھڙي محفل ۾!"

پرنس واسليءَ اُئناپاولوونا ڏانهن پنهنجو ٿورڙو، چمڪندڙ مٿو قدري نوايو ۽ پوءِ چيائين، "توهين ئي هن شرميلي ننڍڙي ريڇ کي ڪجهه سيکاريو. ڪيترن ڏينهن کان مون وٽ رهيل آهي پر فقط اڄ ئي هڪي هھڙي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مڃائي سگهيو آهيان. توهان جهڙي هوشيار عورت جي صحبت بنا هو ڪجهه به پرائي نه سگهندو."

جڏهن پرنس واسلي ۽ هن جي ڌيءَ اٿي وڃي ويا، پيئريءَ اکيون ڦاڙي، ذري گهٽ ڊنل نگاهن سان ايلن جي پٺيان نهاريو. ايلن اهڙي ته دل لڀائيندڙ خوب صورتيءَ جي مالڪ هئي، جو هن کي ڏسڻ سان هر شخص متاثر ٿي ويندو هو، هن جا برف جهڙا اڇا ڪلها

۽ هيرا، هال جي تيز روشنين ۾ چمڪاٽ ڪري رهيا هئا، جنن هوءَ ماڻهن جي ڀرسان لنگهندي ٿي وئي ۽ هنن حسرتي نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندي، هنن کيس وڃڻ لاءِ رستو ٿي ڏنو.

"ڪمال جي حسينه آهي!" پرنس انڊريءَ چيو.

"بلڪل ڪمال جي!" پيئريءَ ٽهڪي ۾ چيو.

ڪجهه وقت خاموش رهي، هن چيو، "هيءَ محفل پوري ٿيڻ بعد، اڄ رات جي مانيءَ لاءِ مان تو وٽ ايندس. اچان نه؟"

"نه، اڄ ته ممڪن نه آهي،" انڊريءَ مسخريءَ ۾ هنکي چيو ۽ چيل لفظن جي بلڪل ابتڙ، سڪ وچان هنجو هٿ دٻايائين.

پرنس واسلي، ڊيءَ کي ٻين ماڻهن جي وچ ۾ ڇڏي، شاهي هال جي ٻئي پاسي وڃي رهيو هو ته پنهنجي ٻانهن تي ڪنهنجي هٿ جو هلڪو زور محسوس ڪيائين. منهن ورائڻ تي هنجون نظرون هڪ ٻڍي عورت جي عرضمند نگاهن سان وڃي مليون، جنهن جي بي پرداخت چهري تي نيڪي جهلڪي رهي هئي. هوءَ پرنسيز انّا-ڊروبيٽسڪي هئي، جنهنجي ڪٽنب جو ڪنهن زماني ۾ بول بالا هو، پر هاڻ هوءَ مسڪين هئي ۽ بادشاه جي آفيسرن مان ڪنهن وٽ به ايتري پهچندي نه هئس جو سندس پٽ بورس کي فوج ۾ ترقي ملي سگهي.

"مهربان پرنس!" هن چوڻ شروع ڪيو .... هنجي

آواز ۾ لرزش هئي، ڇاڪاڻ تہ هيءَ عرض هوءَ ٻھريون دفعو نہ ڪري رهي هئي تہ ..... ”مون ڪڏهن بہ توکي ان ڳالھ جي يادگيري نہ ڏياري آهي تہ منھنجي پيءَ تنھنجي لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو هو. پر هاڻ مان ڏڻي جي نالي ۾ توکي عرض ڪري رهي آهيان تہ بادشاه سلامت کي چئي منھنجي ٻورس کي فوج ۾ ترقي وٺي ڏي.“

پرنس واسليءَ جي، ٻين کي فائدي وٺي ڏيڻ لاءِ، چنڊ - ڇوا ڪرڻ جي عادت ڪا نہ هئي، آها فقط هو پنھنجي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي ڪندو هو. پر هن خاص موقعي تي هو اهڙي تہ خوش مزاج طبع ۾ هو جو هنکي پنھنجي اها عادت بلڪل وسري ويئي هئي. چيائين، ”ضرور اڻا مھالووناا! اها ڳالھ بلڪل ناممڪن هوندي بہ تنھنجي پٽ کي هڪ ترقي وٺي ڏيندس.“

اٽڪل ڪلاڪ کن کان پوء مھمانن آهستي آهستي وڃڻ شروع ڪيو. پيئري بلڪل پڇاڙيءَ وارن ۾ هو، نہ انکري تہ هنکي ڪو ڏاڍو مزو آيو هو، پر صرف انلاءِ تہ هو بيٺڪ واري ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ بابت ايترو ئي اڻڄاڻ هو جيترو اندر اچڻ بابت هو. اڏکو، رشت پشت ۾ غير رواجي ڏگهو نوجوان، هو مھمانن جي ميڙ ۾ جھوڙن ڪاڻي مثل لڏندو لمندو رهيو.

اڻا جي گھر کان ٻاهر نڪري، هن اڻڊريءَ جي گھر طرف رخ رکيو، جتي پھچي هن ڏٺو تہ هو سندس

ڏي انتظار ۾ ويٺو هو. لائيس وچي ننڊ ستي هئي.
ماني کائي، ٻئي دوست انڊريءَ جي اڀياس واري ڪمري ۾ ويهي سگريٽ ڇڪڻ لڳا.

پيئريءَ اوچتو چيو، "نيپولين خلاف هيءَ لڙائي اڪر آزاديءَ لاءِ لڙائي هجي ها ته مان سمجهي سگهان ها ۽ آن حالت ۾ سڀ کان اڳ مان ئي فوج ۾ وڃي ڀرتي ٿيان ها. پر محض انگلنڊ ۽ آسٽريا کي مدد ڪرڻ لاءِ دنيا جي عظيم شخصيت جي مقابل ٿيڻ درست نه آهي."

پرنس انڊريءَ پنهنجا ڪلها مٿي ڪيا. "هرڪو شخص اگر پنهنجي اصولن خاطر ئي لڙي ته پوءِ جيڪر هي لڙايون ٿين ئي نه،" هن چيو.

"تڏهن تون لڙائيءَ ۾ ڇو وڃي رهيو آهين؟"

"ڇو؟ مان ـ مان ائين ته ٻڌائي نه ٿو سگهان. انڪري جو مونکي وڃڻو آهي ۽ تنهنکان سواءِ مان لڙائيءَ ۾ انڪري وڃان ٿو جو ـ" هو هٻڪيو ـ "ان ڪري وڃان ٿو جو مان هتي جي زندگيءَ مان بلڪل تنگ اچي چڪو آهيان."

هو اڳتي نئڙيو ۽ ڌيمي آواز ۾ چيائين، اگر منهنجي صلاح مڃين ته ڪڏهن به شادي نه ڪجانءِ يار! گهٽ ۾ گهٽ ان وقت تائين ته نه ڪجانءِ جيسين، زندگيءَ ۾ جو ڪجهه توکي ڪرڻو آهي، اهو نه ڪيو ائين؛ جيسين تنهنجو ان عورت لاءِ پيار ختم

نه ٿي چڪو آهي، جنهنڪي تون جيون - ساٿي بڻائڻ لاءِ پسند ڪيو آهي. اگر ائين نه ڪيئه، ته اهڙي غلطي ڪري وهندين جنهن ڪي ڪوئي سڌاري نه سگهندو ۽ تنهنجون تمام خوبيون معمولي معاملن ۾ ئي برباد ٿي وينديون..."

اهڙيءَ طرح هو رات جي هڪ بجه تائين ڳالهيون ڪندا رهيا. پيئري جڏهن پنهنجي دوست جي گهر مان نڪتو، اُن وقت هڪ وڄي چڪو هو. انڊريءَ سان ڳالهين ڪرڻ جي دؤران ۾ هن سانُس انجام ڪيو هو ته هاڻ هو عيش - عشرت جي زندگيءَ کي هميشه لاءِ خيرباد ڪندو. صرف ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جي خيال ڪان ئي هو پيٽرسبرگ ۾ راتين پٺيان راتيون برباد ڪندو هو. هن جي ان رات - ٽوليءَ جو سردار، پرنس واسليءَ جو بدنام پٽ انٽول هو، جو روسي فوج ۾ آفيسر هو ۽ فوجي بئرڪن ۾ ئي رهندو هو.

"عورت ۽ شراب لاءِ انسان جي ڪشش مان سمجهي سگهان ٿو،" انڊريءَ هڪي چيو هو، "پر انٽول جي عورتن ۽ شراب ڪان ته بس پلي آهي!"

پيئري پاڙي جي گاڏيءَ تي سوار ٿيو ۽ فوجي ٻئرڪن ڏانهن هلڻ جو حڪم ڏنائين. سنسان سڙڪن ي چانڊوڪي رات ۾ هن طرح گاڏيءَ جو سفر ڪرڻ ۾ به لطف هو... اوچتو هنکي ٿورو وقت اڳ نل انجام ياد آيو.

"اڙي ها، ها،" هن پنهنجي جذبات کي مائو کيو، "صرف هڪ رات وڏيڪ ۽ پوءِ بس!"

فوجي ٻرڪن وٽ پهچندي ئي هو ٽپ ڏيئي گاڏيءَ مان لٿو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو مٿي چڙهي ويو. پهريون ڪمرو بلڪل خالي پيو هو. خالي بوتلون، گلاس، بوٽ وغيره هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. مٿان زوردار ٽهڪن ۽ وڏن واڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا.

پيٽري مٿينءَ ماڙ تي تيز روشنيءَ واري هڪ ڪمري ۾ ويو. اٺ ماڻهو کليل دريءَ جي پرسان گڏ ٿيا بيٺا هئا. ٽي پيا، نشي ۾ ٻڌل، هڪ ننڍي رڇ کي ٻڌل زنجير کان ڇڪي رهيا هئا.

"ڊلهوف! هيءَ وٺ بوتل!" انٽول للڪار ڪري چيو. هو قداور، نهايت ئي ٺاهوڪو نوجوان هو. هنجي فوجي ويس واري قميص جا چانديءَ وارا ٻٽڻ کليا پيا هئا. هو ٻين کي هٽائي، دريءَ ڏانهن وڌيو. پيٽري هن جي پٺيان هو.

ٽماڙ واري هن ڪمري جي دريءَ جي ٻاهرين طرف لاهيءَ واري ٻني تي هڪ نوجوان فوجي آفيسر ويٺو هو. هنجا وار گهنڊيدار ۽ اکيون نيلي رنگ جون هيون.

"ڊلهوف اڄ دريءَ جي چوڪاٺ کي ڇهڻ بنائي دريءَ جي ٻني تي ويهي سڄي شراب جي بوتل پيئندو،" انٽول پيٽريءَ کي سڄي ڳالهه سمجهائي.

آن نوجوان آفيسر شراب جي بوتل ورتي ۽ دريءَ جي ڀني تي آڻي ويٺو. پوءِ بوتل کولي چپن سان لڳائي کنڌ پٺتي ڪري آها پيئڻ لڳو ۽ پنهنجو وزن سنڀالڻ جي جوکائتي ڪوشش ۾ پيو هٿ هوا ۾ مٿي جهلي ويٺو.

”مري ويندو!“ ڪنهن رڙ ڪئي، ”هيءَ ته نسوري چرٻائي آهي.“

پيئريءَ پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. جڏهن وري کوليائين، تڏهن ڏٺائين ڊلهوف جو مٿو ايترو پٺتي مڙي ويو هو جو هنجا وار قميص جي ڪالر کي لڳي رهيا هئا ۽ سندس هوا وارو هٿ تمام ڇڪجي، بيحد ڪوشش ۾ ڏڪي رهيو هو. بوتل ذري گهٽ خالي ٿي چڪي هئي. اوچتو ڊلهوف جو سڄو جسم ڏڪي ويو، جنهنڪري هو دريءَ کان ٻاهر کسڪڻ لڳو. ٻنهي هٿن سان دريءَ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڪامياب نه ٿيو.... پيئريءَ وري اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ محسوس ڪيائين ته هاڻ ڪڏهن به اهي کولي نه سگهندو. پوءِ خوشيءَ جا واڪا ٻڌندي ئي اکيون کولي ڏٺائين ته ڊلهوف، سفيد ۽ ڪلنڊڙ چهري سان، ڪمري ۾ اندر طرف ٽپ ڏيئي رهيو هو.

پيئريءَ ميز تي مڪ هڻي چيو، ”مان به ائين ڪنديس. مون کي شراب جي بوتل ڏيو!“

اڻٽول هن ڏانهن گهيرتا سان نهاريو. ”ها، ها، ضرور،“ هن چيو. ”تون به آزمائجانءِ، پر سياڻي —

چاڪاڻ تہ هاڻ اسين سڀ * ووڊڪا جي دور لاءِ هلي رهيا آهيون. تون بہ هليو آءُ."

"ٺيڪ آهي. هلو،" پيئري واڪو ڪري چيو. "۽ اسين هن ننڍڙي يار کي بہ اڄ پاڻ سان گڏ وٺي هلنداسين." ايترو چئي هن ننڍڙي رڇ سان ڀاڪر پائي ڪمري ۾ گول گول نچڻ شروع ڪيو.

* * * * *

انا پاولوونا واري مٿي ذڪر ڪيل محفل کان ٿورا ڏينهن پوءِ پڊي پرنسيز انا ڊربيٽسڪي، ماسڪو ۾ پنهنجي شاهوڪارن مائٽن (پيءُ-ماءُ واري طرف) سان رستوف ڪٽنب ۾ وڃي رهي. هنجو سڪيلڌو پٽ بورس بہ هن ڪٽنب ۾ پلجي وڏو ٿيو هو ۽ تازو فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ تائين هنن سان گڏ ئي رهندو هو. پرنس واسليءَ جي مهربانيءَ سان ئي هن کي فوج ۾ ترقي ملي هئي؛ هاڻ سب-ليفٽيننٽ هو ۽ ترت روستوف ڪٽنب ۽ پنهنجي پياري ماءُ کان موڪلائي آسٽريا ۾ جنگ جي ميدان طرف وڃڻو هو.

رستوف ڪٽنب جي گهر ڌياڻي، ڪائونٽيس روستوف ٤٥ ورهين جي اڇڪندڙ عورت هئي ۽ سندس ڪمزور صحت سبب هورڀان ڳالهائڻ جو نمونو هميشہ هنجي هلت چلت کي شاهانو رنگ ڏيندو هو. پڻ

* ووڊڪا – روسي شراب جو هڪ قسم آهي.

طرف، گهر جو مالڪ ـ ڪائونٽ روستوف مطبوط ۽ گوڙ شور مچائيندڙ ماڻهو هو، جو مهمانن کي خوش ڪرڻ لاءِ بيحد ماندو رهندو هو.

اُن ڏينهن صبح جو پڙي پرنسيز انّا ۽ ڪائونٽيس روستوف جي وچ ۾، ماسڪو ۾ سخت بيمار پيل ڪائونٽ بيزعوف بابت ڳالهيون ٻولهيون ٿي رهيون هيون. صرف هُنن ۾ ئي نه، پر ماسڪو جي هر گهر ۾ ان خبر جي چرچا ٿي رهي هئي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن زماني ۾ ڪائونٽ بزعوف جي سونهن ۽ بيهڪ گهڻن عورتن کي موهي ڇڏيو هو.

”پڙي ڪائونٽ جي حالت تي مونکي ته روئڻ اچي رهيو آهي،“ پرنسيز انّا اکين جا ڳوڙها اُگهندي چيو. ”هيڏانهن هي موت جي بستري تي سمهي آخري گهڙيون ڳڻي رهيو آهي ته هوڏانهن پيئريءَ جا اهڙا ڪرتوت آهن جي ڪنهن ڏينهن جان ئي جوکي ۾ اچي ويندس. هن نئين زماني جي تعليم جو اجهو اهو حال آهي.“

”ڇو، پيئريءَ اهڙو ڇا ڪيو آهي؟“ ڪائونٽيس روستوف ڌيمي وچان پڇيو.

پيئري، واسليءَ جو پٽ اَنتول ۽ ماريا ڊلهوف ـ هوءَ پاڻ کهڙي نه نيڪ عورت آهي ـ هن جو پٽ، ٽيئي پڪا بدمعاش آهن! ڪجهه ڏينهن اڳ، هڪ رات جو هو ٽيئي هڪ نئيرو رڇ نه معلوم ڪٿان پڪڙي،

اُن کي گاڏيءَ ۾ ٻاڦ سان گڏ چاڙهي ڪنهن انڪٽريس وٺ وڃي رهيا هئا. رستي تي پوليس جي انسپيڪٽر هنن کي روڪيو ته هنن کي پڪڙي رڇ جي پٺيءَ سان ٻڌائون ۽ پوءِ رڇ کي نديءَ ۾ ڌڪي ڇڏيائون. رڇ ترندو ترندو، آفيسر سميت ٻئي ڪناري تي وڃي پهتو."

ڪائونٽ روستوف، جو اُتي ويٺو هو، خوب کِلڻ لڳو. چيائين، "نظارو واقعي ڏسڻ جهڙو هوندو!"

پرنسيز اَنّا هن ڏانهن سڌو نهاريو. "هنن کي ان جي سزا پوڻي پيئي،" هن چيو. "ڊلهوف کي گهٽائي رواجي سپاهي ڪيو ويو آهي ۽ پيٽرس ٻرگ کي پيٽرسبرگ مان نيڪالي ڏيئي ماسڪو ۾ رهڻ لاءِ چيو ويو آهي. باقي اناٽول حال پيءُ جي پڄنديءَ سبب بچي ويو پر هن کي به پيٽرسبرگ مان بدلي ڪيو ويو آهي."

ڪائونٽيس روستوف آيو ساهه پري چيو، "ڪائونٽ بيزهوف ڪهڙو نه ڏاهوڪو لڳندو هو. مون ته اهڙو عمدو نظر اينداڙ ماڻهو ڪڏهن به نه ڏٺو آهي."

"ها، اسان کي ڇا ان ڳالهه جي چاڻ نه آهي؟" پرنسيز انّا معنيٰ خيز نوع ۾ چيو. "هن جو پنهنجن ٻارن مان موه نڪري ويو هو، جيتوڻيڪ هن پيئريءَ لاءِ دل ۾ ڏاڍو پيار هئس. رواجي حالت ۾، هن جي موت ڪانپوءِ، هن جو پنهنجي زال مان چاول پٽ واسطي ئي هن جي پوري ملڪيت جو وارث آهي. هن وقت جنهن حالت ۾ هو پيو آهي، اُن مان آسانيءَ سان اهو اندازو

لڳائي سگهجي ٿو ته هو مشڪل بچي سگهندو. باقي انجو انت ڪيئن مشڪل آهي ته هن ڪانپوه هنجي سچي ملڪيت ڪنهن کي ملندي- پيٽريءَ کي يا پرنس واسليءَ کي. ۽ اها ملڪيت به ڪا گهٽ نه آهي- چاليهه هزار غلام ۽ لکين * روبل!"

ٺيڪ ان وقت دروازي جي ٻاهران ڪجهه وڏهڙ جهڙو معلوم ٿيو، جنهن ڪانپوه اوچتو دروازو کليو ۽ کلندڙ، لال چهري، تيرهن سالن جي هڪ نينگر اندر ڊوڙي آئي. هن هڪ گڏيءَ کي پنهنجين سنهرڙين ٻانهن جي زور سان، ڇاتيءَ سان قابو جڪڙي رکيو هو هن جي يڪدم پٺيان، دروازي وٽ، هڪ وڏن وارن وارو ڏکڙو نوجوان، فوجي وڏس ۾ نظر آيو.

"بورس ڇوي ٿو ته هو ميميءَ کي پاڻ سان گڏ جنگ تي وٺي ويندو،" اُن نينگر زور سان چيو ۽ پوءِ گڏيءَ کي ٻانهن ۾ لڪائيندي، هوءَ تکي ڪل ۾ اچي چهڪي.

"پر مان جو ننڍي هوندي کان ئي هنکي سڃاڻندو آهيان؟" آن نوجوان گڏيءَ طرف نهاريندي چيو. "۽ اڃا به هنکي پوريءَ دل سان پيار ڪندو آهيان، ڇاهي هنجو نڪ پڇڙي به پيو آهي ۽ مٿي ۾ ڏار به پئجي ويئي اٿس."

---

* روبل – روسي سڪو آهي.

”نه، نه امان. هنکي نه ڪٿي ڏجانءِ،“ چئي آن نينگر پنهنجو منهن ڪائونٽيس جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ کل روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

”نتاشا! تون هاڻ ننڍي نه آهين. اهي ڳالهيون توکي سونهن ٿيون؟“ ڪائونٽيس چيو ۽ بناوٽي غصي وچان هنکي هٿ سان پري هٽايائين.

گهڻين اکين واري قدري سادي سودي، پر ڦولجندڙ زندگيءَ واري اها نينگر ٽپ ڏيئي اٿي ۽ پنهنجين ڪمزور ڄنگهن جي پوري زور سان ڊوڙي، ڪمري کان ٻاهر هلي ويئي ۽ اتون ڪنڌي پنهنجي وڏي ڀاءُ نڪولائيءَ سان ٽڪرجڻ کان ذري گهٽ بچي ويئي. نڪولائي انوقت پنهنجي سوٽ سونيا سان گڏجي اندر ڪمري ۾ اچي رهيو هو. هننجي پٺيان ٤ سالن جو ننڍڙو مٿول ۽ گنيير ڀار پيٽيا اچي رهيو هو، جو اندر اچي ماءُ جي پرسان ويٺو ۽ چپ چاپ سيني طرف نهارڻ لڳو.

نڪولائي ١٨ سالن جو گهنڊيدار وارن وارو، هوشيار سڌو سنواٽو ۽ محڪم خيالن وارو نوجوان هو. سونيا ڪائونٽيس جي ڀاڻيجي هئي ۽ ننڍيءَ عمر کان ئي هن گهر ۾ پلي هئي. هوءَ سانوري رنگ جي پتلي ڇوڪري هئي، جنهنجون ٻئي ڪومل اکيون وڏن ڇپرن سان ڍڪيل هيون. هنجا ڳڀا، گهاٽا ڪارا وار هميشه ٻن چوٽين ۾ ٻڌل رهندا هئا ۽ هنجي چمڙيءَ جو رنگ

پيلو هو. هن جي خاموشي، گهٽ رلڻ ملڻ ۽ پيدي هلت چلت کي ڏسي، ڏسندڙ کي پاڻ جي پونگڙي جي ياد اچي ويندي هئي. جيتوڻيڪ هن فقط ڪنهن ڪنهن وقت نڪولائي طرف نِي نهاريو، تڏهن به رواجي طرح ڏسڻ سان ٿي معلوم ٿيو ته هنجو پورو وجود نڪولائي طرف مائل ٿيل هو.

ڪائونٽ روستوف پرنسيزادنا سان ڳالهائي رهيو هو. ”هيڏانهن نهنجي پٽ کي فوج ۾ ترقي ملي آهي ته نڪولائي به هنجي دوستي کان محروم نه رهڻ خاطر ڪاليج ۽ پڙهڻ کي ڇڏي جنگ ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو آهي – ۽ مون هن لاءِ وڏي سرڪاري عهدي جو بندوبست به ڪيو هو. دوستي ان کي ڇنبو آهي!“

ان واقع کان ٿورا هفتا پوءِ، نتاشا جو ١٤ جنم ڏينهن ملهائڻ لاءِ روستوف ڪٽنب وڏي مجلس ڪئي، جتي مهمانن – زالن ۽ مردن گڏجي، دستوري نموني ناچ به ڪيو. شغلن جي وچ ۾ اوچتو سونيا نه معلوم ڪيڏانهن گم ٿي وئي. نتاشا خوب ڳولها ڪندي به هنکي ڪٿي به ڏسي نه سگهي. آخر سامان – سڙي واري ڪمري ۾ وڃڻ جو خيال ڪيائين. اُتي وڃي هن ڏٺو ته سونيا پنهنجي قيمتي گلابي فراڪ سان ميري، جهوني، ڪنهن واري هڪ گدڙي تي پئي، مٺڪا پري روئي رهي هئي.

”ڇو، سونيا ڇا ٿيو؟ تون ائين روئي ڇو رهي

آهين؟.. آف!" نتاشا جو وات عجب وچان ڦاٽي ويو ۽ پوءِ سوٽ کي ڀاڪر پائي، ٻارن وانگر روئڻ لڳي. هن جي اندر پيتل گلن تي بي اختيار ڳوڙها وهي آيا.

"نڪولائي هفتي اندر ٿي لڙائيءَ جي خطرناڪ ميدان طرف وڃي رهيو آهي.... هنجو.... فرمان... اچي ويو آهي،" سڏڪا ڀريندي، چوندي چوندي هن جو بدن ذهن ڪان چوٽيءَ تائين ڏڪي رهيو هو.

"تنهنڪري سواءِ،" هن وڌيڪ چيو، "هو منهنجو سوٽ آهي، انڪري اسانجي شادي نه ٿي سگهندي. پڻي به اهڙي اجازت ڪڏهن نه ڏيندي. هوءَ چوندي- مان هن جو آئينده خراب ڪري رهي آهيان. هنجي مرضي نڪولائيءَ جي ڪائونٽيس جوليءَ مان شادي ڪرائڻ جي آهي.

نتاشا هنکي ڪاڏيءَ ڪان مٿي ڪري، ڳوڙهن وچ ۾ مشڪندي چيو، "سونيا پيئ، اهڙي چريائيءَ جي ڳالهه مان اڄ ڏي ٿي ٻڌان. توکي ڇا وسري ويو ته اُن ڏينهن رات جو باغ واري ڪمري ۾ اسان نڪولائيءَ سان هميشه لاءِ ان ڳالهه جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو؟ رهي سوٽ جي ڳالهه- اسانجو چاچو شن شن پنهنجي سوٽ سان شادي نه ڪيل آهي؟ هوءَ ته هنجي چاچي جي ڌيءَ هئي پر تون ته اسان جي ماءُ جي سوٽ جي ڌيءَ آهين. ۽ نڪولائيءَ کي ته توکانسواءِ ڪجهه به

مٿو ڦرندو لڳندو آهي. هوءَ چنبڙ چنبڙ ڪندڙ جولي تہ ڏني بہ نہ وٺندي اٿس."

"سچ؟ سچ ٿي چوين؟" سونيا پنهنجي فراڪ ۾ وارن کي ٺيڪ ڪندي هن کان پڇيو.

نتاشا قسم کڻي لاءِ گنيپرتا سان پنهنجون بہ آڱريون گڏي، ڳلي طرف وڌايون ۽ ٻئي خوب کلڻ لڳيون.
"هاڻ هل تہ هلون." نتاشا هنجا پيشانيءَ تي ڪرڙل ڪجهہ وار مٿي ڪندي چيو، "مان بورس سان نچڻ جو واعدو ڪري آڏي آهيان."

هيڏانهن ماسڪو جي هڪ ڪنڊ ۾، روستوف ڪٽنب جي گهر واري وڏي هال ۾ جنهن وقت مهمان هيڏانهن هوڏانهن ناچ ڪري رهيا هئا، ٺيڪ اُن وقت هوڏانهن ماسڪو جي ٻي ڪنڊ ۾ پنهنجي شاهي مڪان ۾ ڪائونٽ بيزهوف بيماريءَ جي ڇهين موتمار حملي ۾ بيحال ٿيو پيو هو.

ڊاڪٽرن مريض جي بچڻ جو صفا جواب ڏنو هو. مذهبي دستور موجب باقي سڀ رسمون ڪري، هاڻ آخرين رهيل رسم جي تياري ٿي رهي هئي. محل جهڙي وڏي شاهي مڪان تي ڊيڄاريندڙ خاموشي ڇانيل هئي. ڪائونٽ جو پنهجي زال مان پٽ ۽ حقي وارث واسلي ۽ ڪائونٽ جون ٽي ڏيڌر سمورو وقت هنجي پاسن کان ويٺا هئا.

پرنس واسليءَ پنهنجي گهوڙي گاڏي موڪلي پيئريءَ

کي آخرين موقعي لاءِ گهرايو. گاڏي جڏهن مکان جي اڳيان بيهي بجاءِ پنهنجي وچي بيٺي تڏهن پيٽريءَ کي قدري عجب لڳو. هو گاڏيءَ مان هيٺ لٿو ۽ آهستي آهستي مٿي چڙهڻ لڳو. ڏاڪڻ تي هلندڙ ۽ ڊُڪندڙ ۽ گڀرائيندڙ نوڪرن، ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي اشارن تي هلندو هلندو، آخر هو ڪائونٽ جي سمهڻ واري وڏي هال ۾ پهتو، جنهن ۾ ڪيترا ٿنڀا ۽ ونگون ٺهيل هيون ۽ هيٺ زمين تي قيمتي ايراني غاليچا وڇايل هئا.

ڪجهه وقت لاءِ ماڻهو ڪائونٽ جي بستري ارد گرد مشغول هئا. جڏهن هو هٽي ويا، پيئري بستري طرف اڳتي وڌيو، جتي پوڙهي ڪائونٽ جي وڏڪرين ۽ عاليشان پرن، مغرور اکين ۽ عياشي وات واري شاندار چهري تي نظر پيس. پوڙهو ڪائونٽ ڪنجهيو. هڪ نوڪر يڪدم اڳتي وڌي، هٿ کي ساڄي پاسي ورايو، جئن کيس وڌيڪ آرام ملي سگهي. ڳرن ڪلهن ۽ ويڪري ڪمان جهڙي ڇاتيءَ واري پاري- پيرڪم جسم کي ورائڻ سولي ڳالهه نه هئي. ڪائونٽ جي هڪ ٻانهن پٺتي رهجي ويئي ۽ ان کي مٿي کڻڻ لاءِ هن ناڪام ڪوشش ڪئي. ان ڪشمڪش ۾ ڪائونٽ جي نظر پيئريءَ جي رحم ڀرين پريل اکين تي وچي پيئي ۽ هن جي چپن تي مشڪ نمودار ٿي. اها مشڪ، هن جي مضبوط بيهڪ جي ابتڙ، بلڪل هلڪي ۽ رنجش ڀريل هئي. اها مشڪ ڏسندي ئي پيئريءَ جي دل پرجي

آئي ۽ ڳل اوچتو ڳوڙهن سان آلا ۽ تڏا ٿي ويس.
هيو ڪائونٽ ڪنجهيو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين.
پيٽري چپ چاپ ويٺو هن ڏانهن ٽڪ ٽڪ نهاري رهيو
هو. ڪائونٽ هاڻ بلڪ سانت پيو هو. ڏسندي ڏسندي
سڄي گهر ۾ روڄ مچي ويو. ٻن ڏينهن بعد ... جڏهن
وصيعت پڙهي وئي تڏهن پيٽريءَ کي معلوم ٿيو ته
ڪائونٽ جي جاين، جاگيرن، غلامن ۽ ٻي سڄي
ملڪيت جو هوئي اڪيلو وارث ٺهرايو ويو هو!

٣

ڀاڄ

پرنس انڊريءَ جو پيءُ، ٻڍو پرنس نڪولائي بولڪونسڪي، جو ڪنهن زماني ۾ فوج جو ڪمانڊر-ان-چيف هو، جي- حضور واري زندگي مان بيزار ٿي، هاڻ پبلڪ هلس ۾ پنهنجي جاگير تي وڃي رهيو هو. هتي هو پنهنجي ڌيءَ ماشا ۽ هنجي فرانسي ساٿي سان گڏ رهندو هو. هتي هن جي زندگي فوجي ڍنگ تي رٿائتي نموني هلندي هئي. هر ڳالهه لاءِ وقت مقرر ٿيل هو، جنهن ۾ منٽ جو به فرق نه پوندو هو. روٽي کائڻ کانسواءِ، باقي سڄو وقت ٻڍو پرنس ڪنهن ڪم ۾ مشغول رهندو هو.

جنهن ڏينهن پرنس انڊري پنهنجي زال کي پيءُ وٽ ڇڏي وڃڻ لاءِ اچڻو هو، آن ڏينهن پرنسيز ماشا هر روز جيان پيءُ وٽ سبق وٺڻ اچڻ لاءِ سندس وڏي ڪمري واري دروازي تي جڏهن ڪڙڪو ڪيو، تڏهن

هوءَ قدري ڊڄي رهي هئي ڇاڪاڻ ته مقرر ٿيل وقت کان هوءَ پنج منٽ دير سان آئي هئي. هن جي پيءُ هڪ دفعو چوطرف نظر ڦيرائي، وري جنڊيءَ تي نئين تيار ٿيندڙ چيز ڦيرائڻ شروع ڪئي. سڄو ڪمرو ٽڙيل سامان سان ڀريو پيو هو، جنهن کي ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿيو ته اهي بار بار ڪم اچي رهيا هئا. ڪتاب، نقشا هٿ لکيل ڪاغذ، اوزار ۽ اڌ ٺهيل ڪرسيون، ڪٻٽ وغيره.

ٻڍو پرنس سرير ۾ ننڍو، ٻيءَ طرح زبردست شخص هو! جنڊيءَ تي ٻه چار ڦيرا وڌيڪ ڏيئي، هن اها بند ڪئي ۽ ڌيءَ وٽ وڌي آيو. پنهنجو بنا ڏاڙهي لسل ڳل اڳتي وڌائي، چيائين، "اڄ تون دير سان آئي آهين. خير، ويهه." پوءِ هن هڪ خالي پيل ميز اڳيان ڪرسي وڌائي، آن تي ويهي، خاني مان جاميٽريءَ جو ڪتاب ڪڍي چيو، "هاڻ هي ٻئي ٽڪنڊا هڪ جيترا آهن. چڱيءَ طرح ڏس ته ڪنڊ اي بي سي..."

جڏهن سبق هلندو ويو تڏهن پرنسيز جي نگاهن ۾ ڊپ ظاهر ٿيڻ لڳو ۽ سندس چهرو نظر نه ايندڙ پيڙا جي اثر هيٺ ايندو ويو. ظاهر هو ته هوءَ سبق جو هڪ به لفظ نه سمجهي رهي هئي ۽ سمجهائڻ پڇڻ کان ڏاڍي ڊڄي رهي هئي. آخر ٻڍي پرنس گڙ گڙ ڪندڙ زوردار آواز ۾ ڪرسي پٺتي هٽائي ۽ اٿي کڙو ٿيو.

"تنهنجو دماغ ضرور ڪنن جو ٺهيل هوندو،"

هن رڙ ڪئي ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪرڻ لڳو. ”حسابن جهڙي شاندار وشيءِ سان تنهنجي دل نه ٿي لڳي! صبر، صرف صبر ئي گهرجي. تون نئين زماني جي رواجي بي‌عقل ڇوڪرين کان ته بهتر ٿيڻ چاهين ٿي يا نه؟“

اوچتو هو ڏيءَ وٽ واپس وري آيو ۽ هنجي وارن تي هٿ رکي ڪيس پيار سان گهوري ڏسڻ لڳو. ”ائين نه هلندو، ائين نه هلندو،“ هن نرم لهجي ۾ چيو. ”اچ تون وڃ. ۽ هائو اگر تنهنجو پاءُ ۽ هنجي زال اچن ته ماني‌ءَ جي وقت کان اڳ مون کي ڪم ۾ اصل نه منجهائج.“

پرنسيز ماشا گهرجي وچ واري ڪمري ۾ ويٺي پنهن جي روزاني مذهبي سبق سان مغز ماري رهي هئي، جڏهن سندس پاءُ اڊلبري پنهنجي زال لائيس سميت اچي پهتو. ڪمري ۾ پهرين لائيس ئي آئي. ماشا يڪدم ڪرسي‌ءَ تان خوشي‌ءَ وچان رڙ ڪري، ٽپ ڏيئي آئي ۽ لائيس کي وچي پاڪر پاتائين. لائيس بدن ۾ ڪجهه پرجي ويٺي هئي ۽ سندس دلبر مرڪ هميشه موافق ڳالهائڻ وقت چپن تي نمودار ٿئي ٿي. پنهي هڪ ٻئي کي خوب پاڪر پاتا.

مانيءَ کانپوءِ پيو پرنس پٽ کي اڀياس واري ڪمري ۾ وٺي ويو. ”منهنجا پهلوان پٽ!“ هن چيو. ”زندهن تون بونا پارٽ سان وڙهڻ لاءِ سنيريو آهين،

ڪٿن؟ پر ياد رکجانءِ - توکي هنکي جيتوڻي آهي، نه ته اسين سڀ روسي هن جا غلام ٿي وينداسين. هاڻ مون کي ٻڌاءِ ته اسان جي فوج فرانسين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪهڙي رٿا ٺاهي آهي؟“

انڊريءَ پيءُ کي ذري پرزي سڄي ڳالهه سمجهائي ته نيپولين جي وائنا فتح ڪرڻ کان اڳ ڪٿن روسي فوجون، آسٽريا جي فوجن سان گڏجي، فرانسي فوجن کان وڌيڪ تعداد ۾ ٿي هنن تي حملو ڪندئون.

آخر... موڪلائڻ جو وقت به اچي پهتو.

”بابا!“ پرنس انڊريءَ وچ وچ ۾ رڪجندي چيو، ”مان پنهنجي زال کي... توهان وٽ ڇڏڻ لاءِ.. وٺي آيو آهيان. هنکي... ٿورن ڏينهن ۾ ٻار - هن حالت ۾ هنکي توهان وٽ ڇڏيندي شرم اچي رهيو آهي پر..“

”اهي بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڇڏ. ڇئه، توکي ڇا ڇوڻو آهي؟“

”جڏهن منهنجي زال جا ڏينهن پورجي اچن.. ماسڪو مان ڪنهن ڊاڪٽر کي گهرائي.... هتي رهائجو.“

پوڙهو پرنس هن ڏانهن گهوري نهارڻ لڳو.

”مونکي خبر آهي ته لک مان هڪ ڪيس خراب ٿيندو آهي،“ پرنس انڊريءَ پريل آواز ۾ چيو. ”پر هن نه معلوم ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌيون آهن، سپنو به ڏٺو اٿائين؛ انڪري هوءَ بلڪل ڊڄي ويٺي آهي.“

”هون.. هون..“ پوڙهي پرنس پڙ پڙ ڪندي چيو،

”ٺيڪ آهي. اُئين ٿي ٿيندو. چڱو، هاڻ موڪلائي.“ هن چمڻ لاءِ پنهنجو هٿ پٽ طرف وڌايو ۽ هنکي ڀاڪر پاتائين. ”ياد رکج اگر تون مارجي وئين ته هن عمر ۾ مون لاءِ اهو وڏو صدمو ٿيندو....“ هن جو آواز ذري گهٽ رُنهارڪو ٿي ويو. ”ساڳئي وقت اگر مونکي معلوم ٿيو ته تون نڪولائي بولڪونسڪيءَ جي پٽ جيان هلت نه هليو آهين..“

پرنس انڊري مشڪيو. ”توهان کي اهڙي ڳالهه چوڻ ٿي نه گهرجي، بابا!“ هن سڪ وچان چيو.

ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون بيٺا هئا. ٻڍي پرنس واکو ڪري چيو، ”اسان هڪ ٻئي کان موڪلايو آهي. وڃ اڳتي!“ ۽ اڀياس واري ڪمري جو دروازو زور سان کوليائين. ”اڳتي وڃ!“ هن گجگوڙ ڪئي ۽ هنجي وڏي ۽ ڪاوڙ ڀريل آواز جو پڙاڏو هيٺ تائين هلندو ويو.

پرنس انڊري جڏهن زال کان موڪلائڻ ويو، تڏهن هوءَ بيٺڪ واري ڪمري ۾ ماشا ۽ هنجي فرانسي ساٿڻ سان ويٺي ڳالهيون ڪري رهي هئي. ”مونکي هاڻ وڃڻ گهرجي،“ انڊريءَ چيو. ”هاڻ“ لفظ تي هن غير رواجي زور ڏنو، گويا چوڻ ٿي چاهيائين ته، ”هاڻ تون پنهنجو ننڍڙو ناٽڪ ترت ختم ڪر.“

”انڊري! ايترو جلد؟“ لائيس چيو. هنجو چهرو پيلو پئجي ويو ۽ رنجش سان هن ڏانهن نهارڻ لڳي.

اينڊريءَ جنهن هن کي ڀاڪر پائڻ لاءِ ٻانهون وڌايون تنهن هن کي قدري ڏڪندو محسوس ڪيائين. تمام سنڀال سان آهستي آهستي ڪڍي، هن کي آرام ڪرسيءَ تي ليٽايائين، هن جي چهري طرف نهاريائين ۽ سندس بيرنگ چپن کي چميائين.

ٻوءِ پيءُ طرف منهن ورائي چيائين، "چڱو، ماشا!" ٻنهي هڪ ٻئي جا هٿ چميا ۽ اينڊري تڪڙو تڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

* * * * *

آڪٽوبر ١٨٠٥ جي وچ ڌاري، ڀرپور روسي فوجون آسٽريا جي اوير وارن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پهچي چڪيون هيون. هو آسٽريا جي جنرل مئڪ جي فوج سان آلم شهر ۾ جلد وڃي گڏجڻ جي حڪم ملڻ لاءِ ترسيا ويٺا هئا ۽ حڪم ملڻ ۾ ايتري دير جو سبب هنن کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو. هڪ ٻئي پٺيان عجيب رفتار سان حڪم ۽ انهن کي رد ڪرڻ جا حڪم نڪري رهيا هئا. فوج جا سولجر ٿوري آرام ملڻ تي ناراض نه هئا، ڇاڪاڻ ته هزار ميل ڏکيو مفاصلو پنڌ ڪري هو هاڻ ٿڪجي پيا هئا، هنن کي کاڌي، ڪپڙن ۽ فوجي اسباب جي به تنگي هئي ۽ اها تنگي تيسين هلندي هئي، جيسين پٺيان ايندڙ مال جون گاڏيون اچي پهچن.

اهڙي هڪ پلٽڻ آسٽريا جي برانو شهر ۾ سانجهيءَ جي وقت اچي پهتي. فوجين کي ميرا، ڦاٽل، ٻٽڻ ڇنل

ڪپڙا ڦاٽل هئا ۽ سندن بوٽن ۾ ٽنگ ٿي ويا هئا. ٻرانو ۾ ڇهن شرط هنن ڪي معلوم ٿيو ته صبح جو روسي ڪمانڊر - ان - چيف ۽ آسٽريا جو جنرل گڏجي هنن جي چڪاس ڪندا. ان ڳالهه جو جنرل اهو حڪم ڏنو ته بلڪل آهي ڪان ٻاهر نڪري ويو. سندس فوج جي سپاهين اُن ڏينهن ٢٥ ميل پنڌ ڪيو هو ۽ هاڻ هو سڄي رات ويهي پنهنجن ڪپڙن کي ٽوپا ڏيئي ۽ صاف ڪندا وٽن ۾ پالش ڪندا رهيا!

صبح جو سوير هن فوجن کي قطارن ۾ بيهڻ جو آواز ڏياريو، جڏهن فوجي قطارن ۾ قواعدي ڊنگ ۾ سڌا ٿي بيٺا ۽ هو سندن اڳيان انتظار ۾ اکيون وڇائي بيٺا هئا، ان وچ ڪري لڳو، تڏهن سندن صفن ڏسي قدري عجب ۾ پئجي ويو. هنن جي پوري فوجي ويس ۾ صرف بوٽ ٿي ڦاٽل رهجي ويا هئا، جنهن کي ٺيڪ ڪرڻ هنن جي وس کان ٻاهر هو.

جو شخص ڪمانڊر - ان - چيف جو حڪم کڻي آيو هو، هن اڳتي وڌي جنرل کي ڪن ۾ ڪجهه چيو - جنرل جون مڇون ڪڙيون ٿي ويون ۽ هن جا ڳاڙها ڳل ڀيانڪ نموني سڄي ويا. ڳالهه جي هڪ ميجر ڏانهن منهن ڪري چيائين، "اسان به معاملي کي بلڪل منجهائي ڇڏيو آهي. ڪمانڊر جي حڪم ۾ اهو به نه ڏنل ته فوجين کي خاڪي ڪرت پهرڻا آهن؟" پوءِ ڳالهه جي وچ وچي گهٽيل آواز ۾ رڙيون ڪيائين، "جوانو!

هي ڪپڙا بدلي خاڪي ڪوٽ پهري اچو ۽ ڏٺي جي
نالي جلد ڪجو!"

ڪپتان ۽ سارجنٽ فوجين ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا ۽ ڏسندي سڄي پلٽڻ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندڙ، واڪا ڪندڙ ۽ ڪلندڙ ماڻهن جي گهر گهر ڏاڻي بڻجي ويئي. سڀ فوجي بيحد تيزيءَ سان قميصون لاهي، خاڪي ڪوٽ پهرڻ لڳا.

اڌ ڪلاڪ بعد، سڀ فوجي وري قطارن ۾ بيهجي ويا. جنرل جون نسون نيون هيون. هو وري فوجين جي اڳيان پنهنجي ساڳي آڪڙ سان اچ وڃ ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي بي رحم نگاهن سان هنن کي جاچڻ لڳو.

اوچتو هو رڪجي ويو ۽ سندس چهري ۽ ڳلي واريون لال نسون اڀري آيون. هنجي ٻيءَ قطار ۾ هڪ فوجيءَ تي نظر پيئي هئي، جنهن کي خاڪيءَ بدلي نيرو ڪوٽ پهريل هو. اُن قطار جي ڪپتان طرف منهن ڪري، آڱر سان اِن فوجيءَ ڏانهن اشارو ڪري، هن پڇيو، "هي جهنگلي هنگاريءَ جي ماڻهن جهڙو شخص ڪير آهي؟"

"هو ڍلهوف آهي سائين! جنهنجو فوجي درجو گهٽايو ويو آهي."

"گهٽايو ويو آهي ته ڇا ٿيو؟ انڪري ڇا تون فوجين کي ڪنهن وقت زنانا ڪپڙا پائيندين؟" ۽ غصي ڀريل آڪڙ وچان ڍلهوف جي ويجهو ويو. ڍلهوف

پنهنجي سخت ۽ سفيد چهري تي بيشرميءَ سان ڏند ڪڍي سڌو جنرل جي اکين ۾ نهارڻ لڳو.

”اِن نيلي ڪوٽ ۾ ڇا ڪري رهيو آهين؟“ جنرل پڇيو. ”سارجنٽ! لاهينس - جو اهو ڪوٽ!“

”جنرل! مان حڪم مڃڻ لاءِ تيار آهيان -“ ڊلهوف صاف ۽ بلند آواز ۾ چيو.

”خاموش!“ جنرل گجگوڙ ڪئي.

”- پر گاريون کائڻ لاءِ تيار نه آهيان،“ ڊلهوف ساڳئي صاف ۽ بلند آواز ۾ جملو پورو ڪيو.

جنرل تعجب وچان هن ڏانهن نهاريو. پوءِ رڙ ڪيائين، ”فورن خاڪي ڪوٽ پهرايوس!“ ۽ غصي ۾ اڳتي وڌيو.

ان واقع کان ٿورا منٽ پوءِ، ڪمانڊر-اِن-چيف پڻ پرنس ڪتزوف، آسٽريا جي هڪ جنرل سان گڏ، سرڪاري گاڏيءَ ۾ سوار ٿي وائنا کان هتي اچي پهتو. ڪتزوف مضبوط ۽ ڪرڙ هوندي به، عمر جي بار هيٺ جهڪيل معلوم ٿي رهيو هو. هو قطارن جي وچ ۾ آهستي ۽ پنا آسنا، گهمندي، وچ وچ ۾ ڪنهن آفيسر يا فوجيءَ سان دوستاڻي نموني ڳالهائڻ لڳو. هنجي بوٽن طرف نهاري، بار بار مايوسيءَ سان ڪنڌ ڌوڻي، آسٽريا جي جنرل کي اشاري سان آهي ڏيکارڻ لڳو. ڪتزوف جي بلڪل پٺيان هنجو شخصي نوڪر هلي رهيو هو. ڪمانڊر-اِن-چيف جي سڄي کان ويجهو

هنجو ناهوڪو مددگار پرنس انڊري بولڪونسڪي ٿي هو.

ڇڪاس پوري ٽين تي ڪٽزوف ۽ آسٽريا جو جنرل ڪمانڊر-ان-چيف جي اندرين ڪمري ۾ وڃي ويٺا. ڪٽزوف انڊريءَ کي ڪي خاص دستاويز آڻڻ لاءِ موڪليو. انڊريءَ ڪمري جي ٻاهران ويٺل خاص مددگار ڪزلووسڪيءَ کي ڪيڪاريو.

”جنرل مئڪ جي ڪا خبر نہ آهي؟“ ڪزلووسڪيءَ پڇيو.

”نہ“

”مان سمجهان ٿو، جيڪڏهن هنجي هار ٿي هوندي تہ انجي خبر بہ اجهو ٿي اچي پهچندي.“

”مان بہ ائين ٿي ٿو سمجهان،“ ايترو چئي هو جئن ٻاهر نڪرڻ لاءِ اٿي وڌيو، تئن هڪ ڏاريو شخص دروازو کولي اندر ڏوڪي آيو. هنکي ڊگهو ڪوٽ پهريل هو، جنهنتي آسٽريا فوج جو ٻلو لڳل هو. هنجي مٿي تي ڪارو رومال ويڙهيل هو ۽ هو منڊڪائيندو، آهستي آهستي اڳتي وڌيو.

”ڪمانڊر-ان-چيف ڪٿي آهي؟“ هن گهٽيل آواز ۾ پڇيو.

”هو ڳالهائڻ ۾ مشغول آهي،“ ڪزلووسڪيءَ چيو ۽ يڪدم اڳتي وڌي ڪمانڊر-ان-چيف جي دروازي اڳيان بيهي، هن کي روڪيائين. ”توهان جو ڇا نالو ٻڌايانس؟“

پر ٺيڪ اُن وقت ڪٽزوف پاڻهي دروازو کوليو ۽ ڏاڍي شخص تي نظر پوندي ئي ڇسن وانگر وات ڦاڙي ويس.

مٿي تي پٽي ٻڌل جنرل ڏاهو ڪاٺي، ٻپ ۾ ڦان تي ڪريو، گويا ڪنهن ڀيانڪ خطري کان بچي رهيو هو. هن ڀڳل ٽٽل آواز ۾ چيو، "ڪم نصيب مئڪ توهانجي سامهون آهي!"

ڪٽزوف جي چهري ۾ گهنج پئجي ويا، پوءِ ڪن پل ۾ اهي غائب ٿي ويا ۽ پر رحم نگاهن سان نهاريندي آسٽريا جي جنرل کي اندر وٺي وڃڻ لاءِ هن پنهنجون ٻئي ٻانهون وڌايون. ٻنهي جي اندر ويندي ئي ڪٽزوف دروازو بند ڪري ڇڏيو.

اها منحوس خبر روسي فوج ۾ باهه مثل پکڙجي وئي. اُلم شهر ۾ نيپولين، جنرل مئڪ جي فوج تي جيت حاصل ڪئي هئي ۽ آسٽريا جي فوج فرانسين سامهون پيش پيئي هئي. جنرل مئڪ پاڻ اسراري نموني بچي جان بچ ٿي هئي.

اِن ڪانپوءِ وارا ڪجهه هفتا روسي فوجن جي حالت نهايت ئي خطرناڪ رهي. اُلم واري جيت ڪانپوءِ نيپولين جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ لک فرانسي فوجون تڪڙيون اڳتي وڌنديون آيون ۽ ڪٽزوف جون پنجٽيهه هزار روسي فوجون ڊئنوب نديءَ جي ڀرسان واري ميدان طرف پٺتي موٽ کائڻ لڳيون. سچي وات هنن

ڪُٽي ٻه فرانسيسين جو مقابلو نه ڪيو، سواءِ اُنهن حالتن ۾، جتي ڪين پنهنجو سامان ۽ بارود پنٿي هٿائڻ لاءِ فرانسيسين سان هلڪيون ڇڪريون ڪاڻيون ٿئي پيئون. اهڙين حالتن ۾ هنن سر جي بازي لڳائي، فرانسيسين کي لٽمبڪ، امسٽونين ۽ ملڪ وٽ روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهنجي نتيجي ۾ پاڻ ڪين ٿي وڏيڪ ٽڪڙي موت ڪاڻڻي ٿي پيئي.

اسڪونگرابين ڳوٺ جي ويجهو فرانسيسي فوج جي مارشل مرات روسي فوج کي صلح جي ڪوڙي انجام سان ترسڻ لاءِ آماده ڪيو. جيسين هنن کي ان دوکي جي خبر پوي، اُن کان اڳ هو نيپولين جي مرڪليل زبردست پلٽڻ جي چار ۾ ڦاسي ويا. اُن وقت روسي فوجي ٽڪريءَ تي ديرو ڄمائي ويٺا هئا ۽ تيز رفتار سان سامهون اڳتي اهنڌڙ فرانسيسي فوجين کان بچي پچڻ جي هنن لاءِ ڪا راه ڪي نه هئي.

روسين پنهنجي فوج جي ٻهرين پلٽڻ ٽن حصن ۾ ورهائي هئي- ساڄي پاسي پيادل لشڪر، وچ ۾ توبون ۽ کاٻي پاسي گهوڙي سوار. ساڄي پاسي واري حصي جي سنڀاليندڙ جنرل، گهوڙي تي سوار ٿيل پرنس ٻئگريشن پيادل لشڪر جو معائنو ڪيو ۽ پوءِ گهوڙي تان لهي، اُن جون واڳون هڪ فوجيءَ جي هٿن ۾ ڏنيون، قطارن ۾ بيٺل فوجين جي وچ ۾ اچي بيٺو. ٺيڪ ان وقت ٽڪريءَ جي هڪ وڏڙ وٽان، فرانسيسي فوج جو

هڪ جٿو اڳتي وڌندو نظر آيو. پرنس بئگريشن پڪڙ پهرين قطار جي اڳيان هليو آيو ۽ محڪم آواز ۾ زور سان چيائين، ”جوانو! ڏٽي جي مدد سان منهن ڏجو!“

پوءِ اڳيان ڦهليل ڪڏون کوٻا زمين تي، آن شخص وانگر جو ٻنا گهوڙي ڪڏهن نہ هليو هجي، قدري منڊڪائيندو هو اڳتي وڌيو. پرنس ائنڊري هن سان گڏ هو. اوچتو فرانسين جي گوليءَ جو ٺڪاءُ ٿيو، پوءِ ٻيو . . ۽ آهستي آهستي اهي ٺڪاءُ وڌندا ويا. ٽڪري چڙهندڙن فرانسي فوجين جي پهرين قطار مان دونهين جا بادل مٿي آڏامڻ لڳا.

ڪيترا روسي گولين جا شڪار ٿي ڪريا. ٻنهي طرفن کان هلندڙ گولين جا آواز ايترا وڏي ويا جو آفيسرن جا آواز ٻڌڻ ۾ بلڪل نہ ٿي آيا. قريب هر فوجيءَ جو منهن مٽيءَ سان پرجي مسخرن جهڙو ٿي ويو هو پر هو پنهنجي پوري طاقت سان توبن ۾ بارود پري رهيا هئا، بندقون ٺيڪ ڪري رهيا هئا ۽ بندقون ۽ توبون ڇوڙي رهيا هئا.

ائنڊري جيسين ٽڪريءَ جي دامن ۾ ڪڏ تائين پهتو، تيسين هوا ايتري تہ اڇي نڪي دونهين سان پرجي ويئي هئي جو هنجي نظر پنهنجي آسپاس صرف ڪجهہ والن تائين مس ٿي ويئي. توبن جي گولن ۽ بندوقن جي گولين سان وايو منڊل بلڪل پرجي ويو هو. هنجي

سامهون ٻه فوجي ٽئين زخميل فوجيءَ کي کڻي مٿي وڃي رهيا هئا، زخميل فوجيءَ جي مٿي مان خون وهي رهيو هو ۽ هو ٽڪرا ساهه کڻندي ڪنجهي رهيو هو. اوچتو آندريءَ پنهنجي ٻانهن کي زور سان پڪڙجندو محسوس ڪيو. منهن ورائي ڏٺائين ته پرنس ٻئگريشن جي جوشيلي چهري تي نظر پيس. ”مٿان وارين پلٽڻن مان ٻن کي يڪدم هيٺ موڪل!“ هن رڙ ڪري چيو. پرنس آندريءَ ڪنڌ ڌوڻي ”ها“ ڪئي ۽ جئن مٿي چڙهڻ لاءِ گهوڙي تي سوار ٿي وڌڻ لڳو، ٽئن دونهون قدري گهٽجڻ لڳو. اوچتو هنجي پرسان هڪ وڏو گولو اچي ڪريو، جنهن زمين جي سڄي ٽڪري کي بيحد زور سان آڏائي ڇڏيو. مٿي وڃي هن پلٽڻن کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ ڪتزوف کي سڄو حال ٻڌائڻ ويو. ڪتزوف کيس واپس وڃي فوج جي وچ واري حصي جي خبر آڻڻ لاءِ چيو.

آندري هيٺ لهي، جئن توبن جي پٺيان پهچي، گهوڙي تان لٿو ته ڏٺائين توبن جي بلڪل سامهون، آفق وٽ اسڪونگرابين جو ڳوٺ نظر اچي رهيو هو، جتي فرانسين پنهنجو مکيه اڏو قائم ڪيو هو. آندريءَ دونهين جي وچ مان ڏٺو ته فرانسي فوج جون ٽي شاهي قطارون اڳتي وڌي رهيون هيون. توبن واري پلٽڻ، ڳاڙهن وارن ۽ سينڌون پريل چهري واري بندري ڪپتان توشن هٿ هيٺ هئي. هن فرانسي فوجين تي ايترا ته زور

سان گولا ٿي وسايا جو هو سمجهي ويا ته روسي فوج جي مکيه پلٽڻ ان حصي ۾ ٿي آهي. ٻه دفعا اُهن وڏي تعداد ۾ هنن تي حملو ڪيو پر ٻئي دفعا توبن سان نڪرندڙ گولن سان پنهنجا ماڻهو مارائي، پٺتي هٽي ويا.

جنهن مهل انڌري توبن جي پرسان پهتو، اُن وقت توشن اسڪوگرابين ڪوٽ کي گولن ذريعي باه لڳائڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. باه جي ڀڙڪن شعلي نظر ايندي ٿي توبمار ٻارن مثل اڇل لڳا ۽ توشن جي حڪم لاء ترسڻ بنا ٿي اُن طرف وڏيڪ گولا ڇوڙڻ لڳا.

"هو اُٿين ٿي سڙا ٿيندا" هنن خوش ٿي هڪ ٻئي کي همٿايو، جڏهن باه وڌيڪ وچڙڻ لڳي. "هاڻ پڇائين پٽ گوشت کي ان باهه تي!"

انجو بدلو وٺڻ لاء فرانسي فورن ڏه توبون ڪوٽ جي ساڄي طرف ڪاهي آيا ۽ پوري زور سان توشن جي توبن طرف گولا وسائڻ لڳا. منٽن ۾ توبن مٿان گولا ڪرڻ لڳا، جن سان ٻه گهوڙا ۽ هڪ توبمار جو پير اُڏامي ويا.

ڪلاڪ اندر چاليهن مان سترهن توبمار ختم ٿي پر توشن، سنهڙو-سڪڙو، بندرو، اڃا ڏونهين ۾ ڪن ڦاڙيندڙ آوازن جي وچ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيو هو. هر گولي جي آواز تي نهن ڪان ڇوڙيء تائين ڪنبي ٿي هو توبمارن کي وٺ-وٺ ڪري رهيو هو، "دشمن کي اُڏيو ڇڏيو!" پنهنجي ڪمزور ۽ نماڻي

آواز سان هو ڪمن توبن کي ڪڏهن هيڏانهن ته ڪڏهن هوڏانهن ڦيرائڻ لاءِ حڪم ڏئي، چئي رهيو هو، ”او آن طرف! بس باقي هڪ گولو...“

انڊري ڪنزوف کي حال ٻڌائڻ ويو ته هن توشن کي موٽ ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ لاءِ چيس. توشن ڏانهن ڀڄندي، هر پل انڊريءَ مٿان هڪ ٻئي پٺيان گولا اڏامي رهيا هئا. بيحد ڪوشش ڪندي به هو پنهنجي اندر ۾ آيل ڏڪڻيءَ کي روڪي نه ٿي سگهيو. مونکي ڀڄڻ نه گهرجي، هن سوچيو ۽ چاڙي واري گهوڙي تي سوار هوندي ئي، گولن سان برباد ٿيل توبن طرف وڌڻ لڳو.

چئن توبن ۽ انهنجي پگهر ۾ تر ٿيل توبمارن ۾ ايتري ڏڪا ٺوڪي مٿل هئي جو معلوم ٿئي ٿيو ته هر طرف، زمين ۽ آسمان مان گولن جا آواز اچي رهيا هئا. گهوڙن جي سنجن ۽ توبن جي ڦيٿن ۾ ڦهليل رت رنگيل زمين تي ماڻهن ۽ گهوڙن جا لاش هڪ ٻئي سان مليا جهليا پيا هئا. جنهن وقت انڊري توبن جي ويجهو وڃي پهتو، آن وقت توشن پنهنجي هڪ بالا فوجي آفيسر سان ڳالهائي رهيو هو ۽ ٻيو نمبر توب طرف فخر وچان نهاري رهيو هو، جنهنجو توبمار تيز شراب جي اثر هيٺ ڀاڳان جيان گولن وسائڻ لاءِ محنت ڪري رهيو هو.

”ٻيو پروانو آيو اٿيئي!“ توشن آن نشي ۾ ٻڌل

توبهار کي چيو، جنهن وقت هڪ گولو آن توبهار جي پرسان زمين تي اچي ڪريو هو. "اوان! اهڙوئي پروانو موت ۾ واپس موڪلڻ نه وسارج!"

"تون ڇا پاڳل آهين؟" توشن جي بالا آفيسر ڪيس چيو. "توکي ٻه دفعا واپس ورڻ جو حڪم ملي چڪو آهي."

"ان ۾ مون اڪيلي جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟" توشن ٻڇندي، بالا آفيسر طرف خوف وچان نهاريندي چيو.

آفيسر پاڻکي گولي کان بچائڻ لاءِ ترت هيٺ نئڙي ويو. هن وڌيڪ ڪجهه چوڻ تي چاهيو ته ٻيو گولو مٿان لنگهي ويو. هن گهوڙي جون واڳون ورايون ۽ ان کي آڙي هٽي اڳتي وڌي ويو. ويندي ويندي رڙ ڪري چيائين، "واپس هٽو! هرڪو واپس موٽي!"

توبهارن جي گلن مان گهٽيل تهڪ نڪري ويا.

پرنس اينڊريءَ توشن کي سختيءَ سان واپس موٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ پڻ سنديءَ حالت ۾ بچيل توبن کي ٽڪريءَ جي هڪ پاسي، سلامتيءَ واري جاءِ تي ڇڪي ٻهارڻ ۾ توبهارن کي مدد ڪئي. "جيسين وري ڳڏجون، في الحال موڪلائون ٿا،"

توشن هن سان هٿ ملايو. "چڱو، موڪلائي!" چوندي چوندي هنجي ڳلن تي ڳوڙها وهي آيا.

* * * * *

ان وچ ۾ ٽڪريءَ جي ڪابي حصي واري ڀاڙاوگراب

پلٽڻ کي اڳتي وڌڻ جو حڪم مليو ته هو فرانسي فوج جي اوچتي حملي کي پٺتي هٽائين. نڪولائي روستوف به ان پلٽڻ ۾ جهنڊو کڻي هلندڙ سوار جي درجي تي هو. هو اڃا گهوڙي تي سوار ئي نه ٿيو هو ته قطارن ڏاهڻ جو حڪم وچڻ لڳو.

تلوارون مياڻن مان آواز ڪري ٻاهر نڪتيون.

”فورن اڳتي ڊوڙو!“ ڪمانڊر واڪو ڪري چيو.

پهرين قطار وارا گهوڙا نڪولائيءَ کان اڳتي وڌندا ويا. گولين جا آواز فضا ۾ گونجڻ لڳا. نڪولائيءَ ڏٺو، ساڄي طرف سندس پلٽڻ جون قطارون اڳتي وڌي رهيون هيون پر هنن جي رفتار تيز نه هئي. هنن سان گڏ هلندڙ فوجي آفيسر بار بار واڪا ڪري چئي رهيا هئا، ”نڪرا وڌو!“

نڪولائي جڏهن ٿي گهوڙي کي ڊوڙائڻ لاءِ اڙي هنئين، تڏهن تي گهوڙي جو پٺيون حصو هيٺ جهڪندو محسوس ڪيائين. پريان.... هنکي گهاٽي وڻندڙ ٽولي نظر آئي. هو سمجهي ويو — دشمن اڳتي وڌي رهيو آهي ۾ مان به هن لاءِ تيار بيٺو آهيان! مياڻ جي سندس ٻڌن سان لڳڻ ني هن دل ۾ خوشي محسوس ڪئي. تڏي هوا ۾ تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ تي نبض مان هٿوڙن جهان آواز اچڻ لڳا. هن هڪ دفعو وري گهوڙي کي اڙي هنئين ۽ سندس گهوڙي مزي ۾ ٽال تي هلندو تيز رفتار سان ڊوڙڻ لڳو.

نڪولائيءَ کي هاڻ پنهين مان اڳتي وڌندڙ فرانسي فوج صاف نظر اچڻ لڳي. ڏڪاڏڪ بيشمار مکين جهڙا آواز نڪولائيءَ جي مٿان لنگهي ويا، پنجن ايندڙ سوار تيز رفتاري سان هن ڏانهن پهچڻ لاءِ اڳتي وڌي آيا هئا ۽ ڪي ته هن کان به اڳتي وڌي ويا. اوچتو هڪ سوار هن جي گهوڙي سان ٽڪرجڻ تي غصي وچان هن ڏانهن نهاريندو ويو، جڏهن اُن سوار جو گهوڙو ٽپ ڏيئي اڳتي وڌندو ويو. نڪولائيءَ هاڻ محسوس ڪيو ته سندس پٺيان ايندڙ سوارن جي پوري قطار اڳتي وڌي رهي هئي.

”ڇا ٿيو؟ مان اڳتي ڇو نه وڌي رهيو آهيان، مان هيٺ ڪري رهيو آهيان. مان مارجي ويو آهيان،“ هن پنهنجو پاڻ کي چيو. هن جو گهوڙو گوڏن ڀر هيٺ زمين تي ڊرڪجي ويو ۽ نڪولائي سڄي ميدان تي اڪيلو رهجي ويو. گهوڙي جي مٿي مان رت وهي رهي هئي. نڪولائيءَ اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، گهوڙي جي هيٺان آيل پنهنجي کابي ڄنگهه ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر وري ڪري پيو.

هن جو ميان گهوڙي جي سنجن ۾ اٽڪي پيو هو. هن آهو پنهنجي بدن تان لاهي، پاڻکي آزاد ڪيو ۽ اٿي بيٺو. هن جي کابي ٻانهن سڃي ٿي ويئي هئي ۽ هن محسوس ڪيو ته اُن ٻانهن جو مرو ۽ هٿ گويا هئا ئي ڪونه. هو پنهنجي هٿ کي هيڏانهن هوڏانهن ڪري، زخمن کي جاچڻ لڳو.

خدا جي مهرباني سان ڪي ماڻهو منهنجي مدد لاءِ اچي رهيا آهن،" هن سامت جو ساهه کڻي، پنهنجو پاڻ کي چيو. هن ڪجهه ماڻهن کي پاڻ طرف ڊوڙندو ڏٺو هو. انهن ماڻهن جي اڳواڻ کي عجيب نموني جو نيرو وڳس پهريل هو. هنجو نڪ چهنبدار هو ۽ هو رنگ جو سانورو هو. هنجي پٺيان ٻيا به ڪيترا ماڻهو تيز رفتار سان ڊوڙندا اچي رهيا هئا. هنن سڀني جي پٺيان به ڇڙا هڪ روسيءَ کي جهلي بيٺا هئا. نڪولائيءَ سوچيو، هو به هن وانگر زخميل فوجي هوندو.

اڳتي وڌندڙ سپاهي بندوقون کڻي، ايتري ته تيز رفتار سان، نڪولائيءَ طرف گهوڙي نهاريندي، ڊوڙندا اچي رهيا هئا جو هنجي سڄي جسم مان ڊپ جي لهر گهمي ويئي. "هو فرانسيسي ٿي سگهن ٿا؟" هن جي دل ۾ خيال آيو — "هو ڇا مونکي مارڻ لاءِ اچي رهيا آهن؟ ... مونکي جنهنکي هرڪو پيار ڪندو آهي — امان.. نتاشا.. سونيا.. جولي ....؟ — ناممڪن!

چهنبدار نڪ وارو اهو شخص هاڻ نڪولائيءَ جي ايترو ويجهو اچي پهتو جو نڪولائي هنجي چهري تي شيطاني خواهش واري خاموشي صاف ڏسي سگهيو. نڪولائيءَ پنهنجو پستول کڻيو پر هن فرانسيءَ طرف تاڪي، هلائي نه سگهيو. انڪري هن اهو پستول زور سان فرانسيءَ طرف اڇلائيو ۽ پوءِ منهن ورائي پنهنجي پوري طاقت سان ڀڄيو، ٻارا ۽ ٻوڙا ٽپندو، ڊوڙندو

ويو ، ٻوڙندي ٻوڙندي هو آن سهي وانگر چرڪ ڀري رهيو هو ۽ ڊپ وچان ڪنبي ٿي ويو ، جو ڇتن ڪتن کان بچڻ لاءِ ٻوڙندو هجي. جنهن مهل ته منهن وراڻي پٺتي ٿي نهاريائين ، آن وقت هننکي وڏيڪ ۽ وڏيڪ ويجهو ٿيندي ڏٺائين ۽ سندس ڪرنگهي مان ڊپ جي لهر گهمي ٿي ويئي. اٽڪل هڪ سؤ والن جي فاصلي تي جهنگل هو جنهن ۾ ، هنکي خبر هئي ته ، روسي فوج جي توبن واري لشڪر جو ديرو ڇمايل هو. هنکي باقي صرف اهي هڪ سؤ وال ٿي ٻوڙڻو هو پر هنجي طاقت بلڪل ختم ٿي چڪي هئي ۽ هنجي پاڻهن جو وزن مڻ کان به مٿي ٿي ويو هو. هن هڪ دفعو پٺتي نهاريو ته ڇنهنبدار نڪ واري شخص کي گوڏن ڀر ويهي ، بندوق سان سندس نشان وٺندو ڏٺائين. نڪولائيءَ جي وات مان دانهن نڪري ويئي. هو وڏيڪ ٻوڙي نٿي سگهيو؛ پاسن کان ۽ مٿان ويندڙ گولين کان بچڻ لاءِ همٿ نٽڙي ٿي ويو. پوءِ پنهنجي کاٻي پاڻهن ساڄي هٿ ۾ جهلي ، هن ٻوڙڻ لاءِ آخرين ڪوشش ڪئي ۽ جڏهن ڏاڍا ڪاٺيندو ، سهڪندو جهنگل ۾ پهتو ، تڏهن روسي فوجي گوليون هلائي هنجي پٺيان ايندڙ فرانسيسن کي واپس پٺتي پڇاڙڻ لڳا.

رات ٿيڻ کان اڳ ٿي فرانسي فوجن کي ابترو پٺتي هٽايو ويو هو جو هاڻ روسي فوجون بنا رڪاوٽ جي هنجي واپس ڀاڄ جاري رکي سگهيون. رستي تي

سڄو وقت زخميل سپاهي توبمارن کي توبن تي چاڙهڻ لاءِ نيزاريون ڪري رهيا هئا، پر توبمارن کي حڪم مليل هو ته هو ڪنهن کي به توبن تي نه چاڙهين؛ جيئن توبون، جيترو جلد ٿي سگهي، پٺتي پهچايون وڃن.

پلٽڻ جو جهنڊو کڻندڙ، سفيد ڇهري واري، ٻانهن کي پٺتي ويڙهيل، نڪولائيءَ، توشن جي توبن اڳيان اچي، بندري ڪپتان کي توب تي چاڙهي وٺي هلڻ لاءِ عرض ڪيو. "ڪپتان! خدا جي نالي، مهلي مونکي توب تي چاڙهي هلو. منهنجي ٻانهن بلڪل زخمجي پيئي آهي ۽ هلڻ کان به لاچار آهيان." هنجي نيزاريءَ جي نوع مان ظاهر هو ته هن سڀني توبمارن هن کي ناڪاري جواب ڏنو هو.

"چاڙهيوس! چاڙهيوس!" توشن هڪ توبمار کي چيو ۽ پڇيائين، "هو زخميل آفيسر، جنهنکي چاڙهيو هئو، ڪيڏانهن ويو؟"

"مري ويو؛ انڪري هن کي لاهي ڇڏيوسين،" توبمار چيو.

"تڏهن ته چڙهي پئه پيارا،" هن چيو ۽ ان توب طرف اشارو ڪري، جنهن تي زخميل آفيسر کي چاڙهيو ويو هو، چيائين، "شريمتي گولامار تي چڙهي ويهه! ڪٿي ڌڪ لڳو اٿيئي؟ ڪٿن لڳئه؟"

”صرف پاڻهن مڙي وڃي آهي،“ نڪولائي اچائي
ڇهري سان، هڪندي چيو.

”پر توب تي تہ رت پئي انهئي،“ توشن چيو.

”هن مثل آفيسر جي آهي،“ توبمار چيو ۽ چمڪندڙ
توب تان رت جا سڀ داغ صفا ڪرڻ لڳو.

* * * * *

پنهنجي هٿندڙ روسي فوجن سان رشيا مان ٻهون پلٽڻون
بہ اچي مليون. جنرل ويرو ٿر جي اڳواڻيءَ هيٺ آسٽريا
جي هڪ وڏي پلٽڻ بہ اچي هنن سان شامل ٿي. آسٽريا
جو بادشاه فرئنسز ۽ رشيا جو شاه سڪندر زار، ٻئي
اولموز شهر ۾ گڏيا هئا، جتي هنن فوج جي بالا آفيسرن
کي گهرايو هو. آتي اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ٻنهي
ملڪن جون فوجون گڏجي نيپولين جي فوجن سان
ٽڪري کائن ۽ انهن جو مقابلو ڪن، جيتوڻيڪ
ڪٽزوف ان فيصلي جي خلاف صلاح ڏني.

ٻنهي ملڪن جون فوجون آسٽريا جي اوپر طرف
پراٽن ٽڪريءَ ڏانهن وڌڻ لڳيون، جتي روسي فوجن
اڳ ۾ ڏي ديرو ڄمايو هو. هنجي سامهون، ٻن ميلن
جي فاصلي تي، فرانسي فوجون ٻيءَ ٽڪريءَ تي منزل
لڳائي ويٺيون هيون.

نيپولين پاڻ سخت سيءَ ۾ نوجون جي قطارن ۾
گهوڙي تي سوار ٿي گهمي رهيو هو، جنهن وقت هن
جو نوجون ڏانهن پيغام بلند آواز ۾ پڙهيو ٿي ويو.

”بهادرو! روسي فوج، آلم آسٽريا جي فوج جي هار جو بدلو وٺڻ لاءِ اچي رهي آهي. توهان اڳ ۾ هنن کي جيتيو آهي ۽ پڻ وري هنن کي ڀڄڻ تي رهيا آهيو. اسان پنهنجي ۾ وڏي طاقت واري جاءِ تي بيٺا آهيون. هو اسان تي صرف ساڄي طرف کان حملو ڪري سگهندا پر اسين هنن تي هر طرف کان حملو ڪري سگهنداسين. هر فوجي کي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اسان کي هنن، انگلنڊ جي چاپلوسن کي سبق سيکارڻو آهي، جن کي اسان جي ملڪ لاءِ سخت نفرت ٿي ويئي آهي. هنن تي جيت حاصل ڪرڻ بعد، لڙائي ختم ٿيندي - نيپولين.“

فرمان پوري ٿيڻ بعد فوجين سڪل گاهه جا مچ جلائي مشعالون ٻاريون ۽ ”شهنشاهه زنده آباد“ جا نعرا هڻندا، هنن جي پنهنجي پيمان ڊوڙندا ويا. اهي نعرا ۽ مشعالون ڪافي وقت هلندا رهيا. ٻه ميل دور، روسي فوج وارن سمجهيو ته فرانسي پنهنجي منزل آڪوڙي، ٽڪرن ۾ گهٻراهٽ ۾ واپس وڃي رهيا آهن. اڪثر اهڙيون معمولي غلطيون قوم جي قسمت ئي پلٽي ڇڏين ٿيون!

رات جو ڏهين بجي گڏيل فوجن جا اڳواڻ آخرين صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ، ڪتزوف جي رهڻ واري جاءِ ۾ ٻان ۾ گڏيا. ڪتزوف جي فوجي ڪرت جا بڻيل ڪليا پيا هئا ۽ هنن جي ٿلهي ڳچي هيٺ لڙڪي رهي هئي. هو ننڍي ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ هنجا گهنجيل ڪراڙ هٿ ڍلائيءَ سان ٻانهن تي رکيا هئا.

هنجي ترسڻ لاءِ صلاح سمجهي رهڻي ڇڏي هئي ۽ هنکي جو ڪجهه چوڻو هو، آهو چئي چڪو هو. هاڻ هو قريب ننڊ ۾ هو.

آسٽريا- فوج جو اسٽاف- ڪمانڊر ويرو ٿر، آن شخص وانگر جو هڪ پل به اجايو وڃائڻ نه چاهي، ڪٽزوف جي بند ٿيندڙ اکين طرف بڇيني ۽ ماڻ نهاريندي، هن ڪي حملي جي پوري رٿا سمجهائڻ لڳو. حملي جو مکيه بار روسين تي ڏي هو، جنکي پراڻن ٽڪريءَ تان هيٺ لهي فرانسيسن تي ساڄي طرف کان حملو ڪري، کين بوهيما پهاڙن طرف واپس ڀڄائڻو هو.

ڪٽزوف کونگهرا هڻڻ شروع ڪيا. ڪيترين راتين جي لڳاتار اوجاڳي سبب هو بنهه ٿڪجي پيو هو.

ويروٿر نفرت وچان هن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن صبح واري حملي بابت لکيو ۽ تفصيلوار احوال پڙهڻ لڳو. ”اگر نيپولين کي اسان تي حملو ڪرڻو هجي ها ته هو اڄ ئي ڪري ها،“ هن چيو. ”مان نه ٿو سمجهان ته هن وٽ چاليهن هزارن کان ڪو وڌيڪ فوجون هونديون.“

”آن حالت ۾ اگر هو اسان جي حملي جي انتظار ۾ آهن ته پوءِ آهو يقينن هن لاءِ خاتمو ثابت ٿيندو،“ هڪ روسي جنرل طنزيه نوع ۾ چيو.

”دشمن پنهنجون باهيون وسايون آهن ۽ هاڻ آنان آواز اچي رهيا آهن،“ ويروٿر چيو. ”ان جو مطلب

آهي هو پٽني هٽي رهيا آهن، جنهنجو ڏي اسان کي انديشو هو، يا - پنهنجو طرف بدلائي رهيا آهن. آن حالت ۾ اسان پاڻ گهٽي تڪليف کان ڇٽي پوندا سين پر اسانجي رٿا ۾ ڪو فرق نہ پوندو."

"فرق ڪٿي نہ پوندو؟" پرنس انڊريءَ پنهنجي دل ۾ آئندڙ شڪن شبهن جو اظهار ڪندي چيو. پر ٺيڪ آن وقت ڪٽزوف پنهنجون اکيون کوليون، کنگهي گلو صاف ڪيائين ۽ چوطرف ويٺلن ڏانهن نهاريائين. دوستو!" هن چيو. "سپاٽي جو وستار - پر سپاٽي جو ڪٿي؟ اڄ جو، چاڪاڻ تہ هن وقت هڪ وڇڙ چڪو آهي - اڄ جو اهو وستار هاڻ تہ بدلجي نہ سگهندو. توهان پڙهي چڪا آهيو ۽ اسين سڀ پنهنجو فرض ادا ڪنداسين - ۽ لڙائيءَ کان اڳ ڪا بہ ڳالهہ اهڙي ضروري نہ آهي.. جهڙي مٺي ننڊ."

پئي ڏينهن صبح جو پنهنجي پوري عربي گهوڙي تي سوار ٿي، نيپولين پنهنجن فوجي آفيسرن کان ڪجهہ قدم اڳتي بيٺو، چپ چاپ گهوريندو سامهون نهاري رهيو هو. دشمنن جي فوجن سامهون واري ٽڪري والاري هئي. گذريل رات هو آرام ۾ سمهيو هو ۽ هاڻ پاڻکي تازو توانو محسوس ڪري رهيو هو. صبح جا نوُ لڳا هئا. ڊسمبر ١٨٠٥ جي ٢ تاريخ هئي. اهو ڏينهن هنجي تخت نشينيءَ جي سالگره هو.

ڪوهيڙي جي گهاٽي پڙدي پٺيان هنکي روسي

فوجون ٽڪريءَ تي هيڏانهن هوڏانهن ٿينديون نظر اچڻ لڳيون ۽ هيٺ ماڙيءَ ۾ آهستي آهستي ٿيندڙ ٺڪا ٺوڪيءَ جا آواز به ڪنن پڻ ۾ اچڻ لڳا. هنجي سهڻي، وڻندڙ ۽ خاموش ڇهري تي ڪا به چرپر نه ٿي. هن جون چمڪندڙ اکيون هڪ خاص جاءِ تي ڪتل هيون. هنجي اڳڪٿي درست نڪتي هئي. روسي فوج جون ڪي پلٽڻون هيٺين ماڙيءَ وارن تلاون ۽ ٻنين طرف لهي رهيون هيون ته ڪي پرزان ٽڪري خالي ڪري رهيون هيون ۽ هنکي به اهوئي گهربو هو! ترت فرانسيين تي ساڄي طرف کان ناڪام حملو ڪرڻ سان، روسي پنهنجو کاٻو طرف بريءَ طرح حملي لاءِ ڪاپل ڇڏي ڏيندا ـ ۽ ان وقت هو پنهنجن ٻڪي پلٽڻن ذريعي پرزان ٽڪري هٿ ڪرڻ لاءِ حملو ڪندو.

اڌ ڪلاڪ بعد ڪنزوف ۽ انڊبري ڪجهه، گهوڙيسوار فوجون پنهان ٽڪريءَ تان هيٺ لهڻ لڳا. ڪوهيڙو گهٽجڻ لڳو هو ۽ هاڻ ڏيڍ ميل دوريءَ واري ٽڪريءَ تي فرانسي فوجون ڪجهه قدر نظر اچي رهيون هيون. هيٺ ماڙيءَ ۾ ٺڪا ٺوڪي ڪافي وڌي وئي هئي.

پرنس انڊبريءَ پنهنجي نائب طرف منهن ڪري، هن کان دوربيني گهري. نائب خوفزده آواز ۾ رڙ ڪري چيو "ڏسو! ڏسو!" سامهون واري ٽڪريءَ بجاءِ، هن پنهن جي اڳيان ٽڪريءَ تي مٿي چڙهندڙن سوارن طرف اشارو ڪندي چيو، "فرانسي آهن!"

اٽڪل ٻه سؤ وال جي فاصلي تي، فرانسي لشڪر روسي لشڪر طرف طوفان مثل تڪڙو تڪڙو وڌندو اچي رهيو هو. اينڊريءَ ڪٽزوف طرف منهن ڪري رڙ ڪئي، ”اسانکي فورن پنهنجين پلٽڻن کي آگاه ڪرڻ گهرجي.“ پر اُن وقت گولن ۽ گولين جي ٺڪاٺوڪيءَ سان هر طرف ايترو دونهون پرجي ويو، جو ڪجهه به نظر نه ٿي آيو. صرف هڪ روسيءَ جو گهٽيل آواز ٻڌڻ ۾ آيو، ”ساٿيو! سڀ ختم ٿي ويو!“

اِن آواز گويا حڪم جو ڪم ڪيو. ڊسندي ڊسندي پورو روسي لشڪر پٺتي ڀڄڻ لڳو ۽ ائين ڪندي هو اينڊريءَ کي به پٺتي ڌڪا ڏيڻ لڳا. جڏهن هو وڃي چڪا، هن ڏٺو ته ڪٽزوف رت رنگيل رومال سان پنهنجي هڪ ڳل کي دٻائي بيٺو هو. ”توهين ته زخمي پيا آهيو؟“ اينڊريءَ سهڪندي چيو.

”زخم هتي نه، بلڪ هتي آهي،“ ڪٽزوف ڀڄندڙ فوجين ڏانهن اشارو ڪندي چيو. هن گهوڙي کي اڙي هڻي ۽ ساڄي طرف وڌڻ لڳو. اينڊريءَ به هن جي پٺيان آيو. پٺتي ڀڄندڙ روسي فوجين جي نئين مجموعي هن کي سمنڊ جي لهرن مثل پٺتي ڌوڪي ڇڏيو. هو پاڻ سنڀالي، ڪڏهن کاٻي ته ڪڏهن ساڄي ڌڪجندا، روسي لشڪر جي اُنهن توبن طرف وڌڻ لڳا جي اڃا فرانسين طرف گولا وسائي رهيا هئا، جيتوڻيڪ فرانسي هنن طرف وڌندا به ٿي ويا!

ڏورو مٿي روسي فوج جو پيادل لشڪر بيٺل هو، جن جي اڳيان بيٺل گهوڙي تي سوار جنرل ڪتزوف وٽ وڃي آيو. ”هنن ڪمبختن کي ته روڪ!“ ڪتزوف ڀڄندڙ فوجين طرف اشارو ڪندي، اُن جنرل کي چيو پر ٺيڪ اُن وقت گولين جي برسات شروع ٿي ويئي، جنهن ۾ اهو جنرل چنگهه ڪري هيٺ لهي پيو، ڪيترا فوجي ڪرندا ويا ۽ جهنڊو کڻندڙ سوار جهنڊو ڪيرائي ڇڏيو.

پرنس اينڊريءَ يڪدم گهوڙي تان هيٺ لهي وڃي جهنڊو کڻي ورتو. ”جوانو! اڳتي وڌو!“ هن للڪاريو ۽ ڳري جهنڊي جو وزن سنڀاليندي، ڊوڙندي، اڳتي وڌيو. اوچتو هن پنهنجي مٿي تي زوردار ڌڪ لڳندو محسوس ڪيو ۽ اکين اڳيان انڌيرو ڇانئجي ويس.

فرانسيسين پراٽزن ٽڪري فتح ڪئي ۽ پوءِ ڀڄندڙ روسي لشڪر جي پٺيان پيا، جي آگيسٽ ڳوٺ جي ڀرسان وارن تلاون جو ڪنارو وٺي هراس ۾ ڀڄندا ٿي ويا. روسي فوجي، جن جي چهرن تي پٺيان ايندڙ موت جو ڀيانڪ خوف ظاهر هو، سنڌڪن تلاءَ واري پل ٽپڻ لاءِ پاڳلن جيان ڌڪا ڌوڪي مچائڻ لڳا ۽ ائين ڪندي، فوجي گاڏين ۽ توبن مٿان ٽپندا، گهوڙن جي ڇنگهن ۽ توبن جي ڦيٿن هيٺان لنگهندا، هڪٻئي کي ڇيٿاڙيندا ۽ هڪٻئي جا ساهه گهٽيندا، مرندا ۽ مئلن کي لتاڙيندا، وڙهندا، هڪ ٻئي کي ماريندا، ٽڙندا ۽ ڊوڙندا اڳتي وڌڻ لڳا. گولا-باروت جي برسات جاري هئي. هوا

کي چيري اينديڙ گولا هنن جي مٿان اچي ٽٽي پيا ۽ ڪنهن جون چنگهون، ڪنهن جون ٻانهون ته ڪن جو ماس آڏائي باقي ٻين ڪي رت سان رنگي رهيا هئا.

”برف تان هلو!“ هڪ فوجي ۽ رڙ ڪري چيو ۽ ٻن ٻن فوجين کي ٻري هٽائي، ٽپ ڏيئي تلاءَ جي گسڪڻي برف تان پاڻ سنڀالي هلڻ لڳو. پل جي پڇاڙيءَ وٽ بيٺل جنرل، فوجين کي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي. ان وقت هڪ نئون گولو اڏامندو هجوم جي مٿان اچي پيو. سڀ فوجي يڪدم هيٺ نٽڙي ويا. جنرل گهوڙي تان هيٺ ڪري رت جي تلاءَ ۾ وڃي پيو.

”برف تان هلو! سڀ لهي اچو!“ هر طرف کان آواز اچڻ لڳا. تلاءُ جي سطح تي ڄميل برف مٿان هلڻ لاءِ سوين سولجر ٽپ ڏيئي پل تان لهڻ لاءِ ڊوڙڻ لڳا. وچ ۾ اينديڙ گهوڙن کي برف طرف ڌڪڻ لڳا ۽ توبن کي به ڀنهنجي ٻنيان برف تي ڇڪيندا ويا.

فوجين، گهوڙن ۽ توبن جي بار هيٺ برف ڀڄي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ لڳي. وڏيون ڇپون ڇيرجي وڻيون، جنهن ڪري ماڻهو ۽ گهوڙا هيٺ پاڻيءَ ۾ ڪري ڦتڪڻ لڳا. هاڻ گولن جي اڳي کان به تيز برسات تلاءَ مٿان ٿيڻ لڳي، جنهن ۾ برف جون ڇپون ذريون ذريون ٿيڻ لڳيون ۽ گولن جا شڪار، آهون ۽ دانهون ڪندڙ انسان، برف ۽ خون جي تلاءَ ۾ هڪ ٻئي پٺيان ٻڏڻ لڳا.

٣

ٺلڪار

پيئريءَ هن مهل تائين پنهنجي زندگي بلڪل اڪيلائيءَ، عياشيءَ ۽ آزاديءَ ۾ گذاري هئي، پر هاڻ ڪائونٽ بيزهوف ۽ رشيا جي وڏي ۾ وڏن اميرن مان هڪ ٿيڻ تي هو پاڻ کي ملاقاتين ۾ وڪوڙيل ۽ معاملن ۾ ايترو مرغوب معلوم ڪرڻ لڳو هو ڪن جي ڪري اڪيلائي نصيب نه ٿيندي هئس. . . سواءِ سمهڻ واري وقت جي. سڄي ڏينهن ۾ هنکي انيڪ ڪاغذن تي صحيون ڪرڻيون ٿي پيون، وڪيلن جي ميڙن ۾ شامل ٿيڻو ٿي پيس، جائداد سنڀاليندڙن سان صلاح مصلحت ڪرڻي ٿي پيس ۽ ٻيا به اهڙا ڪيترا ئي ڪم ڪرڻا ٿي پيس جن جي نه ڪا خبر هئس ۽ نه انهن ۾ ڪو چاهه ٿي هئس. تنهن ڪانسواءِ سوين ماڻهو، جنکي ان کان اڳ هنجي وجود جي ٿي ڄاڻ نه هئي، هاڻ وس پڄندي ڪڏهن به هنکي اڪيلو نه ڇڏيندا هئا.

انهن گهٽگهرن ۾ پرنس واسلي سڀني کان اڳرو هو

۽ هن اڻ گهڙي ڪاٺ مثل نوجوان کي سندس نئين اهم حيثيت جي شان مان خواه ان زندگيءَ جي انيڪ خوشين سان هيرڻ ۾ طرح طرح جون ڪوششون ڪندي، ڪابه تڪلف محسوس نه ڪندو هو. هن ڪيس زار بادشاه جي حضور ۾ شامل ٿيندڙ چند اهم ماڻهن ۾ شامل ٿيڻ جو شرف وٺي ڏنو، پيٽرسبرگ وٺي وڃي پنهنجي گهر ۾ رهايائينس ۽ شهر جي تمام معزز هستين سان واقف ڪرايائينس.

پيٽريءَ محسوس ڪيو ته حسين ايلن کي به ٻيءَ وانگر هنجي دوستي وڻي رهي هئي ۽ هو ان ڳالهه تي دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو. جدا جدا ميڙن، محفلن ۽ مجلسن ۾ هو ٻئي گڏ نظر اچڻ لڳا ۽ جاچي ڏسڻ وارن کي معلوم ٿئي ٿيو ته پيٽري پنهنجي اڻ گهڙئي نموني ايلن جي سندرتا تي مشتاق ٿي پيو هو.

”دلفريب سونهن آهي، ڪنهن؟“ انا پاولوونا شيرر هڪ شام جو پيٽريءَ جي ڪن ۾ پڙڪيو. ”۽ ڪهڙي نه نزاڪت سان ٿي هلي! هلت چالت ڪهڙي نه شاندار ۽ ڪماليت جي اٿس! هنکي حاصل ڪندڙ شخص به ڪو وڏي خوش قسمتيءَ وارو هوندو. بلڪل معمولي ماڻهو به هنجو مڙس ٿيڻ سان سماج ۾ عزت جو حقدار بڻجي ويندو!“

پيٽري هال جي ڪنڊ طرف وڌي ويو، جتي ايلن انا جي چاچيءَ سان ويٺي ڳالهيون ڪري رهي هئي.

ايلن منهن مٿي ڪري، هن ڏانهن نهاري مشڪيو ۽ پوءِ صوفا تي پري هٽي، پنهنجي پرسان هنجي ويهڻ لاءِ جاءِ ڪيائين. هوءَ اکيان نٿڙي. هن جو ويس اکيان پٺيان گهڻو هيٺ ڪٽيل هو، جنهنڪري پيٺيءَ جي چنچڙين اکين کي هنجي ڇاتي ليڪانيندڙ نموني نظر اچڻ لڳي ۽ هنجو ڪنڌ منڊس ڇپن جي ايترو ته ويجهو هو جو بنا اکٿي چڙڻ جي ٿي آنکي چمي سگهي ها. ايلن جي بدن مان ايندڙ گهري خوشبوءِ هنجي دماغ کي معطر ڪري ڇڏيو ۽ هنجي لڳندڙ جسم مان پنهنجي جسم ۾ گرمائش محسوس ڪيائين. هنجي بدن تي پهريل گهاگهرو پڙدي جهڙو سنهو نظر ٿي آيو.

آها رات پيٺريءَ بستري تي پاسا ورائيندي گذاري. بار بار ايلن جو دل ۾ هلچل مچائيندڙ جسم هنجي اکين اکيان تري ٿي آيو. هنجي ننگي خوبصورتي گويا کيس چئي رهي هئي: "هن مهل تائين ڇا تو محسوس ٿي نه ڪيو آهي ته توکي منهنجي به ڪهرج ٿي سگهي ٿي؟ ... تہ مان عورت آهيان — عورت، جنهن مان مرد لطف حاصل ڪن ٿا..." هنجون اکيون چئي رهيون هيون، ۽ تون به حاصل ڪري سگهين ٿو!

نومبر مهني ۾ پرنس واسليءَ کي سرڪار طرفان چئن انتن جي چڪاس لاءِ وڃڻو پيو. وڃڻ کان هڪ ڏينهن پوءِ ايلن جو جنم — ڏينهن هو ۽ آهو ملهائڻ لاءِ هن چند چونڊ عزيزن ۽ دوستن کي رات جي مانيءَ جي

دعوت ڏني هئي، ماڻيءَ ڪانپوءِ، مهمانن جي وڃڻ بعد پيئري ۽ ايلن هڪ اڪيلي ڪمري ۾ ڪيتري دير ويٺا رهيا.

ٻاهر واري هال ۾ پرنس واسلي هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪري رهيو هو. ڪافي دير گذرڻ تي هن زال کي چيو، ”تون وڃي ڏس ته اڄ ته هو ڇا ڪري رهيا آهن.“

ٿوري دير بعد پرنسيز موٽي آئي ۽ چيائين، جيڪي شروع ۾ ڪري رهيا هئا. آهوئي!“

پرنس واسليءَ جي چهري ۾ گهنج پئجي ويا ۽ هنجي وات جي هڪ ڪنڊ ڇڙي ۽ وحشي نموني ۾ سيٽجي ويئي. اوچتو هن گردن ورائي ۽ محڪم قدمن سان آن ڪمري طرف تڪڙو وڌي ويو ۽ سڌو وڃي پيئريءَ جي پرسان بيٺو. پرنس جو چهرو ايترو ته گمڀير نظر اچي رهيو هو جو پيئري هنکي ڏسندي ئي ڀپ ۾ اٿي بيٺو.

”ڏٺي مهربان آهي!“ پرنس واسليءَ چيو. ”منهن جي زال مونکي سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي.“ هن هڪ ٻانهن پيئريءَ جي ڳلي ۾ وڌي ۽ ٻي ڌيءَ جي ڳلي ۾ ۽ چيائين، ”منهنجا پيارا پيئري! ايلن! اڄ مان ڪيڏو خوش آهيان!“ هنجو آواز جنبش سان ڀرجي ويو ۽ هن هٽڪندي چيو، ”مان تنهنجي پيءُ جي عزت ڪندو هئس.... ۽ هوءَ تنهنجي نيڪ زال ٿيندي... ڏٺي

جي توهان پٺهي تي رحمت رهي!" هن جا ڳل آنسن سان آلا ٿي ويا.

ڇهن هفتن بعد هُن جي شادي ٿي.

شاديءَ کانپوءِ پيٽري وڌيڪ ۽ وڌيڪ شراب پيئڻ لڳو. اڪثر هو پنهنجي ايٽلس واري ڪمري ۾، شراب جي بوتل اڳيان رکي ويٺو رهندو هو. اهڙي حسين زال طرف هُن جي لاپرواهيءَ جي رخ ڪري ماڻهو هن کي ڌڪاريندا هئا، ليڪن ايلن سان محفلن، مجلسن ۽ پارٽين تي گڏجي وڃڻ لاءِ سندس قدردانن جي ڪمي نه هئي. اهڙن ميڙن ۾ هُن جي سونهن جي اڃا تعريف ٿيندي هئي ۽ اڃا ڪوئي سندس لاجواب حسن جي مقابل نه ٿيو هو.

ڊالهوف، جنهن کي جنگ جي ميدان تي بهادري ڏيکارڻ سبب، وري وڏائي آفيسر ڪيو ويو هو، ڪجهه ڏينهن جي موڪل تي ماسڪو آيل هو. گذريل ڪجهه ڏينهن کان هو ۽ ايلن پاڻ ۾ گهڻو گڏ نظر اچڻ لڳا. پيٽريءَ جي دل ۾ هُنن جي رلڻ ملڻ نسبت ذرو ماتر جو به شڪ نه جاڳيو. آن ڏينهن رات جو انگلش ڪلب ۾ مجلس لاءِ گڏ ٿيل مهمانن ۾ هو ٻئي هڪٻئي جي سامهون ويٺا هئا. هميشه موافق، ان ڏينهن به پيٽريءَ تمام گهڻو شراب پيتو هو. جڏهن ڊالهوف شراب جو گلاس هُن طرف وڌائي، ڏانهس شرارتي نموني گهوري نهاريندي چيو، "حسين عورتن .. ۽ هنن جي پيار ڪندڙن

جي صحت جو جام!" نڌڻ ٻيڙي هنجي اکين ۾ شيطاني گهور ڏني، لڙکڙائيندڙ قدمن سان اٿي بيٺو. ميز تي جهڪي، لڏندي لمندي، ڏيهي آواز ۾ چوائين، "نيچ .... ڪميڻا ... مان توکي * للڪار ٿو ڏيان." ايترو چئي هٿ واري گلاس جو جونئو شراب هنجي چهري طرف اُڇلايائين.

هي صبح جو ائين بجي ماسڪو شهر جي ٻاهران سوڪلنڪي ٿلي واري ننڍين وڻن جي جهنگل واري ميدان تي پنج ڄڻا اچي پهتا. ٻيڙيءَ جو مددگار

---

* للڪار - روس ۾، زار بادشاهه جي ڏينهن ۾ "للڪار" جو هڪ طريقو مروج هو، جنهن موجب اگر ڪوبه شخص ٻئي شخص کي وڙهڻ جي للڪار ڏيندو هو ته مقرر ٿيل وقت تي شهر يا ڳوٺ کان ٻاهر وڃي اهي ٻئي شخص هڪٻئي کان دور بيهي، پنهنجن پنهنجن پستولن ۾ گوليون ڀري هڪٻئي جو نشان وٺندا هئا. انهن شخصن سان هڪ هڪ مددگار دوست ۽ وچ ۾ هڪ فيصلو ڪندڙ "امپاير" بيهندا هئا. اهڙي دوبدو چڪريءَ ۾ ٿيندڙ خون قانوني نڪته نگاه کان ڏوه نه ليکيو ويندو هو، گويا انسان به ڪڪڙ هئا ۽ ڪڪڙن جي ويڙهه ۾ هڪ مئو به ته ڇا ٿيو! ڪير چوندو ته زار شاهي زندگيءَ کي به پنهنجون خوبيون نه هيون!

سندس دوست نيسوسڪي هو ۽ ڊلهوف جو مددگار، نوجوان نڪولائي روستوف ٻئي هو. ڊينيسوف نالي وارو هڪ فوجي آفيسر "امپادير" تنهن قبولي آيو هو ۽ هن پيئريءَ ۽ ڊلهوف ٻنهي کي پستول ڏنا. پوءِ پڙهي هئي، پريان چيائين، "منهنجي ٽي چوڻ تي، توهين هڪ ٻئي ڏانهن اڳتي وڌي گوليون هلائجو. هڪ... ٻه ... ٽي!"

ڊلهوف پنهنجين نيايين اکين سان دشمن کي گهوري نهاريندو ۽ هميشه موجب چپن تي شرارتي مشڪ ڦهلائيندو، آهستي آهستي پيئريءَ طرف وڌڻ لڳو. پيئري پنهنجي ساڄي ٻانهن تمام اڳتي وڌائي، هٿ ۾ پستول جهلي بيٺو. ان کان اڳ هن ڪڏهن به پستول نه هلايو هو. ڊپ ٻئي نيس نه ڪٿي سندس ٽي گولي ڪيس ٽي ماري نه ڇڏي! هن پنهنجون اکيون بند ڪري گولي هلائي. اکيون کولڻ تي دونهين سبب ڪجهه به نظر نه آيس. ڊلهوف جي گوليءَ جي انتظار ۾ هو بت مثل هڪ هنڌ بيٺو رهيو دونهو صاف ٿيو. ڊلهوف پنهنجي کاٻي پاسي جهڪي ويو هو ۽ نڪولائي روستوف هنکي جهلي بيٺو هو. "مان هنکي نه ڇڏيندس ... اڇا ته..." ڊلهوف ڪنجهندي چيو. "اف!... منهنجي امڙ!..." هو روستوف جي ٻانهن ۾ ڏرڪجي پيو.

ان واقع کان ٽي ڪلاڪ پوءِ، پيئري هميشه موجب اپپاس واري ڪمري ۾ ويٺو هو ته ايلن اندر

ٻوڙي آئي. ”مان هاڻ ماسڪو ۾ منهن ڏيکارڻ جهڙي نه رهي آهيان،“ هن بيحد غصي وچان واڪو ڪري چيو. ”واه! واه ڙي سوروير واه! شراب جي نشي ۾ ڪجهه پتو به پيئه نه ڪنهنکي ماري رهيو آهين؟ جنهن شخص جو اڄ خون ڪيو اٿيئي—“ هنجو آواز رڙ ۾ بدلجي ويو، ”اهو هر لحاظ کان توکان بهتر شخص هو.“

”سون مان نه ڳالهاءِ... مان توکي عرض ٿو ڪريان... تون هلي وڃ،“ پيئري گهگهي آواز ۾ پڇ پڇ ڪندي چيو.

”ڇو وڃان،“ ڇونه ڳالهايان؟ مشڪل ڪا اهڙي عورت هوندي، جا تو جهڙي مڙس هوندي، پريمي نه رکي. اِها مان ئي آهيان جنهنکي ڪو پريمي نه آهي،“ هن واڪو ڪري چيو.

”بهتر ٿيندو اسين هڪٻئي کان جدا ٿيون،“ پيئريءَ بيحد پيڙا جي اثر هيٺ غمگين نوع ۾ چيو.

”بلاشڪ! مونکي ڪهڙي پرواه آهي!“ ايلن چيو، ”پر مونکي ملڪيت جو حصو ڏيڻو پوندو، اِها ڳالهه ياد هجيئي!“

پيئري ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ ڪرندي اکٿي وڌيو. ”مان تنهنجو خون ڪندس!“ هن رڙ ڪئي ۽ پرسان پيل ميز تان وڏو گول سنگمرمر جو پٿر ٻنهي هٿن سان مٿي کنيائين.

ايلن ڪيڪ ڪاڙي ۽ ٽاپا کائيندي، هن کان پري

هئي وئي. پيٽريءَ جو چهرو بيحد ڏڪار جي اثر هيٺ ڪارانجي ويو. هن سنگمرمر جي پٿر کي زمين تي آڇلائي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. ”وڃ!“ هن گجگوڙ ڪئي. ”وڃ!“ هوءَ ڪمري کان ٻاهر ڊوڙي وئي.

هڪ هفتي بعد پيٽريءَ پنهنجي اڌ کان ڪجهه وڌيڪ جاگيرن جي آمدني زال جي نالي ڪري ڇڏي.

* * * * *

پيٽري هاڻ پنهنجو سڄو وقت ڪلب ۾ گذارڻ لڳو. پيٽرسبرگ واري حياتيءَ لاءِ هنجي دل ۾ ڪراهت پيدا ٿي وئي هئي. بادشاه جي حضور ۾ ڊگهيون رسمون هنجي سهڻ کان ٻاهر ٿي ويئون هيون ۽ لڳاتار هلندڙ، چمڪ دمڪ سان ڀرپور، بي مطلب سماجي ميڙن – مجلسن هنجي اندر ۾ انقلاب پيدا ڪيو هو. هو وري شرابخوريءَ کي لڳي ويو، ڪنوارپ وارن ڏينهن جهڙي بي لغام دوستيءَ ۾ مرغوب ٿي ويو ۽ ترت پيٽرسبرگ ۾ هنجا عيشي ڪرتوت اهڙا ته مشهور ٿي ويا جو هرڪو افسوس ڪائڻ لڳو ته هو نه صرف پنهنجو نالو بدنام ڪري رهيو آهي، پر حسين ڪائونٽيس ايلن جو نالو به خراب ڪري رهيو آهي. پيٽريءَ کي اهو الزام دل سان لڳو، انڪري ۽ زال سان ناه نه ڪرڻ خاطر، هو پيٽرسبرگ ڇڏي، ماسڪو ۾ وڃي رهڻ لڳو.

ماسڪو ۾ زندگي اهڙي ڪٺن نه هئي. هڪ ته

هتي هلت چالت جا ڪي به مقرر دستور نه هئا ۽ هيو هتان جي زندگي سستي ـ پسند هئي ، جنهنڪري هو پاڻ کي بلڪل آسائش ۽ مرضي پٽاندڙ زندگيءَ ۾ محسوس ڪرڻ لڳو . شهر جي هر شخص هنجو دل کولي آڌر ڀاءُ ڪيو ، گويا مدت کان سندس انتظار ۾ هئا . هو کيس سٺن شخصن شهزادو ، خرش مزاج ، رحمدل ، ڪلمڪ ، پورالو ، ديالو ۽ موجي ، خانداني روسي ڪري سمجهڻ لڳا . چندن نه هلندڙ تمام اسڪول خواه ديولون ڪڏهن به اميد رکي هن وٽان هٿين خالي واپس نه وريا هئا .

جڏن ٿي هو ڪلب جي صوفا تي وڃي ليٽيو ، تڏن ٿي هنجي اردگرد دوستن جي ٽولي مڙي آئي . شراب جا ڪجهه ڍڪ پيري ، سڀ ڪلهن يا جوش و خروش سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا . ڪڏي به ڪو جهڳڙو ٿئي ٿيو ته هن جي مهربان مشڪ يا چرچي ۾ ڪجهه چوڻ ، سخت دشمنن جي وچ ۾ به ناه ڪرائي ٿئي ڇڏيو . هو ماسڪو جو تمام مشهور ماڻهو ٿي ويو .

ان بيپرواه هوا ۾ پاجندي ، پيئري ڪڏهن ڪڏهن گنڀيرتا سان ان ڳالهه جو به ذڪر ڪندو هو ته هو هڪ بيوفا عورت جو محض مالدار مڙس هو ، جو زندگيءَ کي خيرباد ڪري ، کاڌي ، پيئڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ وقت گذاري رهيو هو ، يعني زندگيءَ ۾ ڪجهه ڪرڻ بجاءِ آها فضول برباد ڪري رهيو هو .

هين ڪيترن مردن . خاص طور روسي مردن وانگر

پنهنجي عقلمنديءَ کي ڪم ڪرڻ جي خواهش مٿان غالب پوڻ ڏنو. زندگيءَ جو نقلي ۽ فريبي روپ هن کي صاف نظر اچڻ لڳو. هنکي انسانن جي هر جدوجهد خرابي ۽ فريب ۾ رنگيل نظر اچڻ لڳي. هن جيڪي به ڏيڻ ٿئي چاهيو، جيڪي به ڪرڻ ٿئي چاهيو، آهو يڪدم ڪيس بگڙيل ۽ بي مطلب معلوم ٿيڻ لڳو. باوجود انجي هنکي زنده رهڻو هو، ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو هو. زندگيءَ جي منجهيل مسئلن جي ياد، سهڻ کان ٻاهر درد مثل هئي، انڪري صرف آنهن کي وسارڻ لاءِ هن ٻاڻ کي طرح طرح جي عيشن ۾ مرغوب ڪري ڇڏيو، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ اثرائتا هئا — شراب ۽ عورتون!

۴

ڏراسڪي

بليڪ هلس تي جنهن وقت انڊريءَ جي زال کي سور شروع ٿيا، اُن وقت تائين انڊريءَ جي ڪابه خبر چار آئي نه پهتي هئي. شاهي سڙڪ طرف ڪجهه گهوڙيسوارن کي جرمن ڊاڪٽر کي گهرائڻ لاءِ موڪليو ويو هو، جو هاڻ ڪنهن مهل به اچي پهچڻو هو. شام جي وقت لعلٽينن سان ڪجهه ماڻهن کي به موڪليو ويو هو جيئن برف ۾ ٿيل ٽنگن مٿان هنن کي سنڀال سان هلڻ ۾ مدد ڪري سگهن.

پرنسيز ماشا پنهنجي ڪتاب ۾ وڌيڪ ڌيان لڳائي نه سگهي. هوءَ چپ چاپ ويٺي پنهنجين چمڪندڙ اکين سان ڀيڻيءَ نرس جي گهنجيل چهري طرف نهاريندي رهي. نرس سڄو وقت ويٺي سوئيٽر اُڻي رهي هئي ۽ وچ وچ ۾ ور ور ڪري چئي رهي هئي، ”ڌڻي مهربان آهي. ڊاڪٽرن جي ڪا ضرورت نه آهي.“

اوچتو هڪ دري زور سان کلي ويئي ۽ هوا جي

جهوٽي پڙدي کي لهرائيندي، ڪمري ۾ ٿڌڪار پري
چڏي. ٻڍي نرس سوئيٽر پاسيرو رکي، دريءَ طرف
ويئي. دريءَ کان ٻاهر نظر ٻوندي ئي هن چيو، ”پياري
پرنسيز! هو ڏس، سامهون شاهي رستي تان ڪوئي
لالٽين ساڻ اچي رهيو آهي. پڪ ڊاڪٽر هوندو!“

”ڏڻي جا هزار شڪر!“ پرنسيز ماشا چيو. ”تڏهن
ته مونکي يڪدم وڃي هنکي اندر وٺي اچڻ گهرجي.
هن کي روسي ٻولي به نه ايندي آهي.“

پرنسيز ماشا يڪدم ٻاهر وڃي ڏاڪڻ جي منهن
وٽ وڃي بيٺي. ڏاڪڻ جي پهرين ماڙ واري وڪڙ
وٽ هڪ نوڪر ميڻ بتي جهلي بيٺو هو ۽ هيٺ گهر
جو رسويو دروازو کولي رهيو هو. هنجي ڪنن تي
ڪجهه سڃاتل آواز پيو، جنهنجي جواب ۾ رسوئي جو
ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ آيس. پوءِ ڏاڪڻ واري هيٺين، نظر نه
ايندڙ حصي تي ڳري بوٽ جي مٿي چڙهندڙ قدمن جا
آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳس.

”انڊري آهي!“ هن سوچيو. ”نه، هو ڪٿن
هوندو؟“ — ۽ ٺيڪ آن وقت ڏاڪڻ جي وڪڙ وٽ،
جتي نوڪر ميڻ بتي پڪڙي بيٺو هو، انڊريءَ جي
صورت ۽ جسم نظر آيا. هو ڳري پيلو ٿي ويو هو،
هنجو چهرو عجيب نموني بدلجي، ڪومل ٿي، بغاوت
ساڻ ڀرجي ويو هو. ڏاڪڻ چڙهي هن ڀيڻ کي ڀاڪر
ساڻ ڀاڪر پاتو.

"توهانکي تڏهن منهنجي چٺي نہ پهتي؟" هن پڇيو "فرانسي مون سان تمام سٺي نموني ۾ هليا ۽ منهنجي ٺيڪ ٺيڪ ٺاٺين چڱيءَ طرح منهنجي سنڀال لهندا رهيا." رستي ۾ هن سان جرمن ڊاڪٽر گڏيو هو. هو هنجي پٺيان مٿي چڙهي آيو. انڊريءَ فورن پنهنجو ڊگهو ڪوٽ ۽ وڏو بوٽ لاٿو ۽ يڪدم ڊاڪٽر سان گڏجي پرنسيز جي ڪمري ۾ ويو.

لائيس رات واري اچي ڏوبي ڀري گديلي تي ليٽي پيئي هئي. هنجا ور وڪڙ ڪارا وار سندس سڄيل ۽ پگهر سان چيل ڳلن تي پکڙيا پيا هئا. هوءَ خوشيءَ سان پريل مشڪي رهي هئي. اجا آن وقت ڏي هنجي پيڙا کيس ڇڏي ويئي هئي. هنجي اکين تي ڀيانڪ خوف جو سايو هو ۽ پلنگ جي پرسان بيٺل پرنس انڊريءَ کي ڏسي بہ سندس اکين تان اهو خوف جو سايو گهٽ نہ ٿيو. هو پلنگ جي چوطرف ڦري آيو ۽ پوءِ آهستگيءَ سان زال جي پيشاني چميائين.

"منهنجا املهہ رتن!" هن پڻ پڻ ڪندي آهي لفظ چيا، جي هن اڳ ڪڏهن بہ ڪم نہ آندا هئا. "سان توکي ڪيترو چاهيان ٿو! ۽... ۽ اسين هاڻي خوب، خوب مزي ۾ رهنداسين." هوءَ هن ڏانهن سوال پڇندڙ نگاهن سان، ٻاه واري نوع ۾ گهور ڪري نهارڻ لڳي.

وري سور شروع ٿيا ۽ ٻڍي نرس انڊريءَ کي

ڪمري ڪان ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. اينڊري پاسي واري هڪ ڪمري ۾ وڃي ويٺو. ڪجهه منٽن بعد هڪ عورت ڪمري ڪان ٻاهر نڪري، هڪ دفعو اينڊريءَ طرف هراسيل نگاهن سان نهاري، تڪڙي ڊوڙي ويئي. اينڊريءَ پنهنجو چهرو ٻنهي هٿن ۾ پوري ڇڏيو. ڪمري مان بيوس جانور جهڙيون پر رحم جوڳيون دانهون ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳيون! جڏهن آهي پوريون ٿيون، تڏهن ڊاڪٽر دروازو کولي ٻاهر نڪتو. هنکي بدن تي ڪوٽ نه هو، هنجو چهرو سفيد ٿي ويو هو ۽ هنجي هيٺين ڏاڙ ڏڪي رهي هئي.

پرنس اينڊري ڪمري اندر ويو ته ڏٺائين، ٻڍي نرس جي ڪنبندڙ هٿن ۾ ڪجهه ڳاڙهو ۽ تمام ننڍو هڏڪي ۽ ڪِڪرائي رهيو هو. ”تنهنجو پٽ آهي،“ هن ڀڻ ڀڻ ۾ چيو. هو پلنگ جي پرسان ويو. هنجي زال مرده پيئي هئي ۽ هنجا چپ هميشه موافق بلڪل ٿي وٺندڙ نموني ۾ آيريا پيا هئا.

ٻن ڪلاڪن کانپوءِ... پرنس اينڊري آهستگيءَ سان پيءُ جي ڪمري ۾ ويو. ٻڍي پرنس کي سڀ معلوم ٿي چڪو هو. ٻنا ڪجهه به ڪڇڻ جي، هنجون ڪهريون ۽ ٻيڙيون ٻانهون پٽ جي ڳلي چوطرف ويڙهجي ويئون ۽ هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

* * * * *

آسٽريا جي لڙائيءَ کي ١٨ مهينا گذري چڪا هئا.

فرانسيسين هڪٻئي پٺيان فتح تي فتح حاصل ڪئي هئي- جينا، آئلا، فرائڊ لئنڊ.. آخر زار بادشاه لڳاتار چڪتاڻ مان بيزار ٿي صلح ڪرڻ قبوليو هو. اڄ هو ٽلسٽ ۾ نيپولين سان گڏجڻو هو، جتي صلح جي شرطن تي ٻنهي کي دستخط ڪرڻي هئي.

جون ١٨٠٧ جو سج جي روشنيءَ ۾ چمڪندڙ هڪ ڏينهن هو. ٽلسٽ جي مکيه چونڪ تي هڪ روسي پلٽڻ ۽ هڪ فرانسي پلٽڻ هڪٻئي جي سامهون بيٺيون هيون. پلٽڻن جي وچ ۾، ٻئي شهنشاهه گهوڙن تي سوار ٿي اچي هڪٻئي سان مليا. ٿاهوڪي نوجوان زار سڪندر کي گهوڙيسوار جو فوجي وڳ پهريل هو. نيپولين کي سفيد وڳ مٿان نيلي فوجي يونيفارم پهريل هئي ۽ مٿي تي ٽڪنڊي ٽوپي هئس. ٻنهي شهنشاهن گهوڙن تان لهي هڪٻئي سان هٿ ملايا. نيپولين جي پيريل سفيد چهري تي اڻ وڻندڙ مشڪ ڇانيل هئي.

نوجوان نڪولائي رستوف جڏهن پنهنجي دوست ڊينسوف کي ڏسي گهر موٽيو، تڏهن ئي کيس مٿين صلح جي خبر پيئي. زخميل ڄنگهه سان فوجي اسپتال ۾ پيو هو. نڪولائي پنهنجي دل مان غلاظت، بيماري ۽ بيپرواهيءَ جون يادگيريون هٽائي نه سگهيو ۽ هنجي نڪ ۾ سڙيل مڙدن جي تيز بدبوءِ اڃا به ايتري تازي هئي جو هو هميشه پيو هوڏانهن نهاريندو هو ته آها ڪٿان اچي رهي هئي!

”تڏهن باقي اسين لڙياسين ڇا لاءِ؟“ جهنبو ڪنندڙ سوار نڪولائيءَ ڪاوڙ ۾. صلح جي خبر تي راڙڻي ڪندي چيو. ”يورپ جي آزاديءَ جو بچاءُ ڇا هن ريت ٿيڻو هو؟“

”لڙائيءَ ۾ انسان جو ڪهڙي نه ڀيانڪ نموني ۾ موت ٿيو هو!—“ هن پنهنجو پاڻ کي اُن وقت چيو، جنهن وقت ٻن شهنشاهن کي پاڻ ۾ ملندو ڏسي رهيو هو. ”هنن جا جسم آڏامي ذريون ذريون ٿي ويا، عضوا پري وڃي پيا..... ۽ اهو سڀ ڇا لاءِ؟ ڇا لاءِ؟ صرف انهلاءِ ته زار بادشاه هن نڳ، مشڪندڙ خبيث، يورپ جي وڏي ۾ وڏي ستمگر کي ڀاءُ وانگر ڀاڪر پائي؟—“

ٻـه سال پوءِ.... ١٨٠٩ ۾ ٻنهي شنهشاهن جي وچ ۾ دوستي اهڙي وڏي ويئي جو روسي فوج جون ڪجهه پلٽڻون سرحد ٽپي، فرانسيسن سان گڏ ٿي، پنهنجي جهوني ساٿيءَ خلاف لڙائيءَ ۾ وڃي شامل ٿيون!

پرنس انڊريءَ هاڻ پنهنجو گهڻو وقت ريازان واري جاگير تي گذارڻ لڳو. هنجو ننڍڙو پٽ نڪولوشڪا ڏاڏي سان گڏ بليڪ هلس تي رهندو هو.

مئي ١٨٠٩ ۾ پرنس انڊري ريازان واري جاگير جي ڪجهه معاملن جي سلسي ۾ ضلع جي مارشل سان گڏجڻ لاءِ ويو. اهو مارشل ڪائونٽ اِليا رستوف هو. هن پنهن جي معزز مهمان جي خوب خاطرداري ڪئي ۽ آها رات سائن گڏ رهڻ لاءِ زور ڪيائين.

اُها سڄي شام پرنس انڊريءَ ڪيترا دفعا نتاشا طرف نهاريو، جا ڪيس حد کان وڌيڪ خوش نظر اچي رهي هئي. "نه معلوم هوءَ ڪهڙي سبب ايترو خوش ٿي رهي آهي؟" هو سڄو وقت پنهنجو پاڻ کان پڇندو رهيو.

رات جي وقت، پنهنجي اڪيلي ڪمري ۾، هن جي نيڻن کي ننڊ نصيب نه ٿي. بستري تان اُٿي، هن ڪمري جي دري کولي. رات تازي، روشن ۽ خاموش هئي. دريءَ جي ساڄي پاسي هڪ گهاٽو وڻ هو، جنهن جي مٿان موسم– بهار جي بنا تارن آڪاش ۾ چندرمان پوري زور سان روشني ڦهلائي رهيو هو اوچتو هن مٿان ڇوڪرين جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌو...

"سونيا، سونيا، ڏس ته چنڊ ڪيڏو چمڪي رهيو آهي!" مٿينءَ دريءَ مان ڪنهن ڇوڪريءَ چيو. هوءَ دريءَ مان ضرور ٻاهر نئڙي ڳالهائيندي هوندي، ڇاڪاڻ ته انڊري نه صرف هن جي ڪپڙن جي ڦر ڦر، پر سندس دل جي ڌڙڪن به ٻڌي رهيو هو. چندرما، اُنجي روشني ۽ پاڇن جهان هر چيز بلڪل خاموش هئي.

"هاڻ اچي سمهه، نتاشا! هڪ وڄي چڪو آهي،" ٻئي آواز چيو.

"پر ڏس ته سهڻي.... عاليشان چانڊوڪي آهي!" پهرين آواز پڙ پڙ ڪئي. جيسين ڇوڪريون دريءَ وٽ ويٺيون هيون، پرنس انڊري ڪجهه منٽ دريءَ

وٽ بيٺو رهيو. رکي رکي هنجي ڪن تي ڦر ڦر يا اونهي ساهه جي آواز جو پڙلاءُ ٿي پيو.

”او ايشور! اِن جو الائجي ڇهڙو ارٿ آهي؟“

۽ نتاشا زور سان چيو. ”چکو، هل ته هاڻ هلي سمهون!“ ۽ هن زور سان دري بند ڪري ڇڏي.

ٻئي ڏينهن تي پرنس انڊري بلهڪ هلس ڏانهن ويو. ٻڌس ڪي هن ۾ عجيب اداسائي ۽ بيچيني نظر آئي. پرنس انڊريءَ ڪيس ٻڌايو ته هو ترت پيٽرسبرگ وڃي رهيو هو، جتي زار جي شان شاهي ناچ ٿيڻو هو. ”منهنجي عمر اجا ايڪٽيهه ورهيه مس آهي،“ هن ذري گهٽ گنهگار نوع ۾ بيءَ ڪي چيو. ”۽ منهنجي هيءَ عمر ڪُوٺ ۾ زندگي گذارڻ لائق ته نه آهي.“

روستوف ڪٽنب جا سڀ ڀاتي به ان شاهي ناچ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وڃڻا هئا، جتي نتاشا پهريون ڀيرو دفعو اهڙي سماجي ميڙ ۾ ناچ ڪرڻ واري هئي.

* * * * *

نتاشا ۽ سونيا، ٻنهي کي اڇا ڪپڙا پهريل هئا ۽ وارن ۾ ڳاڙها گل پيل هئا. هنن کي معلوم هو ته ناچ جي موقعي تي گڏ ٿيل ماڻهن مان ڪيترا هنن طرف تعريفي نگاهن سان ڏسي رهيا، پر ٻنهي مان ڪا به ان ڳالهه تي خوش نه ٿي رهي هئي. ناچ واقعي ٿي شاندار هو، جنهن جهڙا رشيا ۾ ڪي ٿورا ناچ ٿيا هوندا. اڏ

ڪلاڪ کان ساز هلي رهيا هئا پر اڃا ڪنهن به ڪين ناچ ڪرڻ لاءِ آڇ نه ڪئي هئي.

پيئري بيزهوف وڏي وڃي پرنس انڊريءَ کي ٻانهن کان پڪڙيو ۽ چيائين، ”تون ته هميشه نچندو آهين،“ هن پنهنجي اڻ-گهڙئي نوع ۾ چيو. ”هو ڏس، سامهون روستوف ڪٽنب جي ڇوڪري ويٺي آهي، وڃي ڪيس ناچ لاءِ آڇ ڪر...“

پرنس انڊري پيئريءَ جي اشارو ڪيل جاءِ طرف وڌيو. پنهنجي فوجي ويس ۾ هو بلڪل بهادر ۽ نهايت ٺاهوڪو معلوم ٿي رهيو هو. ناچ واري هال ۾ ڪيترائون نگاهون هنجي پٺ وٺي هلي رهيون هيون، جنن ڏي هن هال جي وچ مان اکيون وڌي وڃي نتاشا جي ڏنل ۽ مايوس چهري اڳيان ڪنڌ نوايو. هنکي ناچ لاءِ آڇ پوري ڪرڻ کان اڳ ئي هن ڪيس ڀاڪر پائڻ لاءِ پنهنجو هٿ مٿي ڪيو.

”مان ته ڪيتري وقت کان تنهنجو انتظار ڪري رهي هئس،“ نتاشا جون اکيون گويا ڪيس چئي رهيون هيون، جنن آنسن شروع ٿيڻ سان هنجي چهري تي مشڪ ڦهلجي وئي.

پرنس انڊري پنهنجي وقت جو نهايت قابل ناچ ڪندڙ ڪري مڃيو ويندو هو. نتاشا به عجيب خوبيءَ سان ناچ ڪيو. هنجي چهري مان چشمي وانگر خوشي ڦاٽي نڪري رهي هئي. پرنس انڊريءَ ناچ ۾ هن سان

ڳڻ ڳول ڳول ڦرندي، جڏهن ٿي پنهنجي ٻانهن سان هنجي سنهي ۽ ڪومل ڇاتيءَ کي پاڻ طرف وڌيڪ ويجهو ٿي ڪيو، هنجي ڏانهنس مسڪندڙ، دل ۾ هلچل مچائيندڙ چهري کي پنهنجي قريب ٿي ڏٺو، تڏهن ٿي هو سمجهي ويو ته نتاشا جي سندرتا جي نشي ڪيس مدهوش بڻائي ڇڏيو هو.

ٻئي ڏينهن اڊبري روستوف ڪٽنب جي گهر ۾ ويو آنڪانپوءِ اڪثر ويندو رهيو. گهر ۾ هرڪو سمجهي سگهيو ٿي ته هو ڇو اچي رهيو هو پر روستوف ڪٽنب جي ننڍڙي لاڏلي ۽ لڇاري نتاشا کي هڪ حرف چوڻ جي به ڪنهن کي همت نه هئي؛ تان جو آخر هڪ ڏينهن ماڻس پڇيس، ”نتاشا! هن توکي ڇا چيو آهي؟“

”هنجي وڏر هئڻ ۾ ڇا ڪو اعتراض آهي، امڙ؟“ هن جواب ڏيڻ بجاءِ پڇيو.

”اهڙي ڳالهه زبان تي نه آڻ ڌيءَ. ڌڻيءَ جو نالو وٺ. سڀ هنجي ٿي هٿن ۾ آهي.“

”منهنجي مٺڙي امڙ! مان توکي ڏاڍو پيار ڪريان ٿي! مان اڄ ڏاڍي خوش آهيان،“ نتاشا ماءُ کي ڀاڪر پائي، ٽپا ڏيندي چيو.

پرنس اڊبريءَ کي شاديءَ کان اڳ پيءُ کان اجازت وٺڻي هئي. هو بليڪ هلس ڏانهن روانو ٿي ويو. پوڙهي پرنس پٽ جي سڄي ڳالهه بلڪل سانتگيءَ

سان ٻڌي. اندر ۾ ڏاڍو غصو آيس پر هن جي چهري تي ان جو ڪو به آثار ظاهر نه ٿيو. پوءِ سانتيڪي نوع ۾ ورائيائين، ”پهرين ته خاندان خواه ملڪيت جي خيال کان شادي خاص سٺي نه آهي. ٻي ڳالهه ته تنهنجي اڃا تندرستي بلڪل ٺيڪ نه ٿي آهي ۽ ڇوڪري به اڃا ننڍڙي آهي. ٽين ڳالهه ته ڇوڪري ايتري ننڍي ۽ اڻ آزمودگار آهي جو تنهنجي ننڍڙي پٽ جي سنڀال هن جي هٿن ۾ سپرد ڪري نه ٿي سگهجي.“

ائنڊري چپ ويٺو ٻڌندو رهيو.

”۽ ڇوٿين ڳالهه،“ پڻس وڌيڪ چيو، ”مان توکي عرض ٿو ڪريان ته ان شاديءَ کي هڪ سال لاءِ ترساءِ. ان وچ ۾ تون ٻاهر وڃ ۽ پنهنجي صحت بلڪل ٺيڪ ڪري اچ. ان کان پوءِ به اگر تنهنجو اهو پيار اهو جوش ۽ اهو ضد اڃا قائم هجن ته پوءِ بلاشڪ شادي ڪج. ۽ ان معاملي نسبت منهنجو اهو آخرين فيصلو آهي.“

پرنس ائنڊريءَ کي خبر هئي ته پڻس پنهنجو فيصلو ڪڏهن به نه بدليندو هو. هن هڪ سال جو مدو قبول ڪيو ۽ هو پيٽرسبرگ واپس ويو.

جنهن مهل هو نتاشا سان گڏيو، هنجون نگاهون هيٺ جهڪيل هيون. ”مون جڏهن پهريون دفعو توکي ڏٺو، تڏهن کان ئي توکي ڏاڍو چاهيو اٿم،“ هن چيو. هوءَ هن جي ويجهو آئي ۽ چپ چاپ بيهي رهي.

اڱنڊريءَ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪري، آنکي چيو ۽ پڇيائين، "پڊام، تون به مونکي چاهين ٿي؟"

"ها، ها،" هن ذري گهٽ غصي مان چيو ۽ پوءِ سڏڪن ۾ اچي ڇٽڪي.

"ڇو؟ ڇا ٿيو؟" اڱنڊريءَ انتظار پريل اکين سان پڇيو.

"ڪجهه نه، ڪجهه نه،" هن آنسن پريل اکين سان مشڪندي چيو. "اڄ مان ڪيتري خوش آهيان!"

جڏهن اڱنڊري پيءُ وارا شرط ٻڌايس تڏهن هوءَ مايوس نظرن سان ڏانهنس نهارڻ لڳي. "ان ڪانسواءِ ٻيو رستوئي نه آهي." هن عاجزي نوع ۾ چيو "۽ هڪ سال ڪيتري ۾ گذري ويندو!" هن جي ڇميل چهري تي غم جا نشان صاف ظاهر هئا.

"اها ته هيبتناڪ ڳالهه آهي، هيبتناڪ، بلڪل هيبتناڪ!" نتاشا اوچتو روئندي چيو. "هڪ سال ترسڻو پيو ته مان مري وينديس. ناممڪن آهي." چوندي چوندي هن پنهنجي پريميءَ جي چهري طرف نهاريو، جو درد ۽ مونجهاري ۾ مروٽجي رهيو هو.

"نه، نه، مان ترسي سگهنديس،" هن آنسون آگهي چيو. "مان اڄ ڏاڍي خوش آهيان!"

ٿوري دير بعد.... ڪائونٽ ۽ ڪائونٽيس روستوف ڪمري ۾ اندر اچي مگيل جوڙي کي آشيرواد ڏني.

آن کان پوءِ پرنس اٿدري سندن گهر ۾ نتاشا جي مڱ جي حيثيت ۾ ايندو رهيو.

آخر اهو ڏينهن آيو جنهن ڏينهن پرنس اٿدري علاج ۽ آرام لاءِ جرمني وڃڻ وقت نتاشا کان موڪلائي ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لڳو. جڏهن هو ٻاهر وڃي رهيو هو، نتاشا جون اکيون سڄو وقت هن تي کتل هيون. هنجي وڃڻ کان پوءِ هوءَ بيحد ڏک وچان زمين تي ليٽي پيئي. "ڏٺي! هنکي وڃڻ نه ڏي!" هن روئندي چيو. "هن کي واپس موٽاءِ ڏٺي! نه معلوم ڇو منهنجي دل ڇٽي رهي آهي ته ڪا ڀيانڪ ڳالهه ٿيندي...."

ڇهه مهنا گذري ويا....

انهن ڇهن مهينن ۾ ايڊن وا سليءَ جي ڏاهوڪي، بدڪار پاءُ اٿنٽول، نتاشا تي نظر رکي رکي، آخر هن سان پيار جون وڏيون ڳالهيون ڪري، شاديءَ جو دلبو ڏيئي، پنهنجي پنجي ۾ آندو هو. نتاشا ننڍي نيٽي هئي، دنيا جي داون - پيچن کان بيخبر، هوءَ اٿنٽول جي ڳالهين ۾ ايتري قدر اچي ويئي جو مائٽن جي موڪل کان سواءِ هن سان گڏ گهر مان ڀڄي وڃڻ لاءِ تيار ٿي. هوءَ اٿدريءَ سان مڱيل هئي، انڪري سندس مائٽ ٻئي ڪنهن سان شاديءَ جي ڳالهه ٻڌندي ئي بگڙي وڃن ها ۽ هوءَ وڏيڪ عرصو ترسي به نه ٿي سگهي. نتاشا پنهنجي اڪي ڀڄڻ جي ڳالهه، سونيا کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان به نه ڪئي هئي.

پيٽري بيزهوف کي ڪنهن طرح ان معاملي جي
ڄاڻ پئجي ويئي. هنکي خبر هئي ته ائنٽول اڳوات ئي
شادي ڪئي هئي ۽ هنجي زال پولينڊ ۾ رهندي هئي.
جنهن رات ائنٽول هن کي ڀڄائي وڃڻو هو، اُن رات هو
روستوف ڪٽنب جي گهر واري باغ جي هڪ وڻ پٺيان
لڪي ويٺو.

اڌ رات جي وقت، جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي مڪمل
ننڊ ۾ آرامي ٿي چڪا هئا، اُن وقت گهر جي ٻاهران
هڪ گهوڙي گاڏي آهستي آهستي هلندي اچي بيٺي.
نتاشا دريءَ جي شيشي مان گاڏي ڏسندي ئي پنهنجو
سامان کڻي ڪمري جو دروازو کولڻ جي ڪوشش
ڪئي، پر دروازو ٻاهران ڪلف بند هو! هن گهڻي
ڪوشش ڪئي، سونيا کي حرف پڪاريائين، پر ورنو
ڪجهه نه، گويا ڪوڙها ڳاڙيندي زمين تي ويهي رهي.

ان کان ٿورو وقت اڳ سونيا آهستي آهستي دروازو
کولي ٻاهر نڪتي هئي، اهو ڏسڻ لاءِ ته گهر جي ڀاتين
مان ڪو جاڳي ته نه رهيو هو. نتاشا واري ڪمري جو
دروازو آهستي بند ڪري هوءَ سڌو گهر گهمي، جڏهن
ٻاهر وارو دروازو کولي باغ ڏانهن آئي ته اوچتو پيٽري
وڻ پٺيان ٻاهر نڪري، هن کي خاموش رهڻ جو اشارو
ڪيو ۽ ڪانئس نتاشا جي ڪمري جي ڪنجي وٺي وڃي
اُن کي تالو لڳائي ڇڏيائين!

پيٽري پوءِ ٻاهر ائنٽول جي گاڏيءَ وٽ آيو. ائنٽول

کيس ڏسي، ڀرين ٻچي، پوءِ ڳالهيون ٻڌائي لڳو. پيئريءَ نفرت مان چيس، "مونکي سڀ ڪجهه معلوم آهي." ۽ پوءِ هن بدمعاش کي وڙهڻ لاءِ للڪاريائين پر ڪائر انٽول ان لاءِ تيار نه ٿيو. تڏهن پيئريءَ گهوڙي گاڏيءَ جو ڇهبوڪ کڻي هڪ دفعو زور سان هڻڪي وهائي ڪڍيو ۽ ٻيو دفعو گهوڙي کي هنيائين، جو زور سان گاڏيءَ کي ڇڪي، ڏسندي ڏسندي نظرن کان غائب ٿي ويو.

انٽول بدناميءَ جي ڊپ کان ٻئي ڏينهن پيٽرسبرگ ڇڏي ڀڄي ويو. نتاشا جي به ڏاڍي بدنامي ٿي، ان ڪري هن واجب ڄاتو ته پنهنجي بيقصور مڱ کي ان بدناميءَ ۾ حصيدار ٿيڻ کان ڇٽل رکي. هن انڊريءَ جي ڀيڻ ماشا کي لکيو ته ڀاءُ کي احوال ڏي ته هو پاڻ کي ان مڱڻيءَ کان ڇٽل سمجهي. ماشا ڀاءُ کي جرمنيءَ ۾ پورائتي ڳالهه لکي موڪلي.

٥

جنگ

جون ١٨١٢ جي هڪ گرم شام جو زار بادشاه ولنا شهر واري پنهنجي محل ۾ "مزورڪا" ناچ ڪري رهيو هو. اوچتو سندس فوج جو هڪ جنرل بالاشوف هال ۾ اندر آيو ۽ سڌو هلندو، ناچ ڪندڙن کي راه مان هٽائيندو، سڌو زار وٽ اچي پهتو. هن طرح جي اڍنگي هلت تي ناچ ڪندڙن جي ڪاوڙ تڙت ئي وسمي ۾ بدلجي ويئي، جڏهن هنن ڏٺو ته بالاشوف معمولي مريادا جي به پرواه نه ڪري، ڪن لاءِ به نه هٽڪي، زار ۽ هن سان ناچ ڪندڙ ساٿي جي وچ ۾ وڃي بيٺو ۽ بادشاه کي ٻانهن کان وٺي جهليائين. زار هن ڏانهن تعجب وچان نهاريو. پوءِ، بالاشوف جي اکين جو اظهار ڏسي، پنهنجي ساٿي کي معافيءَ طور ٻڪي ۾ ٻه لفظ چئائين ۽ جنرل سان گڏجي ٻاهر نڪري ويو.

ڪجهه ڪلاڪن بعد، زار بالاشوف کي هڪ خط

ڏنو ۽ چيائينس تہ ھو پاڻ وڃي اھو نيپولين کي پھچائي، جنھن ۾ ھن لکيو —

”فرانس جا شھنشاہ!“

مونکي ڪالھہ معلوم ٿيو تہ باوجود منھنجي وفاداريءَ جي، جنھن سان مون شھنشاہ سان ڪيل ھر قول جي پورائي ٻي ڪئي آھي، توھان جون فوجون رشيا جي سرحد ٽپي آيون آھن. جيڪڏھن شھنشاہ ھاڻ بہ پنھنجين فوجن کي سر زمين روس تان واپس ٿيڻ جو حڪم ڏيندو تہ مان اھا ڳالھہ بلڪل وساري ڇڏيندس ۽ آئينده اسان ۾ ٺاہ ممڪن ٿي سگھندو — ٻي حالت ۾ پاڻ تي ٿيل ان حملي کي دور ھٽائڻ لاءِ مجبور ٿيندس، جنھن کي شروع ڪرڻ ۾ اسان جو ڪو ڏوھ نہ آھي. انسان ذات کي ٻي جنگ جي ھولناڪ نتيجن کان بچائڻ شھنشاہ جي ڏي ھٿن ۾ آھي.

”سڪندر.“

بالاشوف فرانسي پلٽڻ جي وچ مان ھلندو، نيپولين جي سامھون وڃي حاضر ٿيو. شھنشاہ اڃا اُن وقت سنان ڪري پورو ڪيو ھو ۽ سندس جسم مان عطر جي خوب خوشبوء اچي رھي ھئي. ھنجي ويڪري پيشانيءَ جي ھڪ طرف وارن جو مڇو لٽڪي رھيو ھو، ھنجو چھرو ۽ ڳچي حد کان وڌيڪ سفيد نظر اچي رھيا ھئا. ھنجو بندرو، مظبوط، سورھن ڪلھن ۽ ڳرل پيٽ وارو بدن، سندس ڪلھي ھارڪي حاڪمائي

هستيءَ موافق، ڪلھ ھارڪو معلوم ٿي رھيو ھو.

جڏھن بالاشوف ڪيس زار وارو خط ڏنو تہ ھن ڦھڪائي چيو، ”مان شھنشاہ زار سڪندر ڪان صلح جو گھڻ خواھان نہ آھيان. گذريل ١٨ مھنن ڪان مان صلح حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا گھٽ ڪوشش ڪري رھيو آھيان؟“ ايترو چئي ھو ھيڏانھن ھوڏانھن اچ وڃ ڪرڻ لڳو. ھنجو گلو سڄي ويو. بالاشوف سمجھي ويو تہ ھنجو غصي جو پارو چڙھي رھيو آھي.

”اھڙي قسم جا حڪم ڪنھن ننڍي رياست جي حاڪم تي ھلائي سگھجن ٿا، پر مان انھن تي ھريل نہ آھيان،“ ھن واڪا ڪندي چيو، ”توھين چئو ٿا، مون لڙائي شروع ڪئي آھي. انگلنڊ سان ٻيرين ڪير وڃي شامل ٿيو؟ شھنشاہ سڪندر! ھاڻ جڏھن مان لک خرچي چڪو آھيان تڏھن توھين ٺاھ جون ڳالھيون ڪرڻ لاءِ آيا آھيو. جڏھن توھان جو طرف ڪمزور ٿي ويو آھي، تڏھن توھين ٺاہ ڪرڻ چاھيو ٿا. خوب!“

نيپولين حاسدائي نوع ۾ ڪلھ لڳو، پنھنجي سفيد صدريءَ مان ناس جي دبلي ڪڍي، آن مان چپٽي ڪئي نڪ ۾ ڏنائين ۽ نفرت آميز نوع ۾ چوائين، توھان وٽ بہ لک فوجون بہ نہ آھن ۽ مان قسم کڻي ٿو چوان تہ مون وٽ ان کان ٽيڻيون فوجون آھن.“ ھن کي معلوم نہ ھو فرانسيسن کان سواءِ، سندس قسم تي ڪنھن کي بہ اعتبار نہ ھو!

هو نڪو وڏي بالاشوف جي ويجهو آيو ۽ خوب اشارا ڪندي، هنجي چهري پرسان پنهنجي سفيد هٿ جي مڪ لوڏيندي، ذري گهٽ هنڪي هڻندي، زور سان رڙيون ڪندي چوائين، "مان ... مان توهان کي دوانا ڀوڙ تان ڌڪي سڌو نيمن نديءَ ۾ اڇلائيندس." هن جي سفيد چهري تي هلڪي گلابي رنگ جي لالائي نمودار ٿي. "يورپ اکيون پوري، توهان کي جا زمين هڙپ ڪرڻ ڏيڻ جو گناه ڪيو آهي، آها مان واپس حاصل ڪندس. منهنجو مقابلو ڪرڻ سان توهان جو اهو ئي حشر ٿيندو." هو وڃي ڪمري ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳو، هنجا ٿلها ڪلها ڪنبي رهيا هئا. هن ناس جي ڏٻلي واپس کيسي ۾ وڌي، وري ڪڍيائين ۽ ٻه ٽي ڇڪون پري نڪ ۾ ڏنائين. پوءِ هو بالاشوف جي سامهون اچي بيٺو ۽ ٻاڏاوتي نوع ۾ چوائين، "۽ پوءِ ٻه تنهنجي مالڪ کي راڄ ڪرڻ لاءِ ڪا گهٽ بادشاهي نه بچي ها!"

بالاشوف جڏهن ٻاهر نڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو، تڏهن هن ڏٺو ته نيپولين جو ٿلهو ڳاٻو ڇڪون ڏيئي رهيو هو. نيپولين پاڻ به اها ڳالهه ڏٺي هئي ۽ ان کي هو ڪاميابيءَ جي وڏي ۾ وڏي نشاني ڪري سمجهندو هو.

جنگ شروع ٿي وئي.

* * * * *

نيپولين جي حيرت ۽ ڪاوڙ جي حد ئي نه رهي،

جڏهن هن ڏٺو ته چئن لکن سپاهين جي شاندار فرانسي فوج جي روس اندر گهڙڻ کان پوءِ، ويڙهه ۾ ويڙهه اچڻي وڃڻ تي به، روسي فوج هنن جو مقابلو نه ٿي ڪيو، روسي پلٽڻون چپ چاپ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، هڪ شهر کان ٻئي شهر، پٺتي هٽنديون ٿي ويون، صرف ڪٿي ڪٿي هنن فرانسي پلٽڻن سان هلڪيون چڪريون ٿي ڪاڍيون ۽ هنن تي معمولي جيت به حاصل ٿي ڪئي. پر جڏهن به فرانسين ڪا وڏي لڙائي ڪرڻ ٿي چاهي ته هو يڪدم پٺتي هٽي، ٻئي ڪنهن شهر ۾ وڃي ٿي بيٺا.

نيپولين کي پڪ هئي ته روسي سمولينسڪ شهر وٽ ضرور جنگ جوٽيندا. ان ڪري هن پنهنجي حرفتي نموني سڄي چال تيار ڪئي، جئن فرانسي فوج جون جدا جدا پلٽڻون روسين کي وڪوڙي وڃن ۽ ڪين سوڙهو گهٽين. پر فرانسين جي پهچڻ کان اڳ، هڪ به گولي نه ڇوڙي، روسي اڳواٽ ئي آنان پٺتي هٽي ماسڪو هليا ويا هئا.

زار هاڻ پاڻ محسوس ڪرڻ لڳو ته اهي طريقا وڙهندڙن جي شان وٽان نه آهن. هن مارشل ڪتزوف کي ماسڪو وڃي فوجن جي اڳواڻي ڪري، فرانسين سان دوبدو ٽڪر جو حڪم ڏنو.

نيپولين خواه زار، ڪنهن کي به ان ڳالهه جي چاڻ نه هئي ته هن لڙائيءَ ۾ جنگي فن جي قابليت،

فوجن جي انداز ۽ لڙائيءَ جي ميدان فتح تي جنگ جو ايترو مدار نہ هو، جيترو روسين جي سمجھہ تي. آها سمجھہ، جا مدت کان سندن دماغ ۾ ويهجي ويئي هئي، اها هئي تہ دشمن کي لڙائي وسيع سيج ۾ ڇڪجي ۽ پوءِ هنجو ڪڏو ۽ سامان بند ڪري، ڪيس بک ۾ ايترو حيران ۽ پريشان ڪجي جو آخر زخميل، بکايل ۽ ڇتي جانور وانگر کو بہ رستو ملڻ تي خوشيءَ سان ڀڄي نڪري.

۽ ڪڙمي - ڪٽنب جي ڪٽزوف ۾ اها سمجھہ بلڪل گهريءَ طرح ويٺل هئي. زار جنگ ۾ اهڙي جيت حاصل ڪرڻ ٿي چاهي، جا پوري يورپ ۾ ڏونڪو وڄائي ڇڏي. ڪٽزوف هن جي ناراضگيءَ جي ڪا پرواه نہ ڪري، پنهنجي ٻن مکيہ جنرلن بئگريشن ۽ بارڪلي جي شروع ڪيل چال قائم رکي؛ جنهن موجب، فرانسين کي روس ۾ وڌيڪ اندر ڇڪڻ جي خيال کان، روسي پاڇٽون پٽتي، هٽنديون ٿي ويئون. زار ۽ هنجا پيٽرسبرگ جا صلاحڪار، جن جي دماغن ۾ فرانسين جهڙا شان ۽ شهرت جا خيال ويٺل هئا، ڪٽزوف کي پهرين ٿڪل، پاهتريون ٻڍو ۽ پوءِ ڪاتر ۽ ڀڄڻو ڪوٺڻ لڳا. ڪٽزوف جا جرمن جنرل بہ کيس پنهنجي فوجي چال سمجھائي ٿڪجي پيا، جنهن موجب هنن فرانسين کي گهيري ۾ آڻي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو.

نرم ۽ سادي سڀاءُ وارو مارشال پنهنجي بادشاه کي خوش ڪرڻ لاءِ هر ڳالهه ڪرڻ لاءِ تيار نظر ايندو هو. پنهنجي صلاحڪارن کي به پوري ڌيان سان ٻڌندو هو. تنهن به هو دشمن کي گوهي ڏيئي، پٺتي هٽندو ٿي ويو ۽ هر اعتراض لاءِ هو ڪونه ڪو دماغ کي قبول پوندڙ سبب ٻڌائيندو هو. آخر زار بيحد غصي ۾ اچي هڪي آخرين حڪم موڪليو ته روسي فوجون بوروڊنو وٽ فرانسيسين جو مقابلو ڪن، ٻيءَ حالت ۾ ماسڪو جي به وڃڻ جو خطرو هو. ڪٽزوف محسوس ڪيو ته فرانسيسن سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڇڪري ڪاڏي ڪا خراب ڳالهه نه آهي. ٿي سگهي ٿو ان ۾ ئي حيوان کي ختم ڪري سگهجي! — اگر اڏين نه ٿي سگهيو ته نئپولين، پنهنجي فوج جو چوٿون حصو وڃائڻ تي به، ماسڪو فتح ڪري سگهندو.

نئپولين کي جڏهن اها خبر پيئي ته روسين آخر بوروڊنو وٽ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، تنهن هو بيحد خوش ٿيو. روس طرف وڌڻ واري سلسلي ۾ هن کي ڪيترڻون ڳالهيون دل تي ٽري آيون ... گذريل ٻن مهنن ۾ ڪنهن به جنگ ۾ جيت حاصل نه ٿي هئي ۽ نه ڪو جهڳڙو، توب يا فوجي هٿ چڙهيا هئا. هنجا فوجي ڏن بدن دل هاري رهيا هئا.... آهن مان ٽيون حصو هن مهل تائين روسي گوليمارن جي گولين جا شڪار ٿي چڪا هئا يا فوج ڇڏي ڀڄي ويا هئا! هن

جي جنگ ويڳاڳ جي برجستگي اُتري گھٽجي وئي هئي جو فوجين ۾ انتظام قائم رکڻ ڏي ناممڪن ٿي ويو هو.

بورڊنو جي لڙائي ست هزار فوٽ ويڪري ميدان تي شروع ٿي. ٻئي طرف سوين توبون ڪٺي آيو هئو ۽ ترت ٿي پوري فصل اڏوهجي ڦاٽندڙ گولن مان ڏڪرندڙ دونهين سان پرجي وئي. فرانسين ۽ روسين جون پلٽڻون، جتي وڙھ ۾، هڪٻئي سان جڪڙجي ويئون.

نيپولين کي سردي لڳي هئي؛ تڏهن به هو بيچينيء سان گھوڙي تي سوار ٿي پنهنجي فوج جي مارشلن کي حڪم ڏيئي رهيو هو. فرانسين جي بهترين پلٽڻن جي لڳاتار حملن جو روسي بهادريء سان مقابلو ڪري رهيا هئا. سانده ڏھ ڪلاڪ اهو قتل-عام جاري رهيو. روسي اجا پنهنجا قدم ڄابو پڪڙي بيٺا هئا.

نيپولين تي مونجهاري ۽ اداسيء جو غيبي احساس ڇانئجڻ لڳو. هنجا سولجر ساڳيا هئا، جنرل به ساڳيا هئا، تياريون به هميشه موافق ٿيون هيون ۽ لڙڻ جي چال به هن دفعي نرالي نه هئي. هو پاڻ به ساڳيو هو، اگر هن ۾ ڪو فرق ٿيو به هو ته پاڻ هاڻ هو اڳ کان وڌيڪ آزمودگار ۽ وڌيڪ قابل بڻيو هو. دشمن به ساڳيو هو، جنهنکي هو ٻه دفعا جيتي چڪو هو.

گذريل لڙاين ۾ هميشه ڪامياب ثابت ٿيندڙ تمام فوجي اٽڪلون هن دفعي به آزمايون ويئون هيون،

تڏهن به فتح نه درڪنار، هنکي خبرون پهچڻ لڳيون ته فلاڻا ڪي فلاڻا جنرل گهائل ٿيا هئا يا مري ويا هئا ته وڌيڪ مال ۽ باروت جي گهرج هئي ... ته پلٽڻون بي ترتيب ٿي ويئون هيون ... ۽ روسين کي هٽائڻ ناممڪن ٿي پيو هو.

آخر جڏهن نيپولين کي اها خبر ملي ته روسي ڪاهي طرف کان سندس فوج تي حملو ڪري رهيا آهن تڏهن هن کان رهيو نه ويو ۽ هو گهوڙي تي سوار ٿي جنگ جي ميدان ويجهو ويو.

هر طرف کان دونهان آڏامي رهيا هئا ۽ هنجي هر طرف ماڻهن ۽ گهوڙن جي لاشن جا ڍير پيا هئا. نيپولين خواه هنجي جنرلن اهڙو ڪوس اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. توبن جي ڪن ڦاڙيندڙ آوازن گويا ان نظاري جي ڀيانڪپڻي کي مڪمل ٿي ڪيو.

نيپولين ٿورو مٿي ٽڪريءَ تي وڃي بيٺو، جتان هن جي روسي فوجين تي چڱيءَ طرح نظر ٿي پيئي، جي باقاعدي قطارن ۾ بيٺا هئا ۽ جنجي توبن لڳاتار گولن جا آواز ۽ دونهان جاري رکيا هئا. هاڻ اها جنگ نه رهي هئي پر صرف ڪوس هو — انسانن ۽ حيوانن جو ڪوس! — جنهن هار يا جيت کي بلڪل بي مطلب بڻائي ٿي ڇڏيو. نيپولين گويا بيهوشيءَ جي حالت ۾ اُن طرف گهوري ڏسندو رهيو. زندگيءَ ۾ پهريون ٿي دفعو جنگ هنکي بي مطلب ۽ بڇڙي پاڻ لڳي.

سندس فوج جي جنرلن مان هڪ، نئپولين وٽ وڏي آيو ۽ رٽ ڏنائين ته، شهنشاهه جو بچاءُ ڪندڙ راکن جي پلٽڻ ميدان ۾ ڇڏي ڏيوي، جنهن بنهن پلٽڻ تان ڪجهه پيرا گهٽ ٿئي ۽ پوءِ روسين مٿان پڪ جيت حاصل ٿي سگهندي. نئپولين ڪجهه وقت ڪنڌ هيٺ ڪري، بلڪل خاموش ويٺو رهيو، هنجي ڪاڏي سندن چاتيءَ سان لڳي رهي هئي. پوءِ گويا سجاڳ ٿي چيائين، "ڇا ٿيندو" ۽ آءٌ ٿي جنرل جي ڏنل صلاح ياد ايندي، هن انهن ڪي شوخي سان نهاريندي چيائين، "نه. مان پنهنجن راکن جو ڪوس ٿيڻ نه ڏيندس."

* * * * *

ٻڪريءَ جي پٺيان پرنس ائنبريءَ جي اڳوائيءَ هيٺ هڪ روسي پلٽڻ بلڪل تيار بيٺي هئي، جنهنڪي اڳتي وڌڻ جو اڃا حڪم نه مليو هو. هنن هڪ به گولي نه هلائي هئي، پر دشمن جي ڇهن ڪلاڪن لڳاتار گولابازيءَ ۾ ان پلٽڻ جو ٽيون حصو فوجي ائين ئي مارجي ويا هئا، تڏهن به نه هو ميدان ڇڏي ڀڳا هئا ۽ نه ئي هنن صبر وڃايو هو.

پرنس ائنبري، پيلي ڇهري سان، ٻانهون پٺيان ٻڌي، زمين تي نظرون کپائي اچ وڃ ڪري رهيو هو. هنکي حڪم ڏيڻ جي ضرورت ئي نه هئي هو ٻيو ڪجهه به ڪري نه ٿي سگهيو. هرڪا گهڙي، نئي انوسار ٿي

رهي هئي، گولن ۾ زخمي ٿيندڙ ۽ مرندڙ فوجين کي کڻي پٺتي پهچايو پئي ويو.

اوچتو ڀون ڀون ۽ ڌڪاءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن کان فقط پنج فوٽ پري، گولي ڪرڻ سان سڪي زمين جي هڪ وڏي حصي کي آڏاڻي ڇڏيو. اينڊريءَ جي بدن سان ڏپ جي لهر گهمي ويئي. هن پنهنجي پاڻ طرف نهاريو— شايد ڪجهه ماڻهو گولي جا شڪار ٿي هيٺ ڪريا هئا. جدا جدا قطارن جي ڪپتانن طرف پڪاري، هن چيو، ”فوجين کي چئو ته هڪ هنڌ ميڙاڪو نه ڪري بيهن!“

”سنڀالجو!“ هڪ سولجر جو ڏنل آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ساڻ ساڻ هڪ پکي پرهلائيندو، تيز رفتار سان زمين تي لهندو نظر آيو. اينڊريءَ جي قدمن کان ڪجهه فوٽ پري هڪ دستي بم گولو اچي ڪريو.

”ليٽي پئو!“ اينڊريءَ جي نائب زمين تي ليٽندي، واڪو ڪري چيو. اهو بم دونهان ڪڍندو، اينڊريءَ ۽ هنجي نائب جي وچ ۾ لاٽونءَ مثل گول گول ڦري رهيو هو.

”مان ڪئن ليٽندس؟ شرم جي ڳالهه آهي،“ هن چيو ۽ زمين تي ليٽڻ کان هٽڪي رهيو هو. ”پنهنجن فوجين لاءِ مثال ....“ هو وڌيڪ چئي نه سگهيو. اهو بم وڏو ڌڪاءُ ڪري ڦاٽو، جنهن سان ساهه گهٽيندڙ دونهو نڪرڻ لڳو. پرنس اينڊري ڦيرائي کائي وڃي

زمين تي ڪريو. ڪيترا فوجي آفيسر هن ڏانهن ڊوڙي ويا. هو بيهوش ٿي ويو هو ۽ سندس پيٽ جي ساڄي طرف کان تمام گهڻو خون وهي رهيو هو.

ڪجهه فوجين انڊريءَ کي اسٽريچر تي کڻي اڌ ميل دور واري فوجي اسپتال ۾ پهچايو، جا جهنگلي ٻوٽن واري ميدان تي ٿي تنبو کوڙي شروع ڪئي ويئي هئي. هڪ تنبوءَ مان هڪ ڊاڪٽر ٻاهر نڪتو، جنهنکي رت رنگيل چوغو پهريل هو ۽ هنجا هٿ رت سان آلا ٿيا هئا. هڪ هٿ جي آڱرين ۾ چيچ وچ سنڀال سان چروٽ جهلي بيٺو هئو جئن آهو رت سان آلو نه ٿي وڃي. هن انڊريءَ کي جيئن ڏٺو ۽ پنهنجي نائب کي رڙ ڪري چيائين، "هي تو ڪان اول!"

جڏهن انڊريءَ کي هوش آيو، تڏهن ان پاڻ کي تنبوءَ اندر ڪاٺ جي ميز تـي پيل ڏٺو. ڪوئي هن جي ڇهري تي پاڻي ڇڻڪائي رهيو هو ۽ بار بار چئي رهيو هو، "تون هاڻ ٺيڪ ٿـي ويندين.... تـون هاڻ ٺيڪ ٿي ويندين."

پرسان واري ميز تـي هڪ ماڻهوءَ جو ننگو بدن پيو هو. جنهنجو چهرو ٻئي طرف ورائيل هو. هنجي گهنڊيدار وارن جو رنگ ڏسي، انڊريءَ کي هو سڃاتل معلوم ٿيڻ لڳو. آن شخص جي هڪ اڇي چنگهه ٿر ٿر ڏڪي رهي هئي، ٻه نائب ڪيس ڇاتيءَ تي زور ڏيئي هيٺ ڪري رهيا هئا ۽ ڊاڪٽر، زرد ڇهري ۾ ڏڪندڙ

هٿن سان هن جي اِي ڇنڀيل چنگهه، ڪاٽي رهيو هو. آهو مظبوط نوجوان بيحد پيڙا وچان پنهنجو مٿو هيڏانهن هوڏانهن ڪري رهيو هو. ”ا.... و .. ه!“ هو واڪا ڪري روئڻ لڳو.

”تعجب آهي!“ اندريءَ سوچيو. ”هي ته ماڻهو جي خوش مزاج عورتن جو دلپسند نوجوان، ڏاهوڪو نائب، ايلن بيزهوف جو پاڻ انٽول آهي!“ آني ٿي ڪيس ياد آيو ته ان شخص ڏسي ڪيس تماشا کان جدا ڪيو هو ۽ هو وري بيهوش ٿي ويو.

* * * * *

لڙائي هلندي، ڪتزوف سڄو وقت پنهنجي تنبوءَ پاهران بينچ تي، پنهنجو اڇو مٿو جهڪائي ۽ ٿلهو متارو بدن ڍيري ڪيو ويٺو رهيو. هن ڪوبه حڪم نه ٿي ڏنو. ڪجهه به پڇڻ تي، هن صرف پنهنجي ڪري قبوليت ٿي ڏني، ”ها، ها، ضرور! ائين ئي ڪيو پچا!“ يا، ”ها، اڪثي وڌ ۽ آني جئن سمجهه ۾ اچيئي تئن ڪر،“ يا، ”ٿورو وقت ترسڻ شايد بهتر ٿئي.“ ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته جيڪي هنڪي چيو ٿي ويو، آن ڏانهن هن معمولي ڌيان ٿي ڏنو. جرمن جنرل هڪ ٻئي کي ڏانهن ڏيئي رهيا هئا ته هنکي ان ڳالهه جي بہ پرواه نه هئي ته لڙائيءَ ۾ هار ٿي ٿئي يا جيت! هو برابر هئا. ڪتزوف جو فتح يا شڪست سان ڪو مطلب نه هو. هن صرف فرانس جي شاهي فوج کي

اهڙو ڌڪ هڻڻ ٿي چاهيو جنهن مان آهي سولي اٿي نه سگهي.

ڏينهن پوري ٿيڻ تي، بنا ڪنهن فيصلي جي، ٻئي فوجون پٺتي هٽي ويون. جنهن ميدان تي صبح جي ڀڀرڪي روشنيءَ ۾ چمڪندڙ ساوڻ گاهه، چاڪا ڪيندڙ توبن ۽ فوجن جي رنگين وسن کي ڏسي دل ۾ امنگ ٿي آئيا، ان ساڳئي ميدان تي هاڻ مڪمل دونهون ڇانيل هو ۽ ان جي زمين بارود ۽ رت سان بلڪل رنگجي ويئي هئي.

ٻئي ڏينهن صبح ٿيڻ کان اڳ ڪتزوف پنهنجن پلٽڻن کي ماسڪو جي اوير ۾، ڏيڍ سؤ ڪوهه پٺتي هٽائي ويو. زار ڏاڍو غصي ٿيو، جرمن جنرلن اعتراض اٿاريو پر وريو ڪجهه نه. رشيا جي ٻيو نمبر مکيه شهر ماسڪو کي دشمن جي هٿ چڙهڻ کان بچائڻ لاءِ ڪتزوف کي ڪيترين وينتيون ٿيون؛ هن هر عرض ڌيان سان ٻڌي، مشڪندي ڪنڌ به ڌوڻيائين - پر ڪيائين ڪجهه نه! زار هنگي چڙ مان خط لکي رهيو هو ته هاڻ نيپولين کي پيٽرسبرگ فتح ڪرڻ يا پورو روس فتح ڪرڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ نه هئي.

پر ڪتزوف جي چاڻ وڏيڪ گهري هئي. بوربنو ۾ فرانسين جي دهشت ختم ٿي چڪي هئي. ماسڪو ۾ اندر گهڙڻ وقت، هننجون فوجون بيزار، منجهيل ۽ ٿڪجي چور ٿيل معلوم ٿي رهيون هيون. فوجن ۾

ڪنهن به قسم جو انتظام نه هو. هو شراب پي، پاڻ ۾ وڙهي، لوٽ مار ڪري رهيا هئا ۽ هن شهر جي ڪاٺ جي ٺهيل گهرن کي باهه ڏئي رهيا هئا. سڄو شهر قريب خالي ٿي ويو. نه شاهي سڙڪن تي فوجن جي استقبال لاءِ ڪوئي موجود هو ۽ نه ئي ڪريملن، شاهي محل ۾ نيپولين سان صلح جا شرط ڳالهائڻ لاءِ ئي ڪو حاضر هو!

ڪتوزوف ڄاتو ٿي ته ترت فرانسي فوجن جا پاڻ ۾ جهيڙا شروع ٿي ويندا ۽ هنن ۾ سخت بي انتظامي ڦهلجي ويندي، کاڌي ۽ مال جي تنگيءَ ۾ بکايل، هراسيل ۽ دليون لٿل فوجن کي صرف هڪ ئي ڳڻتي هوندي ته هن وسيع، سفيد ۽ خاموش خطري، هن اڻ جيتجندڙ اٿاه ملڪ ـ روس مان ڪئن ڀڄي نڪرجي.

فرانسين جي ماسڪو ۾ اچڻ کان اڳ، جن به ماڻهن کي دشمن جي هٿ اچڻ کان بچڻ لاءِ ڪو به رستو ملي سگهيو، اهي ڀڄي ويا. ڪيترا ڏينهن شهر کان ٻاهر ويندڙ سڀ رستا پيدل ويندڙ ماڻهن ۽ گهوڙي گاڏين جي آڪٽ هجوم سان ڀريا پيا هوندا هئا. گهوڙي گاڏين ۾ ماسڪو جا امير لوگ، هنن جا ٻار ٻچا ۽ سندن گهرن جو قيمتي سامان هوندو هو.... فرنيچر، جواهرات، تصويرون، ڪپڙا، ڪاڌو، مطلب ته جيڪي دشمن جي هٿن مان بچي سگهي، اهو ڪڍي وڃي رهيا هئا.

انهن امير لوگن ۾ روستوف ڪٽنب به هو، جنهن

ٻہ ماڪو کي الوداع ڪري، في الحال پيٽرسبرگ وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو. جنهن وقت گهوڙي گاڏين ۾ هننجي گهر جو سامان پرجي رهيو هو، اُن وقت ڪجهہ زخميل فوجين نتاشا کي وينتي ڪئي تہ ڪين پنهنجين گاڏين ۾ چاڙهي وٺي وڃن، ڇاڪاڻ تہ هو پنڌ ڪرڻ کان بلڪل لاچار هئا.

نتاشا ڪن پل لاءِ هنن طرف نهاريندي، نہ معلوم دل ۾ ڇا سوچيندي، نوڪرن کي گاڏين مان سامان لاهڻ لاءِ چيو، جيئن زخميل فوجين لاءِ گاڏين ۾ جاءِ ٿي سگهي. ماڻس مٿان دريءَ مان نوڪرن کي گاڏين مان سامان لاهيندو ڏٺو تہ عجب ۾ پئجي نتاشا کان پڇيائين، ”هي ڇا ڪري رهي آهين؟“

نتاشا منهن مٿي ڪري ورائيو، ”ڪجهہ زخميل فوجي آهن، هو گاڏين ۾ چاڙهي هلڻ لاءِ وينتي ڪري رهيا آهن.“

”پر اُئين ڪيئن ٿيندو،“ ماڻس چيو. ”گاڏين ۾ اڳ ئي جاءِ گهٽ آهي. اسان ڪيترو سامان ڇڏي، باقي ٿوروئي تہ کڻي هلي رهيا آهيون.“

امڙ!“ نتاشا همدرديءَ نوع ۾ چيو. ”اسان جو نڪولائي اگر ڪٿي اُئين زخميل پيو هجي ۽ التجا ڪري تہ بہ هنکي اگر ڪوئي گاڏيءَ ۾ نہ چاڙهي تہ؟“

ماڻس وڌيڪ ڪجهہ نہ چيو، اندر هلي ويئي. زخميل

Soorih Mirani

فوجي، گاڏين ۾ چڙهندي احسانمند نگاهن سان تماشا طرف نهاريندا رهيا.

* * * * *

پيئري بيزهوف ماسڪو ڇڏي نه ويو هو. هو پنهنجي شاهي مڪان ۾ ويٺو هميشه موافق خوب زور شور سان شراب پيئندو رهيو. پنج ڏينهن اڳ فرانسي ماسڪو ۾ آيا هئا. پيئري اهي پنج ئي ڏينهن ساڳين ڪپڙن ۾ رهيو هو، جنهنڪري هاڻ هنجا ڪپڙا ميرا، بدن گدلو ۽ ڏاڙهي وڌي ٿي چڪي هئي.

پنجين ڏينهن تي جڏهن هو شراب جي نئين بوتل کولي پيئڻ لڳو، تڏهن ڪيس گهر کان ٻاهر نڪرڻ جو خيال آيو. هو ڏڪندڙ ٽنگهن سان اٿيو، خاني مان هڪ پستول ڪڍي کيسي ۾ وڌائين ۽ گهر کان ٻاهر نڪتو.

شاهي سڙڪ تي هو ٿڙندو ٿاٻڙجندو هلڻ لڳو، پر هن ڏانهن ڌيان لاءِ آسپاس ۾ ڪوئي نه هو. سڙڪن جي چوڪن تي فرانسي فوجي بيٺا هئا ۽ ٻيا فوجي گاڏين ۾ چڙهي اچ وڃ ڪري رهيا هئا. اوچتو پيئريءَ جي نظر رستي جي هڪ پاسي ويٺل روسي ڳوٺاڻن جي هڪ ڪٽنب تي وڃي پيئي، جي پنهنجي سامان سڙي مٿان پاسيرا ٿيا ويٺا هئا. هنن ۾ هڪ پيرو هو جنهنکي رڇ جي کل جو نئون ڪوٽ پهريل هو ۽ پيرن ۾ چمڙي جو وڏو بوٽ هئس. هنجي پاسي ۾ هڪ

Soorih Mirani

خوبصورت نازنين ويٺي هئي، جنهنجون ڀرون ڪمان جهڙيون، چمڙي ملائم ۽ چهرو گول هو. هنجي مٿي تي ڳاڙهو رومال ويڙهيل هو، ڪلهن تي سنهي ڪپڙي جي پوتي هئس ۽ ڳلي ۾ هڪ هار هئس. ٻه فرانسي فوجي هنهنجي سامهون بيٺا هئا. هڪ فوجيءَ ٻئي کي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽ ٻئي يڪدم پنهنجو وڏو بوٽ لاهي هنکي ڏنو، فوجيءَ اهو پنهنجي بغل ۾ دٻايو. ٻئي فوجيءَ اوچتو، حيواني نموني آن نازنين جي ڳلي مان هار لاهي ورتو.

"چنڊيئس هنکي!" پيئريءَ واڪو ڪري چيو. هو فرانسين طرف وڙهڻ لاءِ وڌيو. ترت ئي آني ماڻهن جو ميڙ جمع ٿي ويو؛ جي ٻه پيئريءَ جي ڀيرائي ڪرڻ لڳا. پيئري ٻنهي فوجين کي گردن کان پڪڙي بيٺو هو ته رستي جي چوڪ وٽان ڪجهه فرانسي فوجي آفيسر اڪٺي وڃي آيا. هنن يڪدم پيئريءَ کي پڪڙي ورتو.

"توکي فرانسي ٻولي ايندي آهي؟" هڪ آفيسر هن کان پڇيو. پيئريءَ ڪو جواب نه ڏنو، هو پنهنجن خون-مثل لال اکين سان آسپاس اکيون ڦاڙي نهارڻ لڳو. هنجي ڪپڙن تي رت جا داغ هئا ۽ چهرو مٽيءَ سان ڀرجي ويو هئس. "هي ماڻهو تمام خطرناڪ معلوم ٿي رهيو آهي،" هنن آفيسر پنهنجين سنهرين آڱرين سان هنجي تلاشي وٺندي چيو. "هي وٽ! هنکي پستول ٻه آهي! هن تي ڪڙي نظر رکجو." ۽ پوءِ ليفٽيننٽ

Soorih Mirani

طرف منهن ڪري چيائين، ”هنڪي زبوسڪي ٻئرڪن ۾ وڃي بند ڪيو.“

هنڪي زبوسڪي ٻئرڪن جي ڪمپائونڊ ۾، جنگ جي قيدين لاءِ ٺهيل هڪ ڪچي شيڊ ۾ آندو ويو. پيئريءَ ڏٺو ته اتي اڳ ئي اتي زمين تي پيل گاهه تي ڪيترا ماڻهو ويٺا هئا، جن ۾ غريب واپاري؛ چور، رولاڪ ۽ ڪجهه زخمي سپاهي هئا، جي اناهه لڏپلاڻ ۾ ڦٽي رهجي ويا هئا. پيئري جڏهن اڳتي وڌيو، تڏهن سڀ ڪيس وراڻي ويا ۽ ٻاهر بابت طرح طرح جا سوال پڇڻ لڳا. پيئريءَ ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ زمين تي پيل گاهه تي، پٺ ڪري ٽيڪ ڏيئي ويٺو.

”وٺ، هي ڪاڻ.... “ پيئريءَ جي پرسان ويٺل، قاتل فوجي ويس واري هڪ فوجيءَ هن ڏانهن ٽڪڙو اپريل ڦاڙو وڌائي چيو. پيئريءَ سڄو ڏينهن ڪجهه نه کاڌو هو. هو ڦاڙو وٺي يڪدم کائڻ لڳو.

”منهنجو نالو پلاٽن آهي، ۽ آڪهه ڪاراتيف،“ ان فوجيءَ وڌيڪ چيو. هو پنجاه سالن جو قدري ڪومايل شخص هو، جنهنجي اکين ۾ خوشيءَ جي جهلڪ نمايان هئي.

”اپترو غم نه ڪر پيارا،“ ڪاراتيف پيئريءَ جي اکين ۾ آنسو ڏسي چيو. ”غم نه ڪر ڀاڄو!“ هن ڪومل، سريلي آواز ۾ اهڙيءَ طرح چيو جيئن روسي

Soorih Mirani

ڳوٺاڻيون عورتون پنهنجن ٻارن کي لولي ڏيئي مهل چونديون آهن. ”ڏک ڀل ڪن ۽ ختم ٿي ويندا، پر زندگي ته سڄي عمر هلڻي آهي ۽ آها اسان کي، ڏٺي جا شڪر مڃيندي، ڪلندي گذارڻ گهرجي. روئڻ مان ڇا ورندو!“

Soorih Mirani

٦

امن

جڏهن فرانسي ماسڪو طرف وڌي رهيا هئا، تڏهن پيو پرنس نڪولائي بولڪونسي پنهنجي بليڪ هلس واري جاگير ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿيو هو ۽ بگنچارانو واري ٻي جاگير تي وڃي رهيو. پنهنجي جهوني جگهه مان آڪيڙجي نڪرڻ جي ڏڏڪي مٿان وري ڪيس خبر ملي ته سندس پٽ انڌيري وري زخمي ٿيو هو ۽ هن دفعي سندس بچڻ مشڪل هو. ايتري وڏي عمر ۾ اهڙا ڪاپاري ڏک هنجي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هئا. هڪ ڏينهن منجهند جي وقت باغ جي گلن کي پاڻي ڏيندي، هو ڪري پيو ۽ ٽن ڏينهن جي بيماريءَ بعد، گذاري ويو.

”چڱو ٿيو،“ هنجي ڌيءَ ماشا. پنهنجو پاڻ کي چيو. ”مون انهن ٽي ٻمي چاهيو، جئن آزاد ٿي سگهان.“ پيءُ جي دفن ٿيڻ جي ٻمي ڏينهن تي هوءَ اڪيلي

ويٺي هئي ته سندس فرانسي ساٿي اندر آئي. ”مهرباني ڪري هلي وڃ، هلي وڃ،“ هن سڏڪا ڀريندي، ڪيس چيو.

”تنهنجو پاڻ متشٽيءَ ۾ آهي،“ هن چيو. ”ضلع جو مارشل اڄهو هينئر اها خبر ڪٺي آيو آهي. هو ڪيس فرانسين ڪان دور ڪري، اسپتال ڏانهن موڪلي رهيا هئا رستي ۾ سندس اهڙي حالت خراب ٿي ويئي جو هو ڪيس وٺي وڃي نه سگهيا. روستوف ڪٽنب به ماسڪو ڪان پيٽرسبرگ ويندي، هن وقت متشٽيءَ ۾ آهي.“

پرنسيز ماشا ننڍڙي نڪولوشڪا کي گهرايو، گهوڙي گاڏي تيار ٿيڻ جو حڪم ڏنو ۽ متشٽيءَ طرف رواني ٿي. هنکي پڌايو ويو ته انٽبري، اسٽيشن پرسان واري هڪ جهوپڙيءَ ۾ پيو هو. جهوپڙيءَ وٽ پهچي هن آهستگيءَ سان دروازو کولي ڏٺو ته انٽبري هڪ صندل تي ننڊ ۾ سمهيو پيو هو. هو بدن ۾ ڳري، هڏن جو پڃرو ٿي ويو هو ۽ اڳ واري انٽبريءَ سان هن انٽبريءَ جي ڪا مشابهت نه رهي هئي. هنجي پرسان نتاشا روستوف ننڍڙي ويٺي هئي.

پرنسيز ماشا اندر نه ويئي ۽ ساڳئي آهستگيءَ سان دروازو بند ڪيائين ۽ ننڍڙي ٻار کي هٿ کان وٺي چيائين، ”اڄ نڪولوشڪا! دادا ننڊ ۾ آهي. اڄ اسين هتي ترسون ٿا.“

جهوبڙيءَ ۾ اندر ـــ پرنس اَنبدري اڪيون کولڻ سان مشڪل لڳو. پنهنجو هٿ نتاشا جي هٿن ۾ ڏيئي چيائين، "تون؟ ـــ ايتري خوش نصيبي!"

نتاشا يڪدم ٻر ڪوملتا سان هنجو هٿ پنهنجي هٿن ۾ ڪري آڪي چميو. پوءِ آهو هٿ پنهنجن ڳلن سان لڳائيندي، پڪي ۾ چيائين، "مونکي معاف ڪر." پنهنجو منهن مٿي ڪري، هنجي چهري طرف نهاريندي، وري چيائين، "مونکي معاف ڪر!"

"مان توکي چاهيان ٿو،" اَنبدريءَ چيو.

"معاف ڪر،" نتاشا ڏيهي، رنڊهارڪي آواز ۾ دهرايو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيائين.

اَنبدريءَ پنهنجي هٿ سان هنجو چهرو مٿي ڪيو، جٿن هو سندس اکين ۾ ڏسي سگهي. "مان توکي اڳي کان ٻه وڌيڪ چاهيان ٿو، نتاشا!" هن چيو.

نتاشا آنسن پربل اکين سان هن ڏانهن ڏٺو ۽ اميد جي ململ جليل احساس وچان نهاريو. دروازو کليو ۽ ڊاڪٽر اندر آيو. هن ادب سان چيو، "توهان کي هاڻ وڃڻ لاءِ عرض ڪري رهيو آهيان."

نتاشا جي وڃڻ کان ڪلاڪ پوءِ، اَنبدريءَ پنهنجون اکيون بند ڪيون، جي وري ڪڏهن به نه کليون هيون.

* * * * *

روستوف ڪٽنب هاڻ پيٽرسبرگ ۾ اچي رهيو هو.

هنن جي گهڻي پونجي جنگ ۾ ختم ٿي ويئي هئي ۽ هاڻ تنگ حالي ۾ ڏينهن گذاري رهيا هئا.

پرنسيز ماشا، جا ته پيٽرسبرگ ۾ پنهنجي ماسيءَ وٽ رهيل هئي، اڪثر نتاشا کي آٿت ڏيڻ لاءِ روستوف ڪٽنب جي گهر ايندي هئي. ڪائونٽيس روستوف اهو خيال دماغ ۾ آڻڻ کان سواءِ رهي نه سگهندي هئي ته پرنسيز ماشا کي پيءُ ۽ ڀاءُ جون گهڻيون ئي جاگيرون ورثي ۾ آيون آهن؛ هوڏانهن سندس پٽ نڪولائي به ترت گهر واپس اچڻو هو. ويچاري سونيا انهن ڳالهين جا ويچار ڪندي، تنهن ٿي نه ڪري سگهندي هئي ۽ هاڻ بت ۾ تمام گهڻو لهڪارجي ويئي هئي. هوءَ سمجهي ويئي هئي ته هاڻ سندس نڪولائيءَ سان شادي ٿيڻ ناممڪن بڻجي ويئي هئي.

ڪائونٽيس هنکي پاڻ وٽ گهرائي ساڻس سختيءَ سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو. زرد چهري واري هڏن جي پڃري مثل ڇوڪري جڏهن هنجي سامهون آئي ته ڪائونٽيس ڪيس بي-ڇٽي ٻار وانگر شوخيءَ سان ڇڙٻ ڏني ته هوءَ اجها ڇو ان بيوقوفيءَ جي موه تي ضد پڪڙي بيٺي هئي. سونيا پٿر مثل بيٺي هن ڏانهن نهاريندي رهي ۽ ڪو جواب نه ڏنائين. ڪائونٽيس هاڻ روئڻ لڳي ۽ هن جي آواز ۾ لرزش اچي ويئي. آخر هن حڪمرانيءَ جو ڍونگ پري هٽائي، سونيا کي نيزاري ڪئي ته هوءَ نڪولائيءَ جي پيار جو تياڳ ڪري ۽

اهڙيءَ طرح، هن ڪتنب جا مٿس مهرباني ڪئي هئي
آنجو احسان چڪائي. ”تون جيسين اهڙو انجام نہ
ڪندينءَ، تيسين مونکي پل لاءِ بہ آرام نہ ايندو،“
هن چيو.

سونيا سڌڪن ۾ اچي چٽڪي ۽ پريل آواز ۾
ھڪندي ھنڪندي چيائين تہ هوءَ ان ڳالهہ ڪانسواءِ،
ٻي ڪا بہ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار هئي. سچي حياتي،
هنکي جو ڪجهہ بہ وڻندو هو، آهو ٻين کي ڏيندي
رهي هئي. روستوف ڪٽنب ۾ هن جي حالت اهڙي هئي
جو قرباني ڪرڻ سان ئي هنجون وصفون ظاهر ٿي
سگهنديون هيون. هوءَ قربانين تي هري ويئي هئي ۽
آهي کيس وڻنديون هيون. پر هن مهل تائين پنهنجي
هر تياڳ ۾ هنکي اها خوشي ملندي هئي تہ هوءَ ائين
ڪرڻ سان ٻانکي ٻين جي نظرن ۾ — ۽ خاص طور
نڪولائيءَ جي نظرن ۾، جنهن کي هوءَ دنيا جي هر
چيز کان وڌيڪ پيار ڪندي هئي، اونچو ڪري رهي
هئي. اهي لفظ نيم - گهٽيل نڙيءَ سان چئي، هوءَ
ڪمري کان ڀوڙي ٻاهر هلي ويئي.

ٻئي ڏينهن ڪائونٽيس پنهنجي ميز تي ويهي،
نڪولائيءَ ڏانهن خط لکڻ لڳي. جڏن سندس پاڻتي
پرسان لنگهي، تڏن هن خط سان منهن مٿي ڪري، نرميءَ
سان سڏ ڪيو، ”سونيا!“ ۽ ڪومل ۽ ڏڪندڙ آواز
۾ چيائين، ”تون نڪولائيءَ کي خط نہ لکندينءَ؟“

سندس چشمي ھيٺان وارين غمناڪ نگاھن کي ڏسي،
سونيا سمجھي ويئي تہ انھن اکرن جو مطلب ڪھڙو ھو.
انھن نگاھن ۾ نيزاري ھئي، ناڪاري جواب ڏيڻ جو
خوف ھو ۽ پنھنجي سبب شرم ھو.

سونيا وڏي ھنجي ويجھو ويئي ۽ ڪائونٽيس اڳيان
نمي، ھنجو ھٿ چميائين. "مان لڪندس؛" ھن چيو.

نڪولائي ان وقت ورونيز ۾ ھو. جنھن وقت ديول
مان بورڊنو ۾ جيت جي خوشيءَ جي پرارٿنا ڪري
موٽيو، ان وقت کيس ٻہ خط مليا. ھو يڪدم سمجھي
ويو تہ انھن مان ھڪ سونيا جو ھو. ان کي کولڻ
کان اڳ ٿورا پل ھو ڪجھہ ياد ڪندي، سوچيندو
رھيو. گذريل ڪجھہ ھفتن کان، سونيا سان شادي
ڪرڻ جو شرم ساريءَ پريل خيال کيس رنج پھچائڻ
لڳو ھو. ويجھڙائيءَ ۾ ھن جوا ۾ ڏاڍو ھارايو ھو،
متس قرض چڙھي ويا ھئا، ھنجو ڪٽنب بہ برباد ٿي
چڪو ھو ۽ انڪري ھنکي يقينن ڪنھن مالدار گھر جي
وڏي ورثي واري ڇوڪريءَ جي ڳولا ڪرڻي
ھئي ـــ "نہ، نہ، اھا ڳالھہ نہ آھي،" ھن پنھنجو
پاڻ کي جوش ۾ چيو. "دراصل منھنجو سونيا سان
سچو پيار نہ آھي. سڀ ڳڙ ٻڙ آھي، ڏيکاريندڙ ڳڙ ٻڙ!
مان ھنکي بلڪل نہ چاھيندو آھيان. مونکي ڇا گھرجي؟
آزادي ـــ سونيا کان آزادي. ھن سان شادي ٿيڻ تي
اسين ٻئي برباد ٿي وينداسين. منھنجا ڏٺي! مونکي ھن

هئبتناڪ حالت مان بچاءِ!" ۽ يڪدم هن هٿ ٻڌي، ڏاڍي يڳتيءَ سان پرارٿنا ڪرڻ شروع ڪئي. "پرارٿنا آها ڪجهه ڪري سگهي ٿي، جو ٻيو ڪوئي نه ٿو ڪري سگهي،" هن وري پاڻ کي چيو. "انسان جو اُن ۾ يقين سو هجي،" چوندي، هن سونيا وارو لکيل خط ڪڍي کوليو ۽ پڙهڻ لڳو-

پيارن ۾ به پيارا نڪولينڪا!

منهنجي لاءِ ڪيتري نه دک جي ڳالهه ٿيندي اگر مونکي معلوم ٿئي ته جنهن ڪشٽ ديا ڪري، مونکي پاليو پوجهيو آهي، اُن ساڳئي ڪشٽ جي دک ۽ ونجوڳ جو ڪارڻ مان بڻجان! منهنجي زندگيءَ جو هڪ مقصد اهو پئي رهيو آهي ته، جن کي مان چاهيندي آهيان، اُنهنکي خوش ڏسان. انڪري مان توکي عرض ڪري رهي آهيان، پيارا نڪولائي، ته، تون پاڻکي منهن جي ٻنڌڻ کان آزاد سمجهه ۽ اها ڳالهه به ياد رکج ته باوجود تمام ڳالهين جي، ڪوئي به توکي ايترو پيار نه ڪري سگهندو جيترو تنهنجي-

سونيا.

* * * * *

آرتوار جي هڪ صبح جو هڪ نوڪر پرنسيز ماشا جي بيٺڪ واري ڪمري ۾ آيو ۽ ڪائونٽ نڪولائي روسٽوف جي اچڻ جي خبر ڏنائين. اها خبر ٻڌي پرنسيز جي چهري تي ڪا به بيچئني ظاهر نه ٿي پر سندس

گلن تي هلڪي لالائيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي ۽ سندس اکيون، نئين ۽ تيز روشنيءَ وچان چمڪڻ لڳيون.

ڪمري ۾ اندر اچڻ تي، نڪولائيءَ ڪان هلڪو چڙڪ پرجي ويو. "شايد ڪارو رنگ هنکي خوب ٺهڪي رهيو آهي يا شايد هاڻ هوءَ وڌيڪ سندر ٿي ويئي آهي،" هن چيو، ڇاڪاڻ تہ هوءَ جڏهن ڏانهنس گهوري نهارڻ لڳي تڏهن سندس چهرو اوچتي آمنگ سبب بدلجي ويو، جنهن ڪيس وڌيڪ اثرائتي سندرتا ڏني هئي.

"هوءَ مونکي چاهي ٿي،" هن پنهنجو پاڻ کي چيو ۽ ڪنهن ڪارڻ، هو پاڻکي اهو سمجهائي نہ سگهيو تہ سندس دل ۾ شڪرگذاريءَ جو زوردار آمنگ چو اڀري رهيو هو. پنهنجي بيچئنيءَ لڪائڻ جي ڪوشش ۾، هو ننڍڙي نڪولوشڪا کي پيار ڪرڻ لڳو. وچ وچ ۾ هو ماشا ڏانهن نهارڻ لڳو. ڪومل، شرميلين ۽ چمڪندڙ اکين سان هوءَ آن ٻار کي، جنهن کي هوءَ ڏاڍو پيائيندي هئي، آن شخص جي ٻانهن ۾ ڏسڻ لڳي، جنهنکي هوءَ ڏاڍو چاهيندي هئي. نڪولائيءَ جون نظرون هنجي نظرن سان ملي ويئون ۽ اها مدهوشي ڇائنجندي ئي هو خوشيءَ ۾ ٻهار ٿي ويو.

آن ڏينهن کانپوءِ، هو هميشہ، ننا ماشا جي چوڻ جي، سندس صحبت ۾ گذارڻ لڳو. اڪثر سونيا جي سلسلي ۾ سندس دل ۾ ڪيترا وونڪي خيال اپندا

هئا .... پر ساڳئي وقت هو محسوس ڪندو هو تہ ڪا اڻڄاتل شڪتي کيس اڳتي هلائي رهي هئي، جنھن ۾ هنجي ڪٽنب جي گهرج ۽ هنجي پنهنجي خوش مزاجيءَ جي حالت چالت ۽ پرنسيز ماشا جي نيڪي —— سڀ، عجيب نموني ۾ مليل هئا.

ٽن هفتن کان پوءِ — نڪولائي ۽ پرنسيز ماشا پاڻ ۾ مڱجي ويا.

* * * * *

ڪٽزوف جو انومان برابر نڪتو. بوروڊنو وٽ نيپولين جي فوج کي ڀاري ڌڪ لڳو هو. زخميل حيوان مثل رڙهندي رڙهندي، اها ماسڪو پهتي هئي، جتي پهچي اُن ڏٺو تہ زندگيءَ جي لهر ٽڪري ٽڪري گهٽجي رهي هئي. ڪاڌو بلڪل خلاص ٿي ويو هو ۽ اڌ کان وڌيڪ شهر جلي رهيو هو. نيپولين اهڙي دشمن جي هٿن ۾ ختم ٿي رهيو هو، جو وڙهيو ئي نہ ٿي! ۽ هيءَ اهڙي شڪست هئي جنھن مان آٿڻ نهايت ڪٺن هو.

هن ڪٽزوف ڏانهن، صلح جي شرطن مقرر ڪرڻ لاءِ، پنهنجا عيوضي موڪليا. ڪٽزوف کين چڙڪ جواب ڏنو، "رشيا مان ٻاهر نڪري وڃو!"

آخر .... فرانسين جي شاهي فوج جي سر تي چڙهائي سوار ٿي- ڦاٿل ۽ مرندڙ جانور جهڙي چڙهائي! نيپولين جي ماسڪو کان پٺتي هٽڻ لاءِ ڏنل حڪم کان پوءِ بہ اها چڙهائي جاري رهي. وڃڻ وقت پاڻ سان گهڻي

۽ گهڻو ڪاڏو ڪڍڻ بجاءِ، فوجي گهڻي ۽ گهڻو لوٽ‌مار جو مال ڪڍڻ لڳا. فوجي انتظام موجب قطارن ۾ هلڻ بجاءِ هو بي ترتيب مجموعن ۾ هلڻ لڳا، سڀني فوجين جي دل ۾ هڪ ئي خيال هو—شيطان جي چنبي مان جيترو جلد ڇٽي سگهجي، ڇٽي نڪرجي!

١٧ آڪٽوبر ١٨١٢ جي صبح جو، جنهن شيڊ ۾ پيئري ۽ ٻيا قيدي بند هئا، انجو دروازو کليو ۽ هو ٻاهر بيهي رهيا ۽ فرانسي ڪپتان فرانسي ٻوليءَ ۾ واڪو ڪيو، ”فاهر فلمر!“ (قطارن ۾ بيهو! قطارن ۾ بيهو!)

ماڻهو موٽن ۾ ٻاهر نڪرڻ لڳا ۽ ٻاهر جي ٿڌ کان بچڻ لاءِ هڪٻئي سان گڏ گڏ ٿيڻ لڳا. پيئريءَ جي بدن تي ميري، ڇتين لڳل خميص، فوجين جي پتلون، ڪرمين جو ڪوٽ ۽ ٽوپي پيل هئا. هنجا پير اگهاڙا هئا. منهن جو هيٺيون حصو وڏي ٿيل ڏاڙهيءَ سان ڍڪجي ويو هئس ۽ سندس وڏا، ڪکل وار، برف سان ڀرجي، گهنڊين گهنڊين ۾ پيشانيءَ تي لٽڪي رهيا هئا. پر هنجي اکين ۾ محڪمتا، صبر ۽ عقلمنديءَ جي جهلڪ صاف ظاهر هئي، جا اڳ سندس دوستن ڪڏهن به آئي نه ڏٺي هئي.

هنجي پرسان ئي فرانسي فوجين جو هنن مٿان نگهباني ڪرڻ وارو جٿو هو، جنکي ٻاڻ سان ڪوٽ، بندوقون ۽ بغل- ٿيلهيون فوجي ۽ سامان جون گاڏيون، سڀ شاهي رستي تان اڳتي وڌي رهيا هئا.

پيٽري اڳتي وڌي ڪپتان وٽ ويو ۽ کيس چيائين ته قيدين ۾ جي بيمار آهن، انهن جو ڇا ٿيندو؟ ڪپتان جهنگلين جهڙو جواب ڏنس، ”هنن کي به ٻين وانگر پيدل هلڻو پوندو.“

”پر ڪي ويچارا ڏاڍي پيڙهه هيٺ آهن ...“

”قطار ۾ وڃي بيهه!“ ڪپتان کيس ڌڪو ڏيندي، رڙ ڪئي. ٻين شهرن مان به گڏي، ڪل ٽڙيوٽي تي سؤ کن قيدي هئا — بکايل ۽ آزاريل، هو سڀ، فرانسي فوجين جي پٺيان، ڪنهن طرح هلندا ٿي ويا. هنن جي پٺيان سامان جون گاڏيون هلي رهيون، جن مان هر هڪ تي ڳاڙهن ڳلن واريون، رنگبرنگي ڪپڙا پهريل عورتون ويٺل هيون؛ جي هلڪي نموني کلي ۽ گانا ڳائي رهيون هيون.

هو سڀ ڪالوگا رستي تان هلڻ لڳا ۽ رات ٿيندي کليل ميدانن ۾ اچي پهتا. هتي قيدين کي گهوڙن جو گوشت ڏنو ويو ۽ کين چيو ويو ته لڪڙيون جلائي، پاڻ جي پرسان ٿي سمهن.

ٻئي ڏينهن صبح جو هو برف ۽ گپ مٿان پنڌ ڪندا اڳتي وڌيا ۽ اڳيان ويندڙ ٻين فوجين ۽ قيدين جي ٽوليءَ کان اڳتي وڌي ويا. پليٽن ڪاراتيف سڄو وقت پيٽريءَ سان گڏ هلي رهيو هو ۽ کيس آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ٽن هفتن بعد، قيدين جو اهو مجموعو، جنهن ۾

پيٽري به هو، ته سوَن مان گھٽجي نوي تي وڃي پھتو. ڪاڏي وارين گاڏين مان اڌ ڪاڏو، اڳيان ھلندڙ فوجين خلاص ڪيو ھو ۽ باقي اڌ، لڙاڪ روسي ڪوزڪن ڦريو ھو. فرانسي فوجين جا ڪپڙا ڦاٽي ويا ھئا ۽ قيدين وانگر کين به پيرن ۾ بوٽ نه ھئا. سندن سڄيل پيرن تي ڪپڙن جون ٿلهيون پٽيون ويڙهيل هيون ۽ هوُ اڪيٽي هلندي هلندي، ٿڪي رهجي ٿي ويا. سڀ جدا جدا پلٽڻن جا فوجي ھئا ۽ اڪثر پاڻ ۾ وڙهي رهيا ھئا. ڏينهن رات ڪوزڪن جي حملن جي خيالي خطرن ۾ فوجي شور مچائي رهيا ھئا ۽ حراس ۾ ڪيڏانهن ڀڄي وڃڻ خاطر، هڪٻئي کي گولين سان ماري رهيا ھئا يا هڪٻئي کي پيرن هيٺان لتاڙي رهيا ھئا. پر هنن جي سڀ کان وڏي شڪايت اها هئي ته رات جي ولهه ۾ کين قيدين جي ٽولين مٿان پهرو ڏيڻو ٿئي پيو. رستي تي هرهنڌ ماڻهن ۽ گهوڙن جا هڏن جا پڃرا پيا ھئا.

پيٽريءَ کي پنهنجي گذريل امرائي ۽ شاهاڻي زندگي گهڻو اڳ وسري چڪي هئي. هنکي سپني ۾ به ان ڳالهه جي خبر نه پئي هئي ته سندس زال ايلن ماسڪو ۾ اهڙي بيماريءَ ۾ موت جي بستري تي ليٽي پئي هئي، جنهن ماهر ڊاڪٽرن کي به منجهائي وڌو هو. پر اگر کيس معلوم هجي به ها ته به هن لاءِ اها

بي معنيٰ ۽ اُبتري ڏورانهين ڳالهه هئي، گويا ڪنهن
ٻئي ڪنڊ ۾ ٿي رهي هئي.

ٽن هفتن جي پيدل هلڻ سان هنکي هڪ نئون ۽
آنت ڏيندڙ سچ معلوم ٿيو هو. اُهو سچ اِهو هو ته
ڏک سهڻ جي به هڪ حد هئي ۽ اُها حد جلد اچي
ٿي پهتي. ننڊ نه اچڻ جي بيماريءَ ۾، نرم گديلن
واري بستري تي سمهيل شخص به ايتري ئي تڪليف
سهي ٿو، جيتري آلي ڌرتيءَ تي سمهيل، اوٻاسيون
ڏيندڙ شخص. ڏينهن جي وقت، پنڌ ڪرڻ سان هو
پاڻ کي گرمائش ڏيئي سگهندو هو ۽ رات جي وقت
باهه جي پرسان ويهي رهندو هو. هر روز صبح جو پنهنجا
اُگهاڙا پير ڏسندو هو ته سمجهندو هو ته شايد سؤ قدم
به نه هلي سگهندو، پر جڏهن منڊڪائيندو هلڻ شروع
ڪندو هو ته ٿوري وقت ۾ اها ڳالهه وسري ويندي
هئس؛ جيتوڻيڪ هر روز شام جي وقت پير وڌيڪ بدتر
معلوم ٿيندا هئس.

پليٽن ڪاراٽيف، خوشيءَ ڀريل نگاهن سان ۽
مشڪندي هنکي ڪڙمين جا قصا ٻڌائيندو هلندو هو.
اُهي قصا من گهڙت هئا، جنجي آخر ۾ گهڻو ڪري
ڪا نه ڪا مذهبي سکيا سمايل هوندي هئي. پيئريءَ
کي اهي قصا خوش نه ڪندا هئا، پر اهي قصا ٻڌائڻ
وقت، ڪاراٽيف جي چهري تي نوراني خوشيءَ جي
جهلڪ ڏسي، سندس دل خوشيءَ سان ڀرجي ويندي هئي

۾ سنڌس زندگيءَ کي ٽئين معنيٰ ملي ويندي هئي. اڪثر ڪارانيف ڪا ڳالهه چوندو هو جا ٿورو اڳ سنڌس ٿي چڪل ڳالهه جي بلڪل ابتڙ هوندي هئي، تڏهن به هوندو هو سچيون هيون! هنڪي ڳالهائڻ وڻندو هو ۽ ٻڌندڙ کي به هن جو ڳالهائڻ وڻندو هو، چاڪاڻ ته سنڌس ڳالهائڻ ۾ خوب چرچا ۽ ٽهاڪا مليل هوندا هئا؛ جي پيٽريءَ جي خيال موجب، سنڌس ٿي ڳالهيل هوندا هئا. پر هنجي ڳالهين جي سڀ کان وڏي خوبي اها هوندي هئي ته بلڪل معمولي واقعا -- جي پيٽريءَ خود پنهنجين اکين سان ڏٺا هئا، پر انهن طرف ڪو ڌيان نه ڏنو -- ڪارانيف جي ذڪر ۾ غير معمولي ۽ معنيٰ خيز معلوم ٿيندا هئا.

هنجي ڪنهن ڳالهه کان متاثر ٿي، پيٽري ڪڏهن ڪيس ساڳئي ڳالهه دهرائڻ لاءِ چوندو هو ته ڪارانيف ان کان بلڪل قاصر رهجي ويندو هو. جملن مان لفظن کي ٻاهر ڪيڻ سان هو نه انهنجي معنيٰ سمجهائي سگهندو هو ۽ نه سمجهي سگهندو هو. هنجو هڪ هڪ لفظ ۽ هڪ هڪ قدم ان شڪتيءَ جو اظهار هو، جنهنجي هنکي به ڄاڻ نه هئي ۽ اها شڪتي هئي هنجي زندگي. پر هنجي زندگيءَ کي سنڌس نظرن ۾، الڳ زندگيءَ جي روپ ۾ ڪا به معنيٰ نه هجي، هنجي اردگرد واري پوري جيوت جو حصو بڻجڻ سان ٿي سنڌس زندگيءَ کي ڪا معنيٰ هئي ۽ رستي ٿي پڌ ڪندي، پورو

وقت هو آن احساس طرف بيدار هو. هنجا لفظ ۽ قدم هن مان اهڙي سياويڪ، اڻ ترۂ ۽ ازخود نموني ۾ وهي نڪرندا هئا جئن گل مان خوشبوءِ نڪرندي آهي. هو ڪنهن به لفظ يا قدم کي جدا ڪرڻ سان آنجي معنيٰ سمجهي نه سگهندو هو.

پيٽريءَ جي حساب موجب، جنهن کي واقفڪار، عزيز، دوست يا محبوب ڪوٺجي، ڪاراتيف جو اهڙو ڪوئي نه هو؛ پر هو جنهنجي به لهه وچڙ ۾ ايندو هو، آن سان حياتي نموني هلندو هو. انسان سان ته خاص طرح محبت هئس. ڪنهن خاص انسان سان نه، پر جو به سندس اکين سامهون ايندو هو. هو قيدين جي هن ٽوليءَ وارن پنهنجن سيني ساٿين کي پيار ڪندو هو، فرانسيسن کي به پيار ڪندو هو ۽ پيٽريءَ کي به، جو سندس پاڙيسري هو. پر پيٽري محسوس ڪندو هو ته، باوجود ڪاراتيف جي ان ڪوملتا جي، هو ڪائنس جدا ٿيڻ تي ڪن لاءِ به غمگين نه ٿيندو. جدا ٿيڻ ڪانپوءِ، جو به سندس سامهون ايندو، هنڪي وري اڳ جيان هو پيار ڪندو ويندو ۽ پيٽريءَ جي دل ۾ به ڪاراتيف لاءِ اهڙو ئي احساس پيدا ٿيو. هو محسوس ڪرڻ لڳو ته مٿس به هن ساده دل سپاهيءَ جهڙي سچائي ۽ معصوميت ڇانئجندي ٿي وڃي.... تہ هو به هاڻ آهو الڳ شخص نه هو، جنهن کي پنهنجا خود غرضي پيار، ڏپ ۽

نفرتون هيا، پر آن شاهي سڄي جو حصو هو جو دائما سهندو ۽ پيار ڪندو هو.

ڪاراتيف کي بخار اچڻ لڳو ۽ فرانسي فوجن کي حڪم مليل هو ته جو شخص اڳتي هلي نه سگهي، هنکي گوليءَ سان ماري ڇڏين. بخار جي باوجود به هر روز هو ڪنهن نه ڪنهن طرح پنڌ ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن صبح جو پنڌ شروع ڪرڻ مهل پيرڙيءَ ڏٺو ته ڪاراتيف سندن ٽوليءَ ۾ نه هو. هن منهن ورائي ڏٺو ته هو هڪ وڻ جي هيٺان ويٺو هو ۽ ٻه فرانسي فوجي نڙڙي هن سان ڳالهائي رهيا هئا. ٿوريءَ دير بعد، جڏهن پيرڙيءَ جي ڪنن تي ٺڪاءُ جو آواز پيو، تڏهن به هنکي منهن ورائي پٺتي ڏسڻ جي همت نه ٿي.

* * * * *

زار ۽ جرمن جنرل هاڻ ڪتزوف تي زور رکي بيٺا هئا ته هو فرانسين جي شاهي فوج تي ڪاهي پوي ۽ آن کي بلڪل ختم ڪري؛ پر چانباز ٻڍي ڪمانڊر انهن حڪمن، صلاحن ۽ عرضن طرف ڪو ڌيان نه ڏنو. هنکي نيپولين کي روس ۾ رهڻ نه ڏيڻو هو، ڪيس ٻاهر ڪيڍو ٿي هو. زخميل حيوان هاڻ جهرجهنگ مان هلندو، ڀڄندو ٿڪي وڃو ۽ حراس ۽ بک ۾ پنهنجو پاڻ ٿي ختم ٿيڻو هو. ڪتزوف جي اڳڪٿي برابر نڪتي، روس

جي سرحد تائين پهچڻ وقت شاهي فوج جا ڏهون حصو ماڻهو مس وڃي بچيا هئا.

ڪتزوف، واپس وينداڙ فرانسيسن تي حملي ڪرڻ لاءِ ڪجهه فوجي ٽوليون موڪلي تي راضي رهيو، انهن مان هڪ جو اڳواڻ ڊينسوف هو.
دوبدو ٽيهن وقت "امپاير" ٿيو هو. ڊينيسوف کي آڪٽوبر جي آخر ۾، هڪ ڏينهن معلوم ٿيو ته فرانسيسن جي هڪ ٽولي ڀٽڪي رهجي ويئي هئي ۽ هن وقت سمولينسڪ جي ڀرسان هئي. ڊينيسوف ۽ سندس ڪوزڪ فوجي يڪدم گهوڙن تي چڙهي آن طرف ويا.

جڏهن هو آن ٽوليءَ جي ويجهو پهتا، تڏهن هنن ڏٺو ته فرانسيسن اڳواٽ ئي کين ڏٺو، گوليون هلائڻ شروع ڪيون هيون. ڪوزڪن به موٽ ۾ گوليون هلايون، جن ۾ ڪجهه فرانسي مارجي ويا. فرانسيسن جي پنيان، ڦاٽل ڪپڙن ۾ ڪجهه ڪرمي نظر اچي رهيا هئا. ڪوزڪ گهوڙن تي هونديئي گول ڦري ٽوليءَ کي گهيرو ڪري ويا ۽ آخر رهيل فرانسيسن کي پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيائون. ڪرمين واري ٽوليءَ واکو ڪري چيو، "ڪوزڪ اچي !!" ڪوزڪن گهوڙن تان هيٺ لهي روسي قيدين سان ڀاڪر پاتا. پيئري به هنن ۾ هو. ڪن پل لاءِ هو پٿر مثل بت بڻيو، پنهنجي ساٿين جا خوشيءَ جا واڪا ٻڌندو رهيو. پوءِ

زور سان ٺهڪ ڏئي، رڙ ڪيائين، ”مائي! اسان جا پنهنجا ماڻهو! اسان جا پاڙر!“

* * * * *

ڪوزڪ پيٽريءَ کي اوربل شهر ۾ وٺي ويا، جتي جي اسپتال ۾ هن ٽي مهنا بيماريءَ ۾ گذاريا. قيد واري زندگيءَ جي ڏکن ۽ بکن هاڻ ٽي پورو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو. سڄو وقت... ولهه، بارش ۽ برف جا خيال اچن ٿي، پيرن جي سور جو احساس آيرڻ ٿي، هر طرف غمگين صورتن نظر اچن ٿي ۽ ڪنن ۾ حيواني حڪمن ۽ رحم لاءِ دانهن جي آوازن گونججندي، هو پيو ڪجهه نه ڪجهه، وڦلندو رهندو هو.

ڏينهن گذرڻ سان.... آهستي آهستي اها ڳالهه هنجي سمجهه ۾ وڃڻ لڳي ته هاڻ پٺي ڏينهن هنکي اڳتي پنڌ نه ڪرڻو هو.... ته ڪوئي به ڪانئس سندس هاڻ وارو گرم بسترو ڦري نه ويندو.... ۽ هنکي ڏينهن جا ٽي وقت بدستور ماني ملندي رهندي. ڪيترن هفتن گذرڻ کان پوءِ وڃي هن اها ڳالهه محسوس ڪئي ته هاڻ هو قيدي نه هو، تڏهن به سپنن ۾ هو پاڻکي، ٿڪل، بکايل ۽ ٿڏ لڳل هوندي به، جهنگلن جي ڪئمپ ۽ برف تان بيحد مشڪلات سان پنڌ ڪندو ڏسندو هو.

ساڳئيءَ طرح، جيئن هو چڱيءَ طرح جهٽي،

تيسين ور ور ڪري ڪيس پڌايو ويو ته سندس زال ايلن لاعلاج مرض ۾ مبتلا ٿي مري چڪي هئي، ته سندس گهرو دوست پرنس ائنڊري به هاڻ هن جهان ۾ نه هو ۽ فرانسي هارائي، واپس پڇي ويا هئا.

پر آخر.... آزاديءَ جي خوشيءَ سان پريل احساس هن ٿي چانئنجڻ لڳو. ”اوه! مان ڪيترو خوش آهيان! زندگي ڪيڏي عاليشان آهي!“ هو ور ور ڪري پاڻ کي چوڻ لڳو. پهرين هن ائين سمجهو ته هنجي خوشي لاءِ سندس ميسر ڪمل آسائش سبب هئي — سنگمرمر جي صورت اڇو ڪڏو پيتو، نرم ۽ اڇو اجرو بسترو.... پر آهستي آهستي هو محسوس ڪرڻ لڳو ته اها آزادي اندرئين هئي، پاهرين حالت کان بلڪل بيپرواهه، جا ڪيس ايتري خوشي پهچائي رهي هئي.

زندگيءَ جي مقصد جو سوال؛ جنهنجي ڳڻتي گذريل ڏينهن ۾ ڪيس دائما ستائيندي رهي هئي، اوچتو هميشه لاءِ غائب ٿي ويو هو. هاڻ هنکي اهڙي مقصد جي ڳولها ڪرڻ جي ڪا ضرورت نه هئي ڇاڪاڻ ته هاڻ هنجي دل ۾ وشواس پيدا ٿي چڪو هو. اهو وشواس ڪن متن، لفظن يا ويچارن ۾ نه هو، پر زنده ۽ جڳ پرسڌ ذاتيءَ ۾ هو. ذاتيءَ کي حاصل ڪرڻ، هنلاءِ زندگيءَ جي مقصد جي ڳولها بڻجي ويو هو. ۽ پوءِ اوچتو، جڏهن هو قيدي هو، تڏهن هن کي ڪنهن جي چوڻ يا ڪنهن سان بحث ڪرڻ سان نه پر پنهنجي احساس

دوران، معلوم ٿيو تہ ڏٺي هٿي آهي، جتي ڪٿي آهي. هن ڏاڍو مسڪين، سادي سودي ڪارائيف جو ڏٺي وڏيڪ شاندار، وڏيڪ حقيقي ۽ وڏيڪ سچو آهي، بجاءِ اُن ڏٺي جي، جنهنجو ذڪر، وڏا واعظ ڪندڙ خوب شد مد سان ڪندا آهن.

پهريءَ پالڪي اُن شخص وانگر محسوس ڪيو جو اکيون ڦاڙي، دور آهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪري، جو سندس قدمن جي ويجهو ئي موجود هو. هن مهل تائين پنهنجي پوري زندگي، هو پنهنجي ويجهن شخصن متان ۽ آنهن کان گهڻو دور، عقل جي دوربينيءَ ذريعي پيو چتائي نهاريندو هو. هو اُن ڳالهہ کان بلڪل بيخبر هو تہ کيس دور نظرون ڊوڙائڻ جي ڪا ضرورت نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ جي سندس بلڪل قريب هئا، آنهن کي ئي ڏسڻو هئس.

هاڻ هو هر چيز ۾ اُتم، ابدي اپار ڏسڻ سکي ويو هو ۽ جيترو وڏيڪ ويجهڙائيءَ تان اُنکي ڏسڻ لڳو، اوترو وڏيڪ سنتوش ۽ سک پائڻ لڳو. هاڻ هنکي عقل جي دوربينيءَ جي ضرورت نہ هئي. آکين ڏٺن ۾ جنهن هيبتناڪ سوال هنجي زندگي برباد ڪري ڇڏي هئي، اهو سوال — ”ڇا لاءِ؟“ — هاڻ هن لاءِ ختم ٿي چڪو هو. ”ڇا لاءِ؟“ — سوال لاءِ هن وٽ هاڻ هميشہ اِن جو سولو جواب ميسر هو ۽ اهو هو — ڏٺي لاءِ! ڏٺي جنهن جي مرضيءَ بنا انسان جو وار بہ ڇري نہ ٿو سگهي!

* * * * *

سڄو سارو سال گذري ويو ... جنگ جا نشان خواه انسانن جا زخم ميٽجي رهيا هئا. زندگي پنهنجي سڀاويڪ، دستوري ڍانچي ۾ موٽي رهي هئي. پيٽرسبرگ ۾ ڪائونٽيس ماشا روستوف ۽ هنجي مڙس ڪائونٽ نڪولائي روستوف جي گهر ۾، نتاشا سان گڏ ويٺو، پيئري پنهن جي قيدي جيوت جا آزمودا ٻڌائي رهيو هو - "نڌهن اسان جي فوجين اچي اسان کي بچايو،" هن آخر ۾ چيو.

مان سمجهان ٿي ته توهان اسان کي سڀ ڪجهه نه ٻڌائي رهيو آهين،" نتاشا چيو. "۽ مان سمجهان ٿي ته تو به ڪجهه نه ضرور ڪيو هوندو- ٿورو ڪجهه؟"

پيئري ءهمن کي ڪاراتيف بابت ٻڌائڻ شروع ڪيو.

پنهنجي جاء تان اٿي اچ وڃ ڪرڻ شروع ڪئي. نتاشا جون نگاهون سڄو وقت هن تي ڪتل هيون.

"نه،" هن پنهنجي ڪهاڻيءَ کي اڌ ۾ روڪي چيو. "توهان نه سمجهي سگهندءَ ته مون ان شخص، ان سادي ۽ سڪي شخص وٽان ڇا پرايو."

ڪائونٽيس ماشا جو هنجي ڳالهين طرف ڌيان نه هو، هوءَ ڪجهه ٻيو ٿي سوچي رهي هئي، جنهن ۾ سندس ويچار- ڌارا پوري ٻڌل هئي. اتي ويٺي ڪيس پهريون ٿي دفعو اهو خيال آيو ته پيئري ۽ نتاشا جي وچ ۾ پيار ۽ سڪي جيوت جي ڳالهه به ممڪن ٿي سگهي

ٿي؟ اهو خيال ايندي ئي هن جي دل بيحد خوشيءَ سان ڀرجي ويئي.

نتاشا چمڪندڙ ۽ خواهان نظرن سان پيٽريءَ طرف ڏسي رهي هئي، ڪري ٽڪ ٽڪ نهاري رهي هئي، گويا هوءَ سندس جو ڪاٺئي جيوت جو داستان، جو پيٽريءَ پورو نه ٻڌايو هو، ٻڌڻ لاءِ بيچين هئي.

اڌ رات گذري چڪي هئي. صبح جا ٽي لڳا هئا. نوڪر نيون ميڻ بتيون رکڻ لاءِ اندر آيا. هننجي چهرن تي رنجش ۽ ناراضگيءَ جا نشان صاف ظاهر هئا، پر ڪنهن به هنن طرف ڌيان نه ڏنو.

”ماڻهو ڏکن کي پنهنجو خراب نصيب ڪري سمجهندا آهن،“ پيٽريءَ چيو. ”پر مونکان اگر ڪوئي پڇي ته تون قيد کان اڳ جئن هئين، تئن هئڻ پسند ڪرين يا وري قيد واري جيوت دهرائڻ قبول ڪرين؟— ته مان جهٽ چوان ته ٻيهر جي واسطي مونکي هڪ دفعو وري قيدي بڻايو ۽ گهوڙن جو گوشت کارايو!“

نتاشا شروع جيان هن ڏانهن نهاريندي رهي.

”اسين ائين سمجهندا آهيون ته پنهنجي روز مره جي جيوت کان ڇڄي ڌار ٿيا سين ته سڀ ختم ٿي ويندو. پر دراصل ائين ٿيڻ ڪانهي ئي ڪجهه نئين، ڪجهه بهتر ٿيڻ جي شروعات ٿئي ٿي. مان ته ان راهه تي بهتو آهيان ته جيسين زندگي آهي، تيسين سک آهي.“ اڄ ۽ خوشيءَ جي مليل جهليل احساس وچان پيٽريءَ نتاشا

Soorih Mirani

طرف منهن ڪري چيو، ”۽ اها ڳالهه، مان خاص طور توکي ٻڌو چوان.“

”ها، ها،“ نتاشا چيو. ”مان هجان ها ته مان به ائين ئي چوان ها ته مونکي اهڙو سخت آزمودو وري وٺڻ ڏيو.“

پيئري هن ڏانهن گهوري نهاريو.

”بس ايتروئي، وڌيڪ ڪجهه به نه،“ نتاشا چيو.

”ائين ناهي، ائين ناهي،“ پيئري زور سان چيو. ”زنده هئڻ يا زنده رهڻ جي خواهش هئڻ ۾ منهنجو ڪو ڏوهه نه آهي، تنهنجو به نه آهي.“

اوچتو نتاشا پنهنجي هٿن ۾ پنهنجو چهرو لڪايو ۽ روئڻ لڳي.

”ڇا ٿيو نتاشا؟“ ڪائونٽيس ماشا پڇيو.

”ڪجهه نه، ڪجهه نه،“ هوءِ پيئريءَ طرف نهاريندي، اکين ۾ آنسو هوندي به مشڪڻ لڳي. ”چڱو، مان وڃان ٿي. سمهڻ جو وقت ٿي ويو آهي.“ ايترو چئي هوءِ ٻوڙي هلي وئي.

پيئري به موڪلائڻ لاءِ اُٿيو.

”ذرا ترس،“ ڪائونٽيس ماشا چيس.

پيئري هنجي اکين ۾ نهارڻ لڳو.

”مون کي معلوم آهي ته هوءِ چاهي ٿي ...“ ڪائونٽيس ماشا چيو ۽ پوءِ پاڻ کي درشت ڪندي چيائين،

”.... ته هوءَ توکي پيار ڪري ٿي...“

”تون اها ڳالهه ڪئن ٿي چئين؟ تون سمجهين ٿي مان اهڙي ڳالهه جي اميد رکي سگهان ٿو؟ تون سمجهين ٿي ته...ته...“

”ها، ها، مان سڀ سمجهان ٿي،“ ڪائونٽيس ماشا مشڪندي چيو.

”نه، نه، ڪڏهن ائين به ٿي سگهي ٿو؟“ پيئريءَ کي گويا پنهنجن ڪنن تي ئي وشواس نه ٿي آيو.

”آه! مان اڄ ڪيترو خوش آهيان. جنهن ڏينهن مون هن کي پهريون دفعو ڏٺو هو، ان ڏينهن کان ئي دل ئي دل ۾ کيس ڏاڍو چاهيندو آيو آهيان.“ پوءِ ڪائونٽيس ماشا جو هٿ چمي، ان کي پنهنجي ڇهري سان لڳائيندي چيائين، ”او ڪائونٽيس! مان تنهنجو ڪيڏو شڪر گذار آهيان.“

”هنجي مائٽن کي لکي موڪل،“ ڪائونٽيس ماشا چيو. ”باقي سڄو ڪم مان پاڻهي ڪنديس. موقعي ملڻ تي مان نتاشا سان به پاڻهي ڳالهه ڪنديس. منهنجي پاڻ مرضي آهي ته اهو ناتو ترت ڳنڍجي.“ چوندي چوندي هن جي اکين ۾ اهڙي روشنيءَ جي جهلڪ نمودار ٿي، جا ڏٺي چاڻ ڪان به وڏيڪ گهري هئي...

”۽ منهنجي دل چوي ٿي ته اوس ائين ٿي رهندو!“

——

رابيل پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

١- رات مانت سوچون	طارق عالم	(ختم ٿيل)	٧-٠٠
٢- ڪوهيڙي ۽ ويڙهيل ڀاڌون	محمود مغل	”	٨-٠٠
٣- بندر ديسان ديس	الطاف شيخ	”	٨-٠٠
٤- هم سفر	امرتا پريتم	”	٦-٠٠
٥- گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاش		”	١٠-٠٠
٦- اگين ۽ تنگيل سپنا		”	١٢-٠٠
٧- اناميڪا	الطاف شيخ	”	٥-٠٠
٨- سمونڊ جي ساٿيهه	”		٥-٠٠
٩- دنيا آهي ڪاڪ محل	”		٥-٠٠
١٠- فلسطين جي جنگ	قادر جوڻيجو	”	٥-٠٠
١١- گلن جي بغاوت	سعادت منٽو		١٠-٠٠
١٢- جميله			١٠-٠٠
١٣- بهار جي خوشبو	ڪرشن چندر		٨-٠٠
١٤- مان انتظار ڪندس	”		٧-٠٠
١٥- ڪوڙي دنيا سچا ماڻهو	قادر جوڻيجو	”	٦-٠٠
١٦- لطيف سنڌ آهي	”	”	٨-٠٠
١٧- حڪمران غلامي	”	”	٥-٠٠
١٨- شاهه، سچل، سامي	انم		٧-٠٠
١٩- شرابي نگاهون	امرتا پريتم		٧-٠٠

٢٠- سونهري ڀنڀا	پرل ايس بڪ	٧-٠٠
٢١- ٻهار	ڊالسٽاءِ	٨-٠٠
٢٢- ٽئگور ۽ آزادي	قادر جوڻيجو	٦-٠٠
٢٣- زندگي بغاوت ۽ آزادي	”	١٠-٠٠
٢٤- مان باغي آهيان	ڪرشن چندر	٧-٠٠

اوهان جي پريشانين جو حل اسان ڳولهي ورتو.

اوهين ڪٿي به رهندا هجو ڇپائي جي هر ڪم لاءِ اسين حاضر. ڇپائي جو ڪم جهڙوڪ:
بل بڪ / شادي ڪارڊ / رسيد بڪ / وزيٽنگ ڪارڊ
ڪتابن جي ڇپائي / ٽائيٽل جي ڇپائي. سهڻي نموني / وقت اندر ڪري ڏني ويحي ٿي.

لطيف نيوز ايجنسي

لڳ عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ.

سڄي سنڌ ۾ ڪتابن ۽ رسالن جي سهڻي نموني ورهاست پڻ ڪيون ٿا.

لاڙڪاڻي شهر ۾

سنڌي، اردو، انگريزي ڪتابن جو مرڪز

رابيل ڪتاب گهر

لڳ مهران هوٽل لاڙڪاڻو.

جتان اوهان کي ڪتاب رعائتي اگهن تي ملي سگهندا.

Soorih Mirani



ليو ٽالسٽاءِ

جنگ ۽ امن روسي ليکڪ ڪائونٽ ليو ٽالسٽاءِ جو جنگ جي موضوع تي هڪ شاهڪار ناول آهي.

ليو ٽالسٽاءِ ۹ سيپٽمبر ۱۸۲۸ ۾ پيدا ٿيو. ۱۷ سالن جي ڄمار ۾ هو فوج ۾ ڀرتي ٿيو. فوجي آفيسر ٿيڻ بعد هن جنگ جي جيڪا تصوير ڏٺي تنهن کيس لکڻ تي وڌيڪ اڪسايو ۽ هن جنگ جي موضوع تي "جنگ ۽ امن" ناول تخليق ڪيو. جنگ ۽ امن ناول لاءِ ٽالسٽاءِ جي همعصر ليکڪن جي راءِ آهي ته ٽالسٽاءِ جو روسي ادب ۾ هي شاهڪار ناول آهي. هن ناول جو هر زبان ۾ ترجمو ٿيو. ۽ لکن جي تعداد ۾ وڪرو ٿيو. هن سڄي ڄمار انسانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ گذاري.

۲۱ نومبر ۱۹۱۰ تي ٽالسٽاءِ گذاري ويو

نظام عباسي

نالو : صاحب خان ميراڻي
ولد : بهادر علي
ادبي نالو : سورهه ميراڻي
جنم : 08.04.1975
جنم هنڌ : ڳوٺ ڪيڙو، تعلقه رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.
حال ائڊريس : غريب آباد محله نئون ديرو. تعلقو رتوديرو.
تعليم : M.A سنڌي
ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

اڻ ڇپيل ڪتاب

ڌرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) 1990ع
سائر سهس ڳجن (شاعري) 2021ع
برهه منجهارا بوند (شاعري) 2022ع
صاحبِ ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 0344 – 3919786
0300 – 3404488
اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سوره ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488